سچي جهڙي سونُ

[شاھ عبداللطيف جي بيتن جي سمجهاڻيءَ بابت
ڪتاب 'ٻولي ٻجهارت' تي ٽيڪا ٽپڻي]

محقق
ڊاڪٽر نواز علي شوق

ELSA
ايلسا
Publication

Scanned with CamScanner

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	سَچي جِهڙي سونُ
موضوع:	شاهه عبداللطيف جي بيتن جي سمجهاڻيءَ بابت
ليکڪ:	ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڇاپو پهريون:	فيبروري، 2022ع
ڇاپيندڙ:	ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد
رابطي لاءِ:	0300-3200824
تعداد:	1000 ڪاپيون
قيمت:	250 رپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

- رومي ڪتاب گهر، حيدرآباد
- پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد
- ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- شاهه لطيف ڪتاب گهر، حيدرآباد
- ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد
- ڊانيال ڪتاب گهر، قاسم آباد حيدرآباد
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو

Scanned with CamScanner

اَڻَ ڪِي عَيانَ نہ ٿيي، ڪِي پَرُوڙي ڪونَ
سَچِي جِهڙِي سونَ، مُنہِ نہ پيئي ماڙهوئينَ.

ترجمو:

1. اڻ ڪيل ۽ اڻ آزمايل ڳالهہ (تہ ڪڏهن بہ چٽي پڌري ٿي) سمجهہ ۾ ڪانہ ايندي، پر (عجب اهو جو) ماڻهو جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو، تنهن کي بہ سوچي سمجهي ۽ پرجهي پروڙي ڪونہ ٿو!
2. (انهيءَ ڪري ٿي اهڙي ڳالهہ) جيڪا سون جهڙي سچي صاف ۽ سهڻي آهي، سا بہ ماڻهن نہ سڃاتي (ماڻهو نٿا سڃاڻن ۽ سمجهن).

محقق ۽ شارح : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
شاهہ جو رسالو: جلد پهريون

Scanned with CamScanner

فهرست

- مهاڳ — نواز علي شوق — 01
- مقدمو — نواز علي شوق — 04

سُر وار بيتن تي تفصيلي بحث

❖ سر ڪلياڻ

اول الله عليم،... 09

وحده ُلاشريڪ لهُ، ايءُ وهائج ويءُ،... 10

وحده ُلا شريڪ لهُ، جڏهن چيو جن،... 12

اوتڙ ڪنهن نہ اوليا،... 12

صورت سوجهہ مَ،... 13

علتيءَ آرام،... 14

صوفي لا ڪوفي،... 15

پتنگن پهہ ڪئو،... 16

عاشق چئہ مَ ان ڪي،... 17

عاشق ايئن نہ هُونِ،... 21

جان عاشق مٿئہ ماسُ،... 22

محبت جي ميدان ۾،... 23

Scanned with CamScanner

چڙهيو چڪاسين چاهِ،...	24
اُيي عاشقن کي،...	25
اڳيان اڏين وٽ،...	27

❖ سر يمن /ايمن ڪلياڻ

حبيب تون، طبيب تون،...	29
ڪُنيس ڪُويچن،...	29
ويچ وڃايون ڇڏ،...	29
هڻ حبيب هٽ ڪٽي،...	30
کُهن تان ڪر کُهُرا،...	31
ہَر تن اڱارن،...	35
اکر پڙهي اپا ڳيٺا،...	36
عاشق عزازيل،..	36
ايڪُ پيالو ہہ ڇٽا،...	39
ڪنڌ ڪنارو،...	43

❖ سر ڪنيات

اونداهي اڌ رات ۾،...	46
نيٺ چنائي نت،...	49

❖ سر بروو سنڌي

بروي جي باني،...	50
درتي دونهين جيئن،...	51

❖ سر سري راڳ

سيوا ڪر سمونڊ جي،...	56

❖ سر سامونڊي

وَرُ وڌائين ونجھ کي،...	58
سيئي جوين ڏينهن،...	59

Scanned with CamScanner

❖ سر گهاتو

کو جو ٿهر ڪلاچ ۾،... 60

❖ سر بلاول

جکري جهو جوان،.. 62

❖ سر ڪارايل

دلبو منجھ درياھ،... 63

❖ سر ڏهر

ڏکهي اڏ م منهين،... 65

آيون ڍور ڍري،... 67

❖ سر سسئي آبري

جي سِجهائي سڪ،... 72

❖ سر معذوري

ڏکي ڏمر ناھ،... 74

❖ سر ديسي

ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن،... 78

جَت هڏهين هُتِ،... 79

جئن سو هَرَڻُ هُماءُ،... 80

جيڪر روان روش،... 83

❖ سر حسيني

جوين جانب لاءِ،... 84

❖ سر مومل راڻو

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي،... 85

❖ سر ڪاموڏ

تون سمو آءٌ گندري،... 85

قوت جني جون ڪُوٽيون،... 88

سر صلابت سپرين،... 90

Scanned with CamScanner

❖ سر سورٺ

اللہ جي آس، ... 90

چارڻ تنهنجي چنگ جو، ... 92

جاجڪ تو جُهار، ... 94

گل چنو گرنار جو، ... 95

❖ سر رپ

ڪِين جو ڪنيارن، ... 97

❖ سر پورب

لکين ڪيا لسان سين، ... 99

❖ سر آسا

اکين ۾ تي ويھ، ... 100

پريان سندي پار جي، ... 101

جو ڪُهندُ سَهندُ سامهون، ... 103

❖ سر مارئي

پاڇاهي نہ پاڙيان ، ... 105

ارمق هڏ نہ اوڍيان، ... 107

❖ سر سهڻي

گهڙو ڀڳو، منڌ مُئي، ... 108

دهشت دم درياھ ۾، ... 108

تو ڏي تُهائين، ... 109

ڇُونم جي هيڪار، ... 109

❖ سر سارنگ

’سرلي‘ سونهن سي، ... 111

سر ڪيڏاري تي بحث 114 کان 127

مهاڳ

مينهون خان سوز بلوچ منهنجو تمام پيارو دوست آهي. اهڙي مخلص دوست تي مون کي فخر حاصل آهي. اسان جي دوستي نہ، پر ياڻپي آهي، جيڪا هڪ وڏي عرصي کان قائم آهي. انشاء الله اها دائم قائم رهندي.

ڪجھ عرصو اڳ شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي لاءِ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڀٽائي جي ڪلام جي جامع لغات تيار ڪري رهيو هو، ان ۾ مينهين خان جي بہ مدد شامل هئي. هو ڏينهن رات ان سلسلي ۾ ڪم ڪندو رهيو. مون کيس صلاح ڏني تہ انهيءَ ڪم بجاءِ اوهان شاھ تي ڪو پنهنجو ڪتاب تيار ڪيو تہ بهتر آهي. سندس اهو الزام غلط آهي تہ مون کيس منع ڪئي تہ ڪتاب نہ لکو. جيڪو ماڻهو کيس ڪتاب لکڻ لاءِ چئي، سو وري ڇو منع ڪندو تہ ڪتاب نہ لکو.

دراصل ڳالھ هيءَ آهي تہ هن ٻہ ٽي دفعا چيو تہ: ڊاڪٽر بلوچ شاھ جي بيتن جي پڙهڻين ۽ معنيٰ سان وڏا هاڃا ڪيا آهن (جيڪا ڳالھ هن پنهنجي ڪتاب ۾ بہ لکي آهي) ان تي لکندس. مون کيس چيو تہ: ڀلي لکو، پر علمي انداز هجي. سندس ڳالهين مان اهو تاثر ٿي مليو تہ هو ڄڻ شاھ تي ڊاڪٽر بلوچ کان وڌيڪ ڄاڻُو رکي ۽ ان کان وڌيڪ بهتر ڪم ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري مون کيس چيو تہ: اوهان پنج يا ڪٽي پندرهن لفظن جي پڙهڻين يا معنائن کي پنهنجي سوچ موجب ٻيو روپ يا ٻي معنيٰ ڏيندؤ، پرِ ضروري ناهي تہ اها مستند ۽ قابلِ قبول هجي، ڪٽي ڪي معنائون قابلِ قبول بہ هجن تڏهن بہ ڊاڪٽر بلوچ واري تحقيق جي ڀيٽ ۾ اها ڪا وڏي ڳالھ نہ چئبي. هن جو ڪم گهڻو، معياري ۽ مٿاهون آهي. هن وڏو ڪم ڪيو آهي، اهڙو ڪم اڄا تائين ڪو بہ ڪري نہ سگهيو آهي. پر شاھ سڀني جو آهي. هر ڪنهن کي لکڻ جو حق آهي. توهان بہ ضرور لکو. مون کيس وري بہ گذارش ڪئي تہ ادب ۽ احترام جو دامن نہ ڇڏجو.

جڏهن ٻڌم تہ سوز صاحب جو ڪتاب سال 2021ع ۾ ڇپجي ويو آهي تہ سچ پچ مون کي خوشي ٿي. مون کيس فون تي مبارڪون ڏنيون. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ

Scanned with CamScanner

جڏهن مهرباني ڪري مون کي ڪتاب موڪلي ڏنائين ته ڪتاب ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي، پر جڏهن 'جو وڙ جڙي جن سين' جي عنوان هيٺ ليکڪ پاران لکيل تحرير پڙهيم ته ڪن ڳالهين تي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇاڪاڻ ته هڪڙي ڏاهي شخص مون تي ۽ منهنجي دوست ڊاڪٽر محمدعلي مانجهي تي بدگماني ظاهر ڪئي آهي. ڊاڪٽر مانجهي ان وقت ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ انسٽيٽيوٽ، ڄامشوري جو ڊائريڪٽر هو ۽ هينئر سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو چيئرمئن آهي.

مينهين خان پنهنجي ڪتاب 'ٻولي ٻجهارت' وارو مسودو ڊاڪٽر مانجهي کي مهاڳ لکڻ لاءِ ڏنو هو. مسودو پڙهڻ کان پوءِ هن مون کي فون ڪئي ته: مينهين خان شاهه لطيف تي لکيل پنهنجي هڪ ڪتاب جو مسودو مون کي مهاڳ لکڻ لاءِ ڏنو آهي، پر ان ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب متعلق نازيبا ڳالهيون لکيون ويون آهن، هن وقت آئون ان اداري جو ڊائريڪٽر آهيان ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب ان اداري جو سرپرست آهي، هو ٻئي وڏا عالم آهن، اسان کي انهن لاءِ ادب ۽ احترام آهي، سوز صاحب بيواجبي ڪئي آهي. تنهنڪري آئون سوز صاحب جي ڪتاب تي مهاڳ نه ٿو لکي سگهان، توهان منهنجي طرفان ساڻس معذرت ڪجو.

ڊاڪٽر مانجهي مناسب ڳالهه ڪئي هئي، تنهنڪري مون سوچيو ته فون تي اها ڳالهه ڪرڻ بجاءِ ڳوٺ وڃي روبرو مينهين خان سان مانجهي صاحب واري معذرت پيش ڪندس، جيڪا مون ڪيس دوستن جي روبرو ٻڌائي. ان کان علاوه ڪيس اهو به ٻڌايم ته ڊاڪٽر محمدعلي مانجهي مون کي اوهان وارو مسودو ڪو نه ڏنو آهي. اوهان کي يقين نه اچي ته ساک کڻڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنڪري اوهان جو اهو الزام به سراسر غلط آهي. مانجهي صاحب کي مهاڳ نه لکڻ وارو منهنجو مشورو ۽ هن جو مهاڳ نه لکڻ ايڏو وڏو ڏوهه ته ناهي. سوز صاحب جهڙي سياڻي ماڻهو کي سوچڻ گهرجي ها ته بغير ڪنهن ڏوهه جي دوستن جون دليون رنجائڻ سٺو عمل نه آهي. هُو جيڪڏهن اهي ڏکوئيندڙ ۽ رنجائيندڙ ڳالهيون نه لکي ها، ته سندس ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت ۾ ڪو فرق نه پوي ها. هونئن به دوستن کي دوستن لاءِ سهڻو گمان رکڻ کپي. اسلام به ايئن ٿو چئي ته هميشه ماڻهن ۾ سهڻو گمان رکو.

محترم سوز صاحب جو ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته هن اهو ڪتاب ڪاوڙ مان لکيو آهي. اها ڪاوڙ سر ڪلياڻ کان سر بلاول تائين نظر اچي ٿي. ڪاوڙ ۾ ها: جو ته ڪاوڙ ۾ ڪجهه هيٺ مٿاهيون تي وڃن ٿيون.

Scanned with CamScanner

محترم سوز بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ’ٻولي ٻجهارت‘ ۾ شاهه جي رسالي مان 126 بيتن ۾ ٻن واين مان ڪي لفظ چونڊي عربي، فارسي، هندي ۽ سنڌي لغتن مان معنائون ورتيون آهن. جن ڪي هُو پنهنجي پر ۾ صحيح سمجهي ٿو. ۽ ٻين کي غلط سمجهي ٿو. جئين تہ ڪتاب جي مصنف فراخ دلي ڏيکاريندي پاڻ ئي اهڙي دعوت ڏني آهي. لکيو اٿس تہ:

”هاڻي هن آتريل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائي مشڪل ۽ ٿڪائيندڙ ڪم ۾ هٿ وجهڻ جي همت ڪندي دلي سڪون محسوس ڪريان ٿو ۽ سنڌ جي مهان اديبن ۽ دانشورن کي گذارش ڪريان ٿو تہ منهنجي هن قلمي پورهئي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪن تہ دل جي گهراين سان سندن آجيان ڪندس ۽ منهنجي ان اڌ ۾ ڇڏيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن، جيئن موجوده ۽ ايندڙ نسل ڀٽائي جي پوتر پارانيي کي سمجهڻ ۾ دقت محسوس نہ ڪري.“ (ص:57)

سوز صاحب جي اها دعوت قبول ڪندي، سندس ڪتاب جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي.

تاريخ ٢١ ڊسمبر ٢٠٢١ع — نواز علي شوق

ڪراچي

مقدمو

شاھ عبداللطيف جو شمار دنيا جي عظيم شاعرن ۾ ٿئي ٿو، اھو ئي سبب آھي جو سندس شاعريءَ بابت گذريل صديءَ کان وٺي گھڻو ڪجھ لکيو ويو آھي ۽ اڃا تائين لکجي رھيو آھي. ھن سلسلي ۾ تمام گھڻو مواد ڇپجي شايع ٿي چڪو آھي، پر افسوس جو معياري ڪم تمام ٿورو ٿيو آھي. شاھ لطيف ھن وقت تائين جتي وڏن عالمن ۽ اديبن جي تحريرن جو مرڪز رھيو آھي، اتي ھر نئون ليکڪ پڻ مٿس لکڻ جي تمنا رکي ٿو ۽ ان ۾ ڪو ڏوھ بہ ناھي. مطلب تہ شاھ لطيف تي لکڻ جو اھو سلسلو ڪٽڻ وارو ناھي، تازو منھنجي ديرينہ دوست محترم مينھون خان سوز بلوچ پڻ شاھ لطيف جي شاعري بابت 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب لکي پڌرو ڪيو آھي، جنھن ۾ ھن شاھ لطيف جي رسالي مان 126 بيتن جي پڙھڻين ۽ انھن جي معنيٰ تي تنقيد ڪئي آھي. ياد رھي تہ شاھ لطيف جي رسالي ۾ ٽن ھزارن کان وڌيڪ بيت آھن.

ھن ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ فاضل مصنف جي تنقيد جو خاص نشانو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مرتب ڪيل شاھ جو رسالو آھي ۽ ان ۾ آيل ڪن لفظن جي معنائن تي اعتراض ڪرڻ آھي ۽ ان سان گڏ شاھ جي انھيءَ رسالي جي جيڪا نثري سمجھاڻي ۽ مفھوم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ڏنو آھي، ان کي نشانو بنائڻ آھي. اھو رسالو سنڌي ادبي بورڊ طرفان 2016ع ۾ شايع ٿي چڪو آھي.

مان ھتي اھا ڳالھ شروع ۾ واضح ڪرڻ گھران ٿو تہ لفظن جون اھي پڙھڻيون ۽ معنائون رڳو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪونہ ڏنيون آھن، بلڪ جيئن اڳتي ھلي واضح ٿيندو تہ اھي گھڻي ڀاڱي ڪانئس اڳ شاھ لطيف جي وڏن عالمن ۽ شارحن پڻ آڏواڻي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، عثمان علي انصاري، غلام محمد شاھواڻي، علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ آغا محمد يعقوب شامل آھن، پر ھُو اعتراض صرف ڊاڪٽر بلوچ تي ڪري ٿو، ان مان ڇا سمجھڻ گھرجي، تہ ڪيس انھن ٻين رسالن ۽ ٻين عالمن جي خبر

Scanned with CamScanner

ناهي، يا ڊاڪٽر بلوچ سان سندس ڪا خاص اٽيٽٽ ۽ دشمني آهي، هن سوال جو جواب پڙهندڙن تي آخر ۾ پاڻهي واضح ٿي ويندو، اهو فيصلو انهن تي ڇڏيو رڃي ٿو.

پهريائين تہ سوز صاحب جي ان بنيادي نقطئہ نظر سان اختلاف آهي، جنهن مطابق هو لغتون ڏسي شاھ جي شعرن يا بيتن جون معنائون ڪڍي ٿو، اصولي اختلاف اهو آهي تہ عظيم شاعر لغتون آڏو رکي شاعري نہ ڪندا آهن. انهن کي اها قدرت طرفان ڏات مليل هوندي آهي، جنهن کي ڪن وهبي چيو آهي، تہ ڪن وري "شاعري جزويست از پيغمبري چيو آهي."

عظيم شاعر پاڻ لغتن جا معمار هوندا آهن، اهي لغت ساز ٿيندا آهن. اهي لغتن جا محتاج نہ هوندا آهن. ان معنيٰ ۾ هو شاعريءَ جي هيئت (Form) جا بہ محتاج نہ ٿيندا آهن، هو پنهنجي واٽ پاڻ گهڙيندا آهن، جيڪا پوءِ دنيا وارا اختيار ڪندا آهن ۽ ان کي معياري قرار ڏيندا آهن، سنسڪرت جو مشهور شاعر ڪاليداس جيڪو چوٿين صدي قبل مسيح ۾ ٿي گذريو، ان جي وقت ۾ ڪا لغت ڪونہ هئي، هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ڪونهي تہ عربيءَ جي وڏن شاعرن امرءِ القيس ۽ اعشيٰ جي وقت ۾ ڪا لغت ڪونہ هئي، پر هنن جيڪي چيو اهو لغت دانن لاءِ معيار ٿي ويو. ياد رهي تہ عربي زبان جو مشهور شاعر اعشيٰ انڌو هو. اهڙيءَ طرح فردوسي جڏهن شاهنامو لکي رهيو هو، تہ سندس سامهون ڪا لغت نہ هئي، هن جيڪي چيو، سو لغت بڻجي ويو ۽ اهو لفظ معياري ليکيو ويو. انگريزيءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر شيڪسپيئر جي آڏو ڪا لغت نہ هئي. هو انگريزي لفظن ۽ لغت جو معمار تسليم ڪيو ويو آهي. اها ساڳي ڳالھ شاھ لطيف سان آهي. هو سنڌي لغت ۽ ٻوليءَ جو معمار آهي، هن سلسلي ۾ سنڌ جي وڏي عالم ۽ فاضل علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جا الفاظ سَنَدَ جي حيثيت رکن ٿا جنهن شاھ کي شيڪسپيئر سان ڀيٽ ڪندي چيو هو.

"دراصل اها لطيف جي هٿن جي برڪت هئي، جو ارڙهين صديءَ واري سنڌي زبان ايترو وسيع ۽ ملائم صورت اختيار ڪئي، جو اهو سچاڻڻ مشڪل ٿي پيو، تہ ڇا اها اُها ٻولي آهي، جيڪا انهيءَ دور اندر عام طور سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي؟ سنڌي زبان جيڪا ان وقت هڪ محاوري يا لهجي جي حيثيت رکندي هئي. جڏهن لطيف جي هٿن ۾ پهتي تہ نهايت گرانمايہ ۽ وسيع ترين زبان بنجي وئي." (ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، صوفي لاکوفي، (ياڳو پهريون) ص:138 ۽ 140)

Scanned with CamScanner

ٻين لفظن ۾ هينئن ڪٺي ڇنڄي تہ لطيف سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪري ڏيکاريو، جيڪو نہ هن کان اڳ ڪنهن ڪيو هو ۽ نہ وري ڪو ڪائنس پہ صديون پوءِ ايئن ڪري ڏيکارڻ جي جرائت ڪري سگهيو آهي (ص:139)

تنهنڪري سوز صاحب سان ٻهريون بنيادي اختلاف اهو آهي، تہ وڏا شاعر لغتن جا پابند نہ، پر انهن جا ناهيندڙ ۽ معمار هوندا آهن. اڄ عربي يا فارسيءَ جي ڪنهن لفظ جي معنيٰ لاءِ رجوع ڪبو تہ حوالي يا سَنَد طور ڏسبو تہ وڏن شاعرن مثلاً اِرمرء القيس يا فردوسي اهو لفظ ڪيئن ۽ ڪهڙي مطلب سان استعمال ڪيو آهي.

ساڳيءَ طرح فن جي ٻين لوازمات جي صورت يا هيئت جو تعلق آهي، تہ اتي بہ وڏا شاعر پنهنجا مثال تخليق ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو لطيف علم عروض جي پابندي نٿو ڪري نہ ڪو ڇند وديا ۾ قائل آهي. ان جي شاعريءَ جو ترازو يا ماڻ سُر ۽ موسيقي آهي، جيڪا ان ڌرتيءَ جي موسيقي آهي، جيڪا اُتان جي عوام جي خمير ۾ صدين کان سمايل آهي. انهيءَ ڪري شاهہ جي وڏي ۾ وڏي پارکو علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب جنهن کي مغربي موسيقيءَ جو بہ ادراڪ هو، هينئن چوي ٿو:

”عام طور موسيقي شاعريءَ کي استعمال ڪري ٿي ۽ شاعري لاءِ موسيقي جي حيثيت شاهي چوبدار واري آهي، پر لطيف جي صورت ۾ اها ڳالهہ يڪسر بدلجيو وڃي، هتي شاعري پڻ ٻيو روپ اختيار ڪري وٺي ٿي، سندس شاعري پنهنجي فطري ۽ آفاقي نغمگيءَ سبب عام موسيقي تي حاوي آهي. ٻين لفظن ۾ اها موسيقي سندس شاعري آڏو ٻانهون ٻڌيو بيٺي آهي.“ (ص:163_164)

بهرحال شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ لفظن جي معنيٰ معلوم ڪرڻ لاءِ لغت جي استعمال کي رد نٿو ڪري سگهجي، پر لغت کان وڌيڪ شاعر جي مفهوم ۽ اسلوب کي نظر ۾ رکڻو پوندو، جيئن قديم عربي چوڻي نهايت معنيٰ خيز آهي.

المعنيٰ في بطن الشاعر.

يعني ڪنهن لفظ جي معنيٰ شاعر جي پيٽ ۾ هوندي آهي. هتي اهو اشارو آهي تہ شعرن جي معنيٰ لاءِ هرو ڀرو لغتون ڪٺي ويهي اها معنيٰ نہ ڪيو، پر سمجهہ ۽ فهم، سياق ۽ سباق ۽ وڏي ڳالهہ تہ جيئن ان لفظ جي معنيٰ عام ماڻهن روايتي طور سمجهي آهي اها اختيار ڪريو.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي رسالي جي لغت 'روشني' لکندي ڪنهن به لفظ جي لغوي معنيٰ يا اشتقاق سَنَد طور نه ڏنو آهي. حالانڪ جڏهن هو سنڌي جامع لغات جهڙو شاهڪار ترتيب ڏئي ٿو، ته ان ۾ لفظن جي اصليت ۽ اصلي ٻوليءَ ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو، اميد ته سوز صاحب آئنده لاءِ هن اهم ڳالهه تي ڌيان ڏيندو.

سوز صاحب ص:53 تي گوهر افشاني ڪندي فرمائي ٿو:

"دنيا جي شاعرن جو تجزيو ڪندي جرمنيءَ جو دانشور 'ڪارلائل' جنهن جي سامهون هومر، ورجل، گوئٽي، شيلي، ملٽن، ورڊس ورٿ ۽ شيڪسپيئر جا مسودا به هئا، پر هن سنڌ جي پٽائي کي دنيا جو عظيم شاعر تسليم ڪندي پرک لاءِ چار ماڻ ۽ ماپا مقرر ڪيا هئا جن تي پٽائي پورو لٿو." (ٻولي ٻجهارت، ص:53)

سوز صاحب هن هڪڙي جملي ۾ ڪيڏيون نه ڪل جهڙيون غلطيون ڪيون آهن! پهرين ته ڪارلائل جو جرمنيءَ سان ڪو تعلق نه هو، هو برطانيه جو هو ۽ اسڪاٽلينڊ جو رهاڪو هو، هو 1795ع ۾ ڄائو ۽ 1881ع ۾ وفات ڪري ويو، هن جون ڪيتريون مشهور تصنيفون آهن جن ۾ خاص طور Hero and Hero-worship ان ڪري مشهور آهي، جو هن ان ۾ پيغمبرِ اسلام کي هڪ عظيم هيري طور پيش ڪيو آهي. ان ۾ ئي هن ٽيون ليڪچر 'شاعر بحيثيت هيرو' ڏنو آهي، جنهن ۾ هو بنيادي طور ڊانٽي ۽ شيڪسپيئر جو موازنو ۽ مقابلو ڪري ٿو. باقي سوز صاحب جي ان ڪان وڏيڪ ڪا اڻ ڄاڻائي نٿي ٿي سگهي، ته هن سنڌ جي پٽائي جو ڪو نالو به ٻڌو هو. اهڙيءَ طرح هن ڪي به ماڻ ۽ معيار مقرر نه ڪيا هئا. اصل ۾ اهي چار ماڻ ۽ معيار سنڌ جي ڏاهي ۽ وڏي عالم علامه آءِ. آءِ. قاضي مقرر ڪيا هئا، جن ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪارلائل جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اهو علامه قاضي هو، جنهن انهن معيارن جي آڌار تي اهو چيو هو: "ان حساب سان شاهه عبداللطيف دنيا جو عظيم شاعر آهي." علامه صاحب جو اهو تاريخي مقالو جيڪو پهريائين انگريزيءَ ۾ ڇپيو هو، تنهن جو ترجمو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ڪيو هو، جيڪو سندس 'صوفي لاڪوفي' ۾ شامل آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٽي دفعا شايع ٿي چڪو آهي.

وري ڏسو ته انهيءَ مٿئين جملي ۾ چا ٿو لکي ته: ڪارلائل جي سامهون هنن سيني شاعرن جا مسودا هئا. معلوم ٿيو، ته سوز صاحب کي 'مسودي' ۽ ڇپيل ڪتاب ۾ به فرق ڪونه ٿو نظر اچي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب جنهن ديده دليريءَ سان ٻين عالمن جي عبارتن کي بنا ڪنهن حوالن جي استعمال ڪيو آهي، ان جي ڪري مٿس ادبي سرقه يا چوريءَ جو الزام لڳي ٿو. هو ڊاڪٽر سومري صاحب کان پاڻ کي وڏيڪ شاهه جو پارکو سمجهي ٿو، پر شاهه جو رسالو مرتب ڊاڪٽر بلوچ جي جيڪا سمجهاڻي سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ڏني آهي، سا هُو اڪثر بنا حوالي جي نقل ڪري ٿو ۽ ان جو ثبوت اڳتي هر بيت جي معنيٰ ڪندي چاليهارو ڪن مثنوي روميءَ مان جيڪي شعر نقل ڪيا آهن، تن مان ٽيهن کان وڌيڪ اهي ساڳيا اشعار ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، شاهه جي رسالي جي 2016ع واري ايڊيشن ۾ اڳ ئي ڏئي چڪو آهي. وڏي ڳالهه ته انهن شعرن جي معنيٰ به اهائي سومري صاحب واري ڪٽي رکي ٿو. البت ڪن هنڌن تي ڪي لفظ بدلائي ٿو. ورنه اها ساڳي معنيٰ ۽ ساڳيا شعر ڪم آڻي ٿو. اسان کي سوز صاحب جي ان رويي تي افسوس ڪونهي، بلڪ خوشي آهي، البت ڪيس ايترو ضرور ڪرڻ گهرجي ها ته حوالو ڏيندو رهي ها ۽ اعتراف ڪري ها. هو ائين نٿو ڪري، بلڪ هڪ طرف اها معنيٰ به جيئن جو تيئن پنهنجي ڪتاب ۾ ڏئي ٿو ۽ وري ٽوڪ به ڪندو رهي ٿو ته بيت جي معنيٰ ڊاڪٽر سومري کي سمجهه ۾ نه آئي. سوز صاحب جو اخلاقي فرض هو ته هو ائين نه ڪري ها، ڇو ته شاهه جي رسالي جي ٽائيٽل پيج جي اندر ائين لکيل آهي:

”هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي ناشر کان اڳواٽ اجازت کانسواءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي.“

***

Scanned with CamScanner

سُر وار بيتن تي تفصيلي بحث

سر ڪلياڻ:

سر ڪلياڻ جي پهرين بيت

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آه قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهانَ جي.

۾ آندل لفظن جون معنائون ڏينديء سوز صاحب پنهنجي علمي ڪمال جو مظاهرو ڪندي ص:61 تي 'الله' جا 'مترادفيات' هيٺين طرح ڄاڻائي ٿو:

پهرين ته لفظ 'مترادفيات' ئي غلط آهي، اهو مترادف آهي ۽ ان جو جمع مترادفات آهي. ٻيو ته الله تعاليٰ جو ذاتي نالو صرف هڪڙو 'الله' آهي ۽ ٻيا سڀ صفاتي نالا آهن.

هاڻي هتي ڏسڻو آهي ته ڇا سوز صاحب جيڪي مترادفات چوي ٿو، سندس اهو تصور صحيح آهي يا غلط. هن سلسلي ۾ بهتر هو ته هو معياري لغات ڏانهن رجوع ڪري ها، هتي اسان سڀ کان پهرين فيروز اللغات (اردو) ڪي ڏسون ٿا. جنهن ۾ هيءَ معنيٰ ڏنل آهي: 'خدا، معبود، خدا ڪا اسم ذات' (ص:117) حقيقت ۾ اها آهي ته اسلامي عقيدي موجب الله خدا جو اسم ذات آهي ۽ اسلامي عقيدي موجب الله خدا يا مالڪ ڪائنات جو ذاتي نالو آهي، ٻيا سڀ صفاتي نالا آهن. اهي ڪيترا به ٿي سگهن ٿا، پر ذاتي نالو صرف اهوئي آهي جنهن جو ڪو مترادف ڪونهي.

سوز صاحب جي خدمت ۾ عرض آهي ته هر قوم يا مذهب وٽ خدا جو پنهنجو تصور آهي، انهن ۾ ڪجهه هڪجهڙايون ٿي سگهن ٿيون، پر اهي مترادف ڪونه چئي سگهبا.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب ص 62 تي سر ڪلياڻ جو هيءُ بيت ڏنو آهي، پر ان ڪان پوءِ لکي ٿو تہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سر ڪلياڻ جو مشهور بيت نہ ڏنو آهي:

وحده لاشريڪ له، ايءُ وهائڻ ويءُ،
ڪٿين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ،
پاڻ چُنڊءِ پيءُ، پري جام جنت جو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي هن بيت جو مفهوم بيان ڪندي لکي ٿو تہ 'وي وهائڻ' سنڌي اصطلاح آهي يعني سودو يا وڻج ڪرڻ. (شاهہ جو رسالو، گربخشاڻي، جلد پهريون، ثقافت کاتو، 2018ع، ص: 337) تقريباً شاهہ جي سڀني شارحن اها معنيٰ ڏني آهي، سوز صاحب کي اها پسند نٿي اچي، لغتون کولي معنائون ڳولهيندو ٿو رهي، ظاهر آهي لغتن ۾ ڪنهن لفظ جي هڪڙي معنيٰ تہ نہ هوندي آهي، هڪ ڪان وڌيڪ ۽ لڳ ڀڳ معنائون بہ ڏنل هونديون آهن.

سڀ ڪان عجيب ڳالهہ اها آهي تہ هن بيت لاءِ سوز صاحب صفحي 62 تي نقل ڪرڻ ڪان پوءِ لکي ٿو تہ: هيءُ بيت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ نہ ڏنو آهي.

پهرين تہ سوز صاحب ڄاڻي واڻي غلط بيانيءَ جو مرتڪب ٿيو آهي، جو لکي ٿو تہ هيءُ بيت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ نہ لکيو آهي. (ٻولي ٻُجهارت، ص: 63)

حيرت جي ڳالهہ آهي تہ سوز صاحب ڪان ايڏي ڀُل ڪيئن ٿي، ڇو تہ سندس ڪتاب جو هيءُ ٻيو نمبر بيت آهي. معنيٰ بسم الله الرحمٰن الرحيم ئي بر غلط. ڏسو گربخشاڻيءَ جو رسالو، جلد پهريون بيت 12، داستان پهريون، ص: 178.

حد تہ اها آهي جو سوز صاحب بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ 'توڙي' ڦنبي ڇڏيو آهي، جيڪو ڪنهن بہ رسالي ۾ ڪونهي، جيڪو بيت جي موسيقيءَ کي بہ ڪيرائي وجهي ٿو، ان جو مطلب تہ سوز صاحب کي بيت جي موسيقي يا سُر جي بہ ڪا ڄاڻ ناهي. اهو ئي سبب آهي جو اڻڄاڻائي ۽ بيخبريءَ ۾ بيت ۾ خواهہ مخواهہ 'توڙي' لفظ ڦُنبي ان جي حُسن کي نقصان پهچايو آهي.

ان ڪان پوءِ هڪ لغت موجب 'ويءَ' لفظ جي معنيٰ سنسڪرت ۾ زياده گهڻو، بهتات، ڪثرت ڄاڻائي ٿو ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ڏنل ويءَ معنيٰ 'نفعي وارو مال' تي طنز ڪري ٿو تہ هن اها معنيٰ ڪٿان ورتي آهي.

عرض آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ ڪان اڳ اها معنيٰ ڊاڪٽر گربخشاڻي ڏني آهي، جيڪو ويءَ جي معنيٰ وڻج يا سودو ڪرڻ (سنڌي اصطلاح) ڄاڻائي ٿو. اسان اهو هر گز مڃڻ لاءِ تيار ناهيون تہ سوز صاحب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪان شاهہ جي رسالي جو يا سنسڪرت شبدن جي اشتقاق جو وڌو ڄاڻو آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ ٻين ڪهڙن عالمن

Scanned with CamScanner

اها معنيٰ ڏني آهي، پهرين اچو لغات لطيفي ۾ مرزا قليچ بيگ ان لفظ جي معنيٰ وکر، نيکي وغيره ڏني آهي. تنهن کان پوءِ شاهواڻي جنهن بلکل گربخشاڻيءَ واري پنهي لفظن جي ساڳي معنيٰ ڏني آهي، وهائج معنيٰ خريد ڪرڻ، ۽ ويءَ معنيٰ وکر، سودو، واپار. مولانا قاسمي به حاشيي ۾ خريد ڪج، وکر معنيٰ ڏني آهي. (ص:36)

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته پهريون هندو عالم ليلارام وتڻ مل جنهن شاهه جي بيتن کي سمجهڻ لاءِ پٽ شاهه تي موجود شاهه لطيف جي استاد گهراڻي جي فرد ميان احمديءَ کان رسالي بابت گهڻو ڪجهه سکيو، بلڪ هن جو مرزا قليچ بيگ ۽ مير عبدالحسين سانگيءَ سان به واسطو هو، اهو پنهنجي ڪتاب جي آخر ۾ شاهه جي ڪلام جي ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ انگريزي ۾ ڪندي هيئن لکي ٿو:

ويءَ وهائڻ =A phrase meaning to make a bargain

وهائڻ=(to purchase (p-217

هن کان پوءِ اچو ته ڏسون ته شاهه لطيف تي جنهن انگريزيءَ ۾ قابل قدر ڪم ڪيو يعني آغا محمد يعقوب اهو هن سٽ جي معنيٰ ڪيئن ٿو ڪري، اسان صرف پهرين سٽ ڏيون ٿا:

وحده لاشريڪ له، ايءَ وهائج ويءُ،

Translation: You must purchase merchandize of oneness of Allah.

هاڻي اچون ٿا ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالي تي جنهن پڻ اهو مشهور بيت ڏنو آهي ۽ نثري معنيٰ به لکي اٿس. هن سٽ جي معنيٰ ڪندي لکي ٿو.

”هو هڪ آهي ۽ سندس ڪو مٽ ناهي، تون اهوئي سودو (دؤر) پيو ڪج“، وري هيٺ لفظي معنيٰ ڪندي وهائج جي معنيٰ اختيار ڪج ۽ ويءَ جي معنيٰ ڏنڌو ڏئي ٿو.

آخر ۾ ٻانهي خان شيخ جو حوالو ڏجي ٿو جنهن پڻ فوٽ نوٽ ۾ وهائج جي معنيٰ خريد ڪج ۽ ويءَ جي معنيٰ وکر، سودو ڏني آهي.

هاڻي هڪ طرف رسالي جا اهي سڀ عالم ليلارام وتڻ مل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولانا قاسمي، آغا محمد يعقوب، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻانهون خان آهن ته ٻئي طرف سوز بلوچ آهي، جنهن هڪڙي لغت کي آڏو رکي ان جي معنيٰ ڏني آهي: زياده، گهڻو، ڪثرت، بهتات. وڏي ڳالهه ته انهن مان ٻئي ڪنهن عالم جو ذڪر نٿو ڪري، پر نتيجو اهو ٿو ڪڍي ته ڊاڪٽر بلوچ غلط معنيٰ لکي آهي ۽ هن اها معنيٰ الائجي ڪٿان ورتي آهي، سوز صاحب جو فرض هو ته سيني عالمن جا نالا ڪٽي چوي ها ته اهي سڀ غلط آهن، ۽ فقط هن پاڻ صحيح معنيٰ لکي آهي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب صفحي نمبر 63 تي سر ڪلياڻ جو هي بيت نقل ڪري ٿو:

وحده لا شريڪ له، جڏهن چيو جن،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، هيجان ساڻ هينئن،
تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪنهن نه اوليو.

سوز صاحب هن بيت ۾ 'اوتڙ' لفظ جي معنيٰ ڪندي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ان لفظ جي سنسڪرت جي بنياد مان نڪتل معنيٰ کي غلط چوي ٿو ۽ پنهنجي طرفان ان جو اشتقاق ڏئي ٿو: چوي ٿو ته 'تت' جي معنيٰ برهما يا خدا تعاليٰ جو هڪ نالو، هوا، باهه، اُس ۽ ان لاءِ هندي – اردو لغت راجيسور راءِ اصغر جو حوالو ڏئي ٿو ۽ پوءِ وري ٻي هندي – اردو لغت جو حوالو ڏئي ٿو.

هتي اسان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لغت مان حوالو ڏيون ٿا، جيڪو سنڌ ۾ لغت دانيءَ جي حوالي سان مڃيل حيثيت رکي ٿو، جنهن کي ڪيترن هندو عالمن جهڙوڪ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ اٿارٽي مڃيو آهي.

ڊاڪٽر سنديلو سچل لغات جي صفحي 16 تي هن طرح لکي ٿو:

اوتڙ: (سن اَوَتتَ. اَوَ = خراب + تٽ = ڪنارو، ڪنڌي)

اٽائو گهيڙ، تڙ کان پري.

اوتڙ ڪنهن نه اوليا، سُتڙ ويا سالم. (شاهه)

ليلارام وتڻ مل شاهه لطيف تي انگريزيءَ ۾ پهرين ڪتاب لکيو، هن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ لاءِ ڀٽ شاهه تي رهندڙ آخوند احمدي سان رابطو رکيو، جيڪو سندس لکڻ موجب شاهه لطيف جي استاد جو پڙپوٽو هو. هو صفحي 59 تي هن ريت معنيٰ ڏئي ٿو:

اوتڙ= To a wrong or difficult place

سُتڙ = opposed to

هاڻي هڪ طرف ٻه هندو عالم آهن، جيڪي ضرور سنسڪرت کان ايترا واقف هوندا جو اشتقاق ڪڍي سگهن ۽ ان کان پوءِ ڊاڪٽر سنديلو آهي، جنهن سڌو سنئون اشتقاق ڏنو آهي، پر انهن عالمن جي مقابلي ۾ سوز صاحب 'تت' معنيٰ برهما يا خدا وٺي ٿو.

سوز صاحب صفحي 78 تي هڪ نئون انڪشاف به ڪيو آهي جو هن کان اڳ ڪائنس ڪنهن به نه ڪيو. اهو هيءُ ته پيتائيءَ کي هندن جي شاسترن، خاص ڪري

Scanned with CamScanner

ڌرم شاستر ۽ منوسمرتيءَ جي پلي پت ڄاڻ هئي، بلڪ لکي ٿو ته: اهي ڪتاب شاهه لطيف جي مطالعي هيٺ رهيا آهن.

هتي اهو ٻڌائجي ته منوسمرتي هندو مذهب جي قاعدن ۽ قانون جو ڪتاب آهي، جيڪو هڪ سؤ سال قبل مسيح ۾ لکيو ويو. هن ڪتاب جو پورو نالو 'منو ڌرم شاستر' آهي، ان کي ئي منوسمرتي چيو ويندو آهي. ليڪن هتي سوز صاحب جي لکڻ موجب اهي ٻه ڪتاب آهن، بلڪل غلط آهي، ڌرم شاستر يا منوسمرتي هڪ ئي ڪتاب آهي، معلوم ٿئي ٿو ته سوز صاحب رڳو هيڏانهن هوڏانهن نالا پڙهي ڏُڪي تي لکي ڇڏي ٿو.

مشهور دلت ليڊر ڊاڪٽر امبيڊڪر جي چوڻ موجب اهو منوسمرتي آهي جنهن هندن ۾ ڇوت ڇات کي جنم ڏنو. ان جي ڪري اڇوت وارو تصور پيدا ٿيو. اهوئي سبب هو جو ڊاڪٽر امبيڊڪر منوسمرتيءَ کي ساڙائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ڇو جو هن سمجهيو ٿي ته ان سان هندن ۾ ذات پات ختم ٿي ويندي.

اسان کي افسوس آهي جو سوز صاحب ڀٽائي ڏانهن منوسمرتي جي مطالعي کي منسوب ڪري ڇڏيو، ان کان ته چڱو هو ته ڀڳوت گيتا کي منسوب ڪري ها، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ بيرونيءَ ۽ ٻين محققن جي چوڻ موجب توحيد جي تعليم موجود آهي، يا ان کان وڌيڪ خاص طور ويد، جن ۾ اپنشد شامل آهن، انهن جي ڳالهه ڪري ها.

بهرحال اصل ڳالهه اها آهي ته سوز صاحب جي مطالعي کي آفرين هجي جو اهو انڪشاف ڪيائين، جنهن جو خيال ليلارام وتڻ مل، چيتمل پرسرام ۽ پيرومل مهرچند ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙن عالمن کي به ڪونه آيو، جيڪي ضرور منوسمرتيءَ کان وڌيڪ واقف هوندا.

سوز صاحب ص:80 تي هيٺيون بيت ڏنو آهي:

صورت سوجهه مَر تنهن جي، ڇاڻي ٻجهين جو،
ايءُ سخن آهي سو، جو منهن مقابل نه ٿئي.

هن بيت ۾ سوز صاحب لفظ 'سخن' کي صحيح نٿو سمجهي جيڪو سيني قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ آيل آهي ۽ پنهنجي طرفان چوي ٿو ته اها ڪاتبن جي غلطي آهي جو اصل ۾ اتي لفظ 'ساجن' هو جنهن کي ڪاتبن سخن ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي سوال آهي ته ڪاتب جي غلطي سا به سيني جي! ڪاتبن کان اهڙي غلطي نٿي ٿي سگهي جو 'ساجن' لفظ جي بجاءِ سُخن لکي ڇڏن. غلطي هميشه ملندڙ جلندڙ لفظن ۾ ٿيندي آهي. ڪاڏي 'سخن' ڪاڏي 'ساجن'.

Scanned with CamScanner

هاڻي اچون ٿا تہ سندس نثري معنيٰ تي:

معنيٰ: تون هن (الله) جي صورت تي اجايو سوچين ويچارين ٿو، تون هن کي ايمان ۽ پنهنجي يقين ذريعي پرکي سگهين ٿو. (تون پڪ ڄاڻ) اهو سچ، ساڄن الله پاڪ کو روپ ڏاري سامهون نہ ايندو آهي.

هن کان پوءِ اسان هتي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي ڪيل معنيٰ پيش ڪريون ٿا.

”تون هن (ذات حق) جي صورت تي اجايو نہ سوچ ۽ ويچار (ڇو تہ) تون هن کي ايمان ۽ يقين سان سمجهي سگهين ٿو. اهو (حق جي ذات ۽ وجود جو) مسئلو اهڙو آهي، جيڪو دليل بازيءَ سان حل نٿو ڪري سگهجي.“

هتي پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ ڪيئن سوز صاحب ڊاڪٽر سومري صاحب جي پهرين جملي واري معنيٰ چورائي آهي، ڏسو تہ هن ذات حق کي بدلائي الله لکيو، باقي ساڳيا الفاظ کنيا اٿس ۽ آخري لفظن جو زمان تبديل ڪيو اٿائين.

اسان کي سوز صاحب جي ان عمل تي افسوس آهي، گهڻ ۾ گهڻ معنيٰ ڪرڻ وقت پنهنجا الفاظ تہ آڻي ها.

سوز صاحب ص:89 تي سر ڪلياڻ جو هي بيت آندو آهي:

علتيءَ آرام، پسي علت آئيو،
حُسن جو حق جو، خامي پانئي خام،
اچي ٿئا اسلام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.

شاهہ جي رسالي جو هي بيت نهايت وڏي معنيٰ وارو آهي هن بيت جي ٻن لفظن ’علتي‘ يا ’علت‘ جي سوز صاحب جدا جدا معنيٰ ڏني آهي، حالانڪ ٻنهي لفظن جو مادو ساڳيو آهي ۽ اها سچي معنيٰ جيئن جو تيئن فيروز اللغات اردو (ص:901) تان کنئي اٿس، البت هڪ ٻہ لفظ ڇڏي ٻہ ڏنا اٿائين. ليڪن اتي ’علت المشائخ‘ جنهن اصطلاح جو هن بيت سان ڪو واسطو نہ هو، ان جي معنيٰ ڏيڻ ضروري سمجهي ٿو، بلڪ ان جي لاءِ غياث اللغات فارسي تان نقل ڪري ٿو، ڇو تہ ان جي وضاحت فيروز اللغات اردوءَ واري نہ ڏني هئي.

ٻن لغتن مان لفظي معنائون ڏيڻ کان پوءِ بيت جي معنيٰ ڪونہ ٿو ڏئي. ان جو ڇا مطلب سمجهجي؟ ڇا لغتن مان معنيٰ ٻيو ڪو ڪونہ ڏسي سگهي ها. اسان سمجهون ٿا تہ سوز صاحب پاڻ ۾ اها استطاعت نہ سمجهي، جو ان بيت جي نثري معنيٰ ڏئي سگهي ۽ اها طاقت بہ نہ سمجهيائين، جو ڊاڪٽر سومري واري معنيٰ ۾ تحريف ڪري يا ڪجهہ لفظي ڦيرڦار ڪري ڏئي. اسان هتي ڊاڪٽر سومري صاحب جي نثري

Scanned with CamScanner

معنيٰ ڏيڻ ضروري سمجهون ٿا، جو اهو هڪ لحاظ سان ڏکيو بيت آهي ۽ ڊاڪٽر سومري ان جي سمجهڻ خاطر مثنوي روميءَ مان بلڪل صحيح بيت حوالي طور آندو آهي.

سمجهاڻي: جيڪو پاڻ ڪنهن عادت ۾ مبتلا آهي، اهو انهيءَ عادت جي پوري ٿيڻ سان ئي آرام ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو، اهو ئي سبب آهي، جو جيڪو پاڻ ناقص آهي، سو ذات حق جي حُسن کي بہ ناقص سمجهي ٿو. (جيستائين ڪامل جي نظر سان نوازجي). انهيءَ ڪري اهڙو ناقص (خام) جيڪو حق جو انڪاري آهي، اهو پاڻ کي حق تي ۽ صحيح سمجهي ٿو، (هن کي غلط شيءِ بہ صحيح لڳي ٿي).

ان ڪان پوءِ سومري صاحب مولانا روميءَ جو هيٺيون بيت ڏنو آهي:

هر چہ گيرد علتی علت شود.
کفر گيرد کاملی ملت شود.

معنيٰ: جيڪو بيمار آهي ۽ ان حالت ۾ جيڪا شيءِ کائيندو، تہ اهو بيمار ئي رهندو، پر جيڪو ڪامل آهي، سو خطرناڪ صورتحال (ڪفر) ۾ بہ صحيح سالم (ايمان وارو) رهي ٿو.

ڏسو تہ شاهہ صاحب جي بيت ۽ مولانا روميءَ جي شعر ۾ ڪيڏي نہ مناسبت ۽ مشابهت آهي، جو ٻنهي جي پهرين سٽ ۾ ساڳيا لفظ 'علتي' ۽ 'علت' آندل آهن ۽ آخري سٽ ۾ ڪفر جو لفظ ٻنهي ۾ آندل آهي. البت ٻنائي صاحب 'ملت' کي اسلام چئي وڌيڪ واضح ڪيو آهي. ليڪن ٻنائي جي بيت ۾ اصلي مفهوم کي واضح ڪرڻ واري وچين سٽ آهي، جنهن سان هو پنهنجي نقطئہ نظر جي چڱيءَ ريت سمجهاڻي ڏئي ٿو تہ اصل ۾ اهو مسئلو خام يعني ڪچن يا ناقصن لاءِ آهي، باقي جيڪي صحيح سالم يعني ڪامل آهن، تن ۾ گمراهہ يا بيمار ٿيڻ جو ڪو خطرو ڪونهي.

ڇا سوز صاحب اها وضاحت ڪندو تہ هن بيت جي نثري معنيٰ ڇو نہ ڏني اٿائين. ڇا سمجهون تہ وسري وئي اٿس، نہ بلڪ اهڙن ڏکين بيتن جي معنيٰ کان هو ڇاڻي واڻي لنوائي وڃي ٿو، جنهن جو هتي هڪڙو ٻيو مثال ڏيون ٿا:

ص: 82 تي شاهہ صاحب جو هيٺيون بيت ڏنو اٿس:

صوفي لا ڪوفي ڪونہ پانئيس ڪير،
منجهان ئي منجهہ وڙهي، ٻڌر ناهس ٻير،
جني ساڻس وير، ٿئي تني جو واهرو.

هن بيت جي هيٺان بہ لفظ صوف، صفا، صف، صُفہ وغيره جون لغتن ۽ مختلف ڪتابن مان معنائون ڏني ٿو، ڪيترن ڪتابن مان حوالا بہ ڏئي ٿو ۽ وري اڳتي تصوف (Mysticism) جهڙو عنوان قائم ڪري هڪ صفحي اندر سڄو ڪم پورو

Scanned with CamScanner

ڪري ٿو ۽ آخر ۾ تيرهن ڪتابن جا نالا ڏئي ٿو، جنهن لاءِ حوالو پروفيسر يوسف سليم چشتيءَ جو ڏئي ٿو.

خبر ڪانه ٿي پئي ته سوز صاحب تصوف جي ڪهڙي سمجهاڻي ڏيڻ گهري ٿو؟ ٻي پر خاص ڳالهه اها آهي ته هو ايڏي اهم بيت جي معنيٰ ڪونه ٿو ڏئي! هتي به شايد هو سومري صاحب جي ڏنل سمجهاڻيءَ ۾ تحريف ڪرڻ جي جرائت ڪري نه سگهيو آهي.

ص:111 تي پنائي جو هي بيت آندو اٿس:

پتنگن پهه ڪئو، مڙيا متي مچ،
پسي لهس نه لڇئا، سڙئا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

ان بيت جي نثري معنيٰ سڌي سنئين ڊاڪٽر سومري جي سمجهاڻيءَ تان نقل ڪئي اٿس، البت آخر ۾ ڪجهه لفظ تبديل ڪيا اٿس، اسان ٻئي معنائون ڏيون ٿا ته جيئن پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن.

سوز بلوچ واري معنيٰ: "(سچن عاشقن) پنهنجي حقيقي معشوقن مٿان قربان ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي ۽ مچ (ٻرندڙ باهه) مٿان اچي گڏيا آهن، هو مچ جي تپش کي ڏسي خوفزده ٿي هيڏي هوڏي نه ويا، پر سچي محبت جي ڪري آڙاهه ۾ سڙي ٻچري فاني في الله ٿيا. اهڙيءَ طرح پنهنجو سِر قربان ڪري درگاهه ايزديءَ ۾ سرفراز ۽ مقبول ٿيا."

وري هن بيت جي هيٺان جيڪي به مثنويءَ جا بيت ڏنا اٿائين، تن مان هڪ ڊاڪٽر سومري سُر ڪلياڻ بيت نمبر 27 ۾ ڏنو آهي، ۽ ٻيو 28 ۾ ڏنو آهي. هتي سوز صاحب اهو ڪارنامو ڪيو، جو ٻئي مثنويءَ جا بيت جيڪي ڊاڪٽر سومري الڳ الڳ ڏنا هئا سي گڏي، هن بيت جي هيٺان ڏنا آهن.

هاڻي مٿين بيت جي ڊاڪٽر سومري طرفان ڏنل سمجهاڻي ڏسو.

ڊاڪٽر سومري واري سمجهاڻي: "پروانن (سچن عاشقن محبوب مٿان قربان ٿيڻ جو) پڪو عزم ڪيو ۽ اچي مچ مٿان گڏ ٿيا. هو ٻرندڙ باهه جي تپش ڪري ٿورڙو به هيڏانهن هوڏانهن ڪونه ٿيا، بلڪ سچي محبت جي باهه ۾ سڙي پورا (فنا) ٿي ويا، هنن اهڙيءَ طرح (محبت جي راهه ۾) پنهنجي سرن جي قرباني ڏيئي ڇڏي."

هتي پڙهندڙ پاڻ امين ٿين ته مچ کي ٻئي لفظ سان بدلائڻ سان سوز صاحب ڪيڏي نه خيانت جو مرتڪب ٿيو آهي، تقريباً سمورن لفظن ۽ جملن جو سنڌاءُ ساڳيو آهي. البت آخر ۾ 'فنا في الله' ۽ 'درگاهه ايزدي' وجهڻ سان جيڪي هتي اصل بيت ۾ ڪونه هئا، ڪهڙو واڌارو ڪيائين؟ سو به فنا لفظ ڊاڪٽر سومري اڳيئي ڏنگين ۾ ڏنو هو.

Scanned with CamScanner

سُر ڪلياڻ وارن بيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيندي سوز صاحب قرآن مجيد جي آيتن، تصوف جي معتبر ڪتابن ۽ مستند لغتن جا حوالا ڏنا آهن. سندس هيءُ عمل بيشڪ قابلِ تعريف آهي. پر راقم کي هن ڪتاب جي ڪن بيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي سان اختلاف آهي. هتي انهن جو ادبي جائزو پيش ڪجي ٿو.

عاشق ڇڏ مَ ان کي، مَ ڪي ڇڏ معشوق،
خالق ڇڏ مَ خام تون، مَ ڪي ڇڏ مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصان نگيو.(ص - 75)

هن بيت جي جيڪا معنيٰ يا سمجهاڻي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ڏني آهي، ان کي سوز صاحب بيت جي روح ۽ صحت جي ابتڙ قرار ڏنو آهي، سومرو صاحب هن بيت مان مراد اهو عارف ٻڌائي ٿو، جيڪو عين ٽيڻ جي منزل تي پهتو آهي، ۽ هن سلسلي ۾ هو مولانا روميءَ جو هي مشهور بيت آڻي ٿو:

مى گفت در بيابان رندى دهان دريده
عارف خدا نہ دارد، او نيست آفريده

ترجمو: هڪ رند بيابان ۾ وڏي وات هيئنئن چئي رهيو هو، ته عارف جو خدا ناهي ۽ نه وري هو پيدا ٿيل آهي.

هتي اهو ٻڌائجي ته آغا محمد يعقوب پڻ اهو بيت ان لحاظ کان آندو آهي. هن شعر کان پوءِ سومري صاحب ان اعليٰ فهم ۽ فڪر واري بيت جي سمجهاڻيءَ لاءِ خليفي گل جو هيءُ بيت آندو آهي.

جنين کان غير ويو ٿيا عين، ٿيا عريان عالم ۾،
نه ڪو خالق رکن پنهنجو، نڪو مولا نڪو تن رب.

خليفو گل جيڪو پاڻ هڪ ڄاتل سڃاتل صوفي هو، ان جي هن چٽائيءَ کان پوءِ ڪا غلط فهمي نه هجڻ کپي ها.

هاڻي ڏسون ته سوز صاحب هن بيت مان ڇا مراد وٺي ٿو، هو هن بيت مان الله تعاليٰ مراد وٺي ٿو، ڇو ته هو لامحدود، بي مثل، بي مثال هستي آهي. پر هتي ياد رکڻ گهرجي ته هن معنيٰ ۾ الله جي هڪ بنيادي صفت يعني خالقيت جو ظاهري انڪار نظر اچي ٿو، جيڪو هونئن اسلام جي بنيادي عقيدن ۾ شامل آهي. حالانڪ الله تعاليٰ کي هر حال ۾ خالق مڃڻو آهي. ان ڪريِ سوال پيدا ٿيو، ته آخر هن بيت مان ڪير مراد آهي، ڊاڪٽر سومري جي اها راءِ يقيناً درست آهي ته هتي ان مان مراد عارف آهي.

Scanned with CamScanner

سنڌ جي صوفيانہ روايت ۾ ان فڪر جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. هتي اسان شاهہ لطف الله قادريءَ جو هي بيت پيش ڪريون ٿا.

آهي اڪڙين ۾، آديسين ادب،
سامين ڪي سين پرين، روح ۾ رهئو رب،
تن حسب نہ نسب ڪو، نہ آباءَ نہ اَبُ،
ري لانگوٽيءَ لَبّ، اُءِ پيو نہ پاڙين ڪاپڙي. (ص:60)

لطف الله جو هيو بيت وڌيڪ چٽائي ڪري ٿو:

ٿئا جَرَ جي ذات، جي جَرَ منجهان ئي نڳئا،
عقل وياچ مَ ان سين، هي جي منجهہ منجهائين وئا،
اُوءِ عينوئي عين ٿئا، نڪو اسم نہ جسم ڪو.
(لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ص:17)

طالب قصر سونهن سَر، اِيءَ رُوميءَ جي رُوءِ،
جَني ڏِٺي جُوءِ، تني ڪُڇئو ڪينڪين.

*

طالِبُ قَصرُ سُونَهن سر، اي رومي جي اوطاق،
پچين در فراق، تہ منجهين مشاهدو ماٽيين.

هن بيت بابت سوز صاحب لکيو آهي تہ: ”اوطاق ترڪي ٻولي جو لفظ آهي. گهر ڪان سواءِ ٻي جاءِ، مهمان خانو، محفل جي جاءِ، مسافر خانو، ٽڪاڻو. جيئن تہ بيت جي پهرين سٽ ۾ ’اوطاق‘ جو ذڪر آهي. پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٻي سٽ ۾ ’پچين در فراق‘ ۽ ’سڙي پچين‘ ڄاڻائي ٿو.“ (ص:96)

ڊاڪٽر بلوچ بيت جي ٻي سٽ جون مختلف قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ آيل پڙهتيون ڏنيون آهن. جي هن طرح آهن.

جي پَچي دَرُ فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿيي
جي پچي دَرُ فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿيي
جي پچن دَرَ فراقَ، تہ منجهين مشاهدو ٿيي
جي پُچن دَرَ فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿيي
جي پَچُ دَر فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿيي
جي پچين منجهہ فراق، تہ منجهيئي مشاهدو ٿئي
جي پچين درد فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿئي

Scanned with CamScanner

انهن مختلف پڙهڻين مان ڊاڪٽر صاحب هن سٽ جون هيٺيون ٽي پڙهڻيون وڌيڪ سهڻيون ۽ صاف سمجهيون، تنهنڪري ان مان ب اڃا جيڪا وڌيڪ سهڻي سمجهي، سا رسالي جي متن ۾ ڏني.

1. جي پڇين در فراق، ت منجهين مشاهدو ٿئي
2. جي پڇين منجه فراق، ت منجهيئي مشاهدو ٿئي
3. جي پُڇين درد فراق، ت منجهئي مشاهدو ٿئي

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکيو آهي ت:

پهرين پڙهڻي جو گمان مٿين پڙهڻين مان ٿئي ٿو جن ۾ 'در فراق' (فارسي) وارا ساڳيا لفظ موجود آهن. 'در فراق' (فارسي) معنيٰ 'منجه فراق' جيڪا ساڳي ارنيسٽ ٽرمپ واري رسالي جي پڙهڻي آهي.

پڇين = جلي لال ٿئين، پچي راس ٿئين.

ميمڻ نور محمد ۽ سندس پٽ جي دستخط نسخي 1284ھ جي پڙهڻي مطابق 'پُڇين دردَ فراق' صحيح ٿيندو يعني 'فراق' جمع ۾ پڙهبو ت جيئن 'ق' تي زبر بيهي ۽ قافيو صحيح ٿئي. پُڇين درد فراقَ = دردن ۽ فراقن جي پڇا ڪرين، يعني انهن کي طلبين ۽ چاهين. پُڇين (تون پُڇين) جي لحاظ سان، 'ماٽيين' (تون ماٽين) پڙهبو، جيڪا گنج جي پڙهڻي آهي.

شاھ جو رسالو – شاھ جو ڪلام جلد پهريون ڇاپو پهريون ص-239، شاھ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ سن 1989ع.

طالبُ قصر، سُونهه سر، اِيءُ رومي جي راحت،
جَني ڏني سٽ، تنين ڪڇئو ڪينڪين.
ڪلياڻ بيت – 20، ص:27 (اصل متن)

راحت = اطمينان ۽ خوشي واري حالت، رضا ۽ تسليم واري حالت.

سٽ (الف) = وڏي ٽولي، وڏي سنگت، ڪچهري ۽ رهاڻ (عارفن جي) ڪثرت ۽ گهٽائي. (ص:238)

'سوز' بلوچ، ڊاڪٽر بلوچ واري پڙهڻي سان اختلاف ڪندي لکيو آهي ت:

"جيئن ت بيت جي پهرين سٽ جو قافيو 'راحت' آهي ۽ ٻي سٽ ۾ 'سٽ' آيل آهي، پٽائي جهڙو قابل، هوشيار ۽ جڳ مشهور ڪلاسيڪي شاعر اهڙا قافيہ استعمال نٿو ڪري سگهي. ان ڪان پوءِ هن ڊاڪٽر گربخشاڻي، علام آءِ. آءِ. قاضي، محمد يعقوب آغا ۽ محترم عثمان علي انصاري جي رسالن جا حوالا ڏيندي لکيو آهي ت انهن

Scanned with CamScanner

سيني عالمن ’ست‘ بجاءِ ’ست‘ قافيو آندو آهي، ان کان پوءِ هن ’ست‘ لفظ جون معنائون ڏيئي ان جي سمجهاڻي ڏني آهي. (ص:53 کان 55)

متي سوز صاحب چئن وڏن عالمن ۽ شاهه جي شارحن جا حوالا ڏنا آهن، پر گنج شريف ۾ ’ست‘ بجاءِ ’سٽ‘ قافيو ڏنل آهي (ڏسو گنج شريف— قديم صورتخطي ص:203، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز سنه 1995ع)

بمبئي واري ڇاپي (1867ع) ۾ به سٽ قافيو آيل آهي. (ڏسو بمبئي ڇاپو (1867ع) واري جو ڇاپو ٻيو (اصل ڇاپي جو عڪس) سُر جُمن ص:19، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنه 2016ع)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ واري شاهه جي رسالي ۾ به ’سٽ‘ قافيو آيل آهي. (ڏسو شاهه جو رسالو (ڇاپو ٻيو) مرزا قليچ بيگ ’سر يمن ڪلياڻ‘ ص:43، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد سنه 2007ع.

هينئر اها سوچڻ جي ڳالهه آهي ته شاهه جي اڳاٽي رسالي گنج ۾، ان کان علاوه بمبئي ڇاپي ۽ مرزا قليچ بيگ واري رسالي ۾ به ’سٽ‘ قافيو آيل آهي، جيڪي اڳاٽا رسالا آهن.

باقي سوز صاحب جي اها ڳالهه صحيح ناهي ته ڀٽائي اهڙو قافيو نه ٿو آڻي سگهي. ڀٽائي جي رسالي ۾ اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. هتي مثال خاطر به ٽي بيت پيش ڪجن ٿا جيڪي گربخشاڻي واري شاهه جي رسالي جي جلد پهرئين جي سُر يمن ڪلياڻ ۾ موجود آهن.

(1). جان عاشق متي رت، تان دعويٰ ڪرم نيه جي،
سائومُه سُنه ڳئي، سڪڻ ايءُ شرط،
نه ڪين گوڏ گرت، متا سر سودا ڪري. (ص:213)

(2). عاشق معشوقن جو، رٽي ويهج رندُ،
پيارنڌءِ پاٺهم، ميخاني جو منڌُ،
ڪيم ڪيج تون ڪنڌُ، اوڏو ٿي ان ڪي. (ص:233)

(3). ڪنين ڪين پرائيو، ڪيني منجها ڪين،
جي هوءَ سٽاٽي سينگ، ته زهِ چِني جوکو ٿئي. (ص:237)

ان کان علاوه ٻيا به بيت آهن، جن ۾ قافيه جو عيب نظر اچي ٿو. هتي مثال خاطر هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

Scanned with CamScanner

هئي ٿو وڃي هوت، آءٌ ڪي اڳيري ٿيان،
متان چوءِ بلوچ، ڪميڻيءَ مان ڪين ٿئو.
(سُر حسيني)

سوز صاحب ص:107 تي هي بيت ڏنو آهي:

عاشق ايئن نہ هُونِ، جيئن تون سڄي اڱڙين،
وڃئو در دوستن جي، رت ڏهاڙي رُون،
ٻِيءَ پر ڪنهن نہ پُونِ، ماڪر محبوبن سين.

1. اڱڙين، سڄي اڱڙين، سڄي لڱين ثابت عضون سان بنا روڳ ۽ بيماريءَ جي.
2. ماڪر: محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ماڪر جي معنيٰ پسند پَوڻ، قبول پوڻ، مانائتو ٿيڻ لکي آهي، جيڪا منهنجي خيال ۾ بيت جي سياق ۽ سباق سان هم آهنگ ٿي بيهي (ص:107)

سوز صاحب ڊڪشنرين جي روشنيءَ ۾ 'ماڪر' لفظ جي معنيٰ مڪر، دوکو، فريب، دولاب، ٺڳي ڪرڻ وارو، چالباز غلط تدبير ڪرڻ وارو ڏني آهي. هن قرآن پاڪ جي آيت ۽ مثنوي رومي جو حوالو پڻ ڏنو آهي . اهي معنائون سورهن آنا صحيح آهن، پر غور طلب ڳالهہ اها آهي تہ هتي ڀڻائي اهو لفظ ڪهڙي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. هتي بلوچ صاحب ۽ سوز صاحب ٻنهنجون ان بيت بابت معنائون ۽ سمجهاڻيون پڙهندڙن آڏو پيش ڪجن ٿيون تہ جيئن اهي پاڻ منصف ٿي فيصلو ڪن تہ ڪهڙي معنيٰ/سمجهاڻي وڌيڪ بهتر آهي:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن بيت جي سِٽ وار سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

1. عاشق ان طرح (ٿلها متارا ۽ چاق چوبند) نہ هوندا آهن، جهڙيءَ طرح تون سڄي لڱين (چاق چوبند) آهين.
2. (اهي سچا عاشق درد فراق ۾) روزانو پنهنجي محبوب جي در وڃي ٿا رت جا ڳوڙها ڳاڙين (۽ ٻاڏائين)
3. (ڇاڪاڻ جو) ٻئي ڪنهن حيلي حوالي سان اهي محبوب وٽ مقبول نہ ٿي سگهندا.

شاھ جو رسالو شاھ جو ڪلام جلد پهريون (ڇاپو پهريون، ص:48) شاھ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ سنہ 1989ع.

ڊاڪٽر گربخشاڻي بہ ماڪر لفظ جي معنيٰ مقبولُ، قبول ۽ پسند لکي آهي. ڏسو گربخشاڻي وارو شاھ جو رسالو جلد پهريون، ص:316، ثقافت کاتو 2018ع.

Scanned with CamScanner

هينئر سوز صاحب واري سمجهاڻي ڏني وڃي ٿي:

پنائي سچن عاشقن جون نشانيون ٻڌائي ٿو: (سچا) عاشق تہ ائين سنئين لگين ٿلها متارا ۽ ڏندا مُسننڊا نہ هوندا آهن. اهي عاشق هر روز پنهنجي دوستن جي در تي وڃي آزيون نيزاريون ڪري رت جا ڳوڙها ڳاڙي انهن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. (اهي ڳوڙها) ڪنهن غير جي در تي نہ پَوَن (جي ائين ٿيو تہ) پوءِ محبوبن سان دوئيءَ جو دوکو فريب ۽ چالبازي هوندي. (ص:107)

مذڪوره بيت ۾ 'ماڪر' لفظ جي معنيٰ ڪنهن صحيح لکي آهي ۽ ڪهڙي سمجهاڻي وڌيڪ وزندار آهي؟ اهو فيصلو باشعور پڙهندڙن تي ڇڏيو وڃي ٿو.

جان عاشق مٽئہ ماسُ، تان دعويٰ ڪَرمَ نينهن جي،
سائُو منهن، سُونهن ڳئي، لِڳن ڇڏيو لاسُ،
ڏئي تن تپاس، پڇج پوءِ پريتڙو. (ص-108)

سوز صاحب اهو بيت ڏئي پوءِ لکيو آهي تہ:

(1). لاس: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'لاس' لفظ جي معنيٰ رَطُوبت، پاڻيٺ، پراءِ، ست ڇاٽائي آهي. اهي اصطلاحي معنائون تہ ڇئي سگهجن ٿيون، مگر 'لاس' سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس ناچ، رقص، نچڻ ڪُڏڻ، گهمڻ ڦِرڻ (سن) لاسيہ: ناچ رقص. حوالو: هندي — اردو لغت، ص:390. حقيقت ۾ هندي — اردو لغت جي ص — 390 تي ٻيون معنائون تہ موجود آهن، پر ان صفحي تي گهمڻ ڦرڻ واري معنيٰ موجود نہ آهي. اها معنيٰ سوز صاحب شايد پنهنجي پاران ان لاءِ ڏني آهي تہ جيئن ڪيس بيت جي سمجهاڻي پنهنجي مرضي موجب ڏيڻ ۾ سولائي ٿئي سوز صاحب ان بيت جي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

"اي عاشق جيستائين تنهنجي جسم تي گوشت آهي ڏندو ڏونو آهين، تيستائين نينهن جي ڪُوڙي هام نہ هڻ. (ڇاڪاڻ تہ) اڃا تنهنجي منهن ۾ ڳاڙهاڻ بکي پئي، زردي مائل منهن بہ نہ ٿيو اٿيئي ۽ سُونهن بہ برقرار آهي ۽ عضون ۾ گهمڻ ڦرڻ هلڻ چلڻ جي سگهہ موجود آهي، تن کي تسيا ڏيئي پوءِ ئي محبت جي واٽ ڏانهن وک وڌاءِ. (ص:108)

هينئر ان بيت جي جيڪا سٽ وار سمجهاڻي ڊاڪٽر بلوچ ڏني آهي سا هتي پيش ڪجي ٿي.

1. اي (نالي جا) عاشق! جيستائين تنهنجي بت تي گوشت (پريل) آهي (۽ تون ٿلهو متارو آهين) تيستائين عشق جي هام نہ هڻ (عاشقي جي حجت نہ ڪر)

Scanned with CamScanner

2. (عاشقي واري حالت اها آهي جو) منهن ڪارائيل (رت ۽ رطوبت واري رونق کان خالي) صورت سهڻائي ختم، ۽ عضوا بي ستا ۽ ساڻا هجن.

3. (اهڙي حالت هوندي به) تن کي تسيو ڏيئي (پاڻ آزمائي) پوءِ عشق جو نالو ۽ پار پڇج.

شاهه جو رسالو — شاهه جو ڪلام جلد پهريون (ڇاپو پهريون، ص:48، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، سال 1989ع.)

بيت جي ٻي سٽ: 'سائو منهن، سُونهن ڳئي، لڳن ڇڏيو لاس' غور طلب آهي، سوز صاحب ان سٽ جي معنيٰ لکي آهي، اجا تنهنجي منهن ۾ ڳاڙهاڻ بکي پئي، زردي مائل منهن به نه ٿيو اٿيئي ۽ سونهن به برقرار آهي ۽ عضون ۾ گهمڻ ڦرڻ هلڻ چلڻ جي سگهه موجود آهي. حالانڪ ان سٽ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته منهن زرد ٿي وڃي (سونهن ڳئي) جو مطلب آهي، سونهن ختم ٿي وئي. پر سوز صاحب سنئين سڌي سؤلي لفظ جي معنيٰ ابتڙ ڪري ويو آهي. بهرحال، ٻئي سمجهاڻيون پڙهندڙن جي سامهون آهن، پاڻ امين ٿي ايمانداريءَ سان فيصلو ڪن.

محبت جي ميدان ۾، عاشق ٿي آڇام،
سامهان سَل سيد چئي، ڪنڌ تير تمام،
کهج ڪو مَ ڪلام، جِم دوسنئون دور ٿئين.

سوز صاحب هي بيت ڏيڻ کان پوءِ 'آڇام' لفظ جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي:

آڇام: نشان (چُنڊ لاءِ) هدف.

ان کان پوءِ لکي ٿو ته، "سيني مانَ وارن محققن 'آڇام' لفظ کي پارسي يا فارسي ڪري لکيو آهي. پر اصل لفظ 'آماچ' يا 'آماج' آهي، جيڪو فارسي ۾ به استعمال ٿيندو آهي. پر حقيقت ۾ اهو ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي. تقليب جي ڪري آماچ يا آماج مان ڦري 'آڇام' بڻيو آهي. جيئن اٿلو مان التو، مياڻ مان نيام ۽ نڪچٽي مان نچڪٽو وغيره (ص:109)

وڏيڪ لکي ٿو ته، اڄو ته لغات مان رهنمائي حاصل ڪريون:

آماچ = نشانهٔ تيرو تفنگ (از برهان رشيدي) و بعض محققين نوشتهٔ اندڪ، آماج بجيم فارسي خاڪ توده ڪ بر آن نشانهٔ تيرو تفنگ نصب ڪندو اين لفظ تُرڪيست: بُرهان رشيدي مطابق آماج معنيٰ تيرن جو نشانو، هدف. ڪن محققن لکيو آهي ته 'مِٽيءَ جو ڍير' ان مٿان چُنڊ لاءِ نشان ڪيل هجي، هي لفظ ترڪي ٻوليءَ جو آهي. (حوالو ڪتاب غياث اللغات فارسي (ص:12)

ياد رهي ته آماچ لفظ پهرين دفعو سنه 1611ع ۾ محمدعلي قطب شاهه جي ڪليات ۾ استعمال ٿيو آهي. محمدعلي قطب شاهه سال 1565ع ۾ ڄائو ۽ 1612ع ۾

Scanned with CamScanner

وفات ڪري ويو. هي اردو جو پهريون صاحب ديوان شاعر آهي. 1580ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ قطب شاهي جو پنجون بادشاهه ٿيو.“(ص:109)

ٻولين جو اهو اصول آهي تہ اهي هڪٻئي کي لفظ ڏينديون بہ آهن تہ وٺنديون بہ آهن، برابر اهو ترڪي زبان جو لفظ آهي. پر فارسي ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. جهڙي ريت 'اوطاق' ترڪي زبان جو لفظ آهي، پر اهو هينئر سنڌي زبان جو لفظ بڻجي ويو آهي.

پوءِ جيڪڏهن لفظ 'آچار' سيني محققن فارسي جو ڄاڻايو آهي تہ ڪو ڏوهہ تہ ڪو نہ ڪيو آهي. ان لفظ بابت ايڏي پٽاڙ ڪري، پنهنجي لغت داني جو ڏاڪو ڄمائڻ بجاءِ ان بيت جي سمجهاڻي ڏني وڃي ها تہ وڌيڪ بهتر هو.

چڙهيو چڪاسين چاهہِ، آڳ پرندي آئيا،
وهسن واڙي ڦل جيئن، محبتي مڇ لاءِ،
ڪامندن ڪٽئي، اُجهامن اونداهہِ.

اهو بيت ڏيڻ کان پوءِ سوز صاحب لکيو آهي تہ:

”چاهہ: جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چاهہِ جي معنيٰ باهہ، آڳ ڪئي آهي. بيت ۾ چاهہ لفظ سان بلڪل گڏ 'آڳ' جو لفظ اڳ ۾ موجود آهي. ڀٽائيءَ جهڙو سچيت، برجستو سرجڻهار شاعريءَ جي گهاڙيٽن کان بخوبي واقف هئڻ باوجود 'توارد' جو مرتڪب نٿو ٿي سگهي.“ (ص:110)

مٿي لفظ گهاڙيٽن بجاءِ علم بديع ۽ بيان لکيو وڃي ها. ان کان پوءِ سوز صاحب 'توارد' لفظ جي معنيٰ ڏني آهي، جيڪا هن ريت آهي، پر ڪنهن لغت جو حوالو نہ ڏنو آهي.

توارد ٻن شخصيتن طرفان ساڳي مضمون جو خيال
ٻن شاعرن جو هڪ جهڙو خيال ۽ هڪٻئي جي خيالن جو ميلاپ
شاعرن طرفان هڪ سٽ ۾ ساڳي معنيٰ وارن ڪن لفظن جي تڪرار يا ورجاء
کي توارد چئبو آهي. (ص:110)

فيروزاللغات ۾ ان لفظ جي هيءَ معنيٰ ڏنل آهي:

توارد [ع-مذکر]
(1) دو، باہم ایک جگہ اترنا
(2) دو شخصوں کو ایک ہی مضمون سوجھنا
(3) ایک ہی بیت یا مصرع دو شاعروں کے ذہن میں آنا
فیروز اللغات—نیا ایڈیشن (ص:352) مطبوعہ 1967ع۔

سوز صاحب جيڪي پهريون بہ معنائون ڏنيون آهن سي صحيح آهن. پر ٽين سٽ واري معنيٰ هن پنهنجي پاران وڌائي آهي، جنهن گڙٻڙ ڪئي آهي. لکيو اٿس:

Scanned with CamScanner

”شاعر طرفان هڪ ست ۾ ساڳي معنيٰ وارن ڪن لفظن جي تڪرار يا ورجاءَ ڪي توارد چئبو آهي، جيڪو هڪ عيب آهي.“ ساعريءَ جي اصطلاح ۾ ’سَرڪو يا توارد‘ واقعي عيب آهن. پر سوز صاحب توارد جي جيڪا نين ست ۾ معنيٰ ڏني آسي، سا ڪنهن به لغت ۾ موجود نه آهي. جيڪڏهن هُو اها معنيٰ صحيح سمجهي ٿو ته مهرباني ڪري ان جو حوالو ڏئي. جيئن هر لفظ لاءِ هُو معتبر حوالا ڏيندو رهي ٿو.

ٻي ڳالهه ته بيت جي پهرين مصرع ۾ ڪو توارد نه آهي، رڳو ساڳي معنيٰ وارا ٻه لفظ آيل آهن.

سوز صاحب جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ طرفان ڏنل ان مصرع جي سمجهاڻي تي غور ڪري ها ته ڪيس مغالطو نه ٿئي ها.

”چڙهئو چڪاسن چاهه، آڳ ٻرندي آئيا“، مطلب آهي ته جڏهن باهه ٻري ته ان جا عاشق (پروانا آيا) جڏهن ڪا شيءِ هوندي ته عاشق ايندا. ڊاڪٽر بلوچ ان مصرع جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي.

(1). اهي (پتنگ پروانا) مٿي اڏامي باهه کي چتائين ٿا (باهه لاءِ واجهائين ٿا ۽ باهه جي ڳولا ڪن ٿا) ۽ ڪٿي به باهه جي ٻرڻ ساڻ اچي ٿا اُتي رسن. شاهه جو رسالو — شاهه جو ڪلام، جلد پهريون، ڇاپو پهريون، ص:62، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1989ع.

سوز صاحب جيڪا معنيٰ ڏني آهي، سا هن ريت آهي:

اهي پروانا ، مٿي اڏامي چتائي غور سان، جتي باهه جو مچ ٻريل ڏسن ٿا . اتي خوشي سان پهچن ٿا. (ص:111)

اها معنيٰ به سهڻي آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ ته عاشق (پروانا) پنهنجي محبوب (باهه) جي ڳولا ۾ آهن. ڪٿي به باهه ڏسن ٿا ته اتي اچي رسن ٿا. سوز صاحب جو مطلب آهي ته اهي پروانا جتي باهه جو مچ ڏسن ٿا اتي پهچن ٿا. مون کي ته ٻئي معنائون سهڻيون لڳن ٿيون، تنهنڪري اهو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو ته اهي انصاف ڪن ته ڪهڙي معنيٰ وڌيڪ موزون ۽ مناسب آهي يا ٻئي بهترين آهن.

اُڀي عاشقن کي، سُوري سڏ ڪري،
اِتي سَڏ سُرڪ جي، ڪنهن مَر پير ڀري،
سِسي ڏار ڌري، پڇج پوءِ پريتڙو. (ص-112)

سوز صاحب اهو بيت لکي، پوءِ ٻڌائي ٿو ته:

”مٿين بيت جي پڙهڻيءَ ۾ مونجهارو نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته بيت جي پهرين پد ۾ ’سُوري‘ لفظ ڪم آيو آهي، ’ڦاهي‘، ’ڦاسي‘ (Gallows) جو ذڪر آهي ۽ وچين

Scanned with CamScanner

سٽ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'سَرڪ' جي بجاءِ 'سُرڪ' معنيٰ محبت جي 'مئي' لکي ڀٽائي جي بيت کي ناموزون بڻائي ڇڏيو آهي، هتي سُوريءَ جو ذڪر آهي نه ڪي ڪلاڙڪي هٽ جو".

ڀلا ڪو ذي شعور ماڻهو منهنجي رهنمائي ڪندي ٻڌائي ته 'سُرڪ' جو سُوريءَ سان ڪهڙو سُٻنڌ، نسبت يا لڳ لاڳاپو ٿي سگهي ٿو.

ڀٽائي جهڙو سُچيت عالم، ٻوليءَ جي ٻي بدل بادشاهه ۽ جهان گشت دانشور سُوريءَ لاءِ سُرڪ جهڙو بي جوڙ لفظ استعمال نه ٿو ڪري سگهي. اهو لفظ سُرڪ نه سَرڪ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي قاسي يا قاهيءَ جو 'ڦندو'، رسو. ياد رکڻ کپي ته 'سُوري' سرڪ کان سواءِ اڻ پوري ۽ نامڪمل آهي. سُرڪ لاءِ ڀٽائي چيو آهي ته:

اٿيئي سَدَ سُرڪ جي، ته وَنءُ ڪلاڙڪي هٽ،

ٻهراڙيءَ جي ڀاڳين يا مالوندن کان سرڪ يا سرگ، سرگي جي باري ۾ پڇيو ته جواب ۾ چوندا ته: اسين صبح جو ساجهر مال جي سرڳ يا سرڳي کيندا آهيون ته وڇي جهنگ چري اچن. (ص:112)

سوز صاحب جي خدمت ۾ عرض ته:

1. مال کي جيڪو رسو ڳچي ۾ ٻڌو ويندو آهي، ان کي برابر سَرڪ سڏيو ويندو آهي توهان جي ڳالهه سورهن آنا صحيح آهي. پر مال کي ٻڌڻ واري رسي کي 'قاهي' (سُوري) ڪيئن سڏي سگهجي ٿو؟ ڇا مال کي سرڪ وجهڻ جو مطلب قاهي ڏيڻ آهي؟ جيڪڏهن ايئن هجي ها، ته مال مري وڃي ها. سَرڪ هڪ مخصوص رسي جو نالو آهي، ان کي قاهي ڪيئن سڏي ٿو سگهجي. ؟

2. ٽين سٽ آهي: "سِسِي ڏار ڏري، ڀڃج ڀوءِ ڀريتٽو" جيڪڏهن سَرڪ جو مطلب قاهي سمجهيو ويندو، ته ڀوءِ ٽين سٽ جي معنيٰ ان سان ميل نه کائيندي. ڇو ته قاهي ڏيڻ سان سِسِي ڏار نه ٿي ويندي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ ان بيت جي سٽ وار سمجهاڻي هيءَ ڏني آهي:

1. سُوري عاشقن لاءِ تيار آهي، ۽ سچن عاشقن کي پٺي سڏ ڪري
2. ته جيڪڏهن (محبت جي مئي جي) سُرڪي (پيئڻ) جي سچي سڪ اٿئي ته ڀوءِ ڏرو به پير پوئتي نه ڪُباءِ (۽ اڳتي وڌي سُوريءَ تي چڙهه)
3. ڀهريائين (محبوب خاطر) پنهنجو سر ڪاٽي جدا ڪري، ڀوءِ عشق جو نالو وٺج.

شاهه جو رسالو – شاهه جو ڪلام، جلد ٻهريون، ڇاپو ٻهريون، ص:68، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1989ع.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب جي خدمت ۾ عرض ته ڊاڪٽر گربخشاڻي 'سُوري' لفظ جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي، ان تي ڪجهه غور ڪري، گربخشاڻي لکيو آهي ته سوري (سن – سئولا) سُوري جي هاٿوڪي معنيٰ آهي. ڦاسي، ڦاهي. پر اڳين ڏينهن ۾ سوري هاٿوڪيءَ سر ڪڻ ڦاهي وانگر نه هئي. سيخ جهڙو هڪڙو وڏو چونڪ هوندو هو، جنهن ۾ گهٽيئي نيزا ۽ ڪِير ڪتل هوندا هئا، جن جون چنهنبون اپيون هونديون هيون. ڏوهين کي نيزن جي مٿان اڇلائيندا هئا، جتي هُو ڇيچلائي ساهه ڏيندا هئا. اهڙي قسم جي سُوري، ڪاٺياواڙ جي ڪن ڏيهي رياستن ۾ اجا تائين ڏسڻ ۾ ايندي آهي. "شاهه جو رسالو، جلد پهريون (ڇاپو ٻيو) ص:344، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سنه 2018ع.

ڊاڪٽر بلوچ به 'سُوريَ' لفظ جي لڳ ڀڳ اهڙي ئي معنيٰ ڏني آهي.

ڏسو شاهه جو رسالو – شاهه جو ڪلام، جلد پهريون، (ڇاپو پهريون) ص:327-328، سنه 1989ع.

ٻئي معنائون ۽ سمجهاڻيون پڙهندڙن آڏو پيش ڪيون ويون آهن، هينئر پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن.

اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ ته پوءِ قبول ۾، مچڻ پانيين گهٽ،
مٿا مُهاين جا، پئا نه پسين پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي. (ص - 113)

اهو بيت لکڻ کان پوءِ، سوز صاحب لکيو آهي ته:

1. ڪوپ (سن) ڪُوپ، ڪوهه، ڪڏو، چاهه، تلاءُ، سوراخ
2. ڪوپ (سن) ڪوپ، غصو، عتاب، غضب

حوالو سنسڪرت – اردو لغت ص:57 ساڳيو هندي – اردو لغت، ص:369.

بيت جي آخري سٽ ۾ 'ڪسڻ جو ڪوپ' جي معنيٰ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ توڙي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب 'مسلسل وڍ وڍان' وڍڻ ٽُڪڻ، ڪپڻ ڪاٽڻ يا سر ڏيڻ جو دستور لکي آهي.' منهنجي خيال (سوز صاحب جي خيال) ۾ مناسب معنيٰ نه ٿي لڳي، سوال ٿو پيدا ٿئي ته "چا هي ڪاسائيءَ جو دڪان آهي."

سوز صاحب لکي ٿو ته: منهنجي خيال ۾ ڀٽائي "پير مغان جي اڏي جي ڳالهه ڪئي آهي. اهو لفظ ڪوپ نه آهي، ڪُوَپ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪُوهه ۾ ڊينگهي مٿان ماله ۾ لوٽيون قطار ۾ ٻڌل هونديون آهن. اهي ڪُوهه مان پاڻيءَ سان ڀرجي اچي نيسر ۾ پونديون آهن ۽ اتان پوءِ اڏ ۾ پاڻي پوندو آهي.

Scanned with CamScanner

معنيٰ محبت جي مئہ جا پياڪ هڪڙا پير مغان جي اڏي پهچن پيا تہ وري ٻيا اچڻ واسطي تيار بيٺل آهن. اهڙي طرح پياڪن جا مدهوش ٿيل جسم پٽ تي ڏسجن پيا. 'مرشد' جي اڏي تي هر وقت پياڪن جي پيهہ ۽ اچ وڃ جاري هوندي آهي. (ص:113)

ان بيت جي سٽ وار سمجهاڻي ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڏني آهي:

1. اڳيان بيٺل سچا عاشق اڳتي وڌي اچي اڏين کي ويجها ٿيا آهن، تہ ٻين پويان (بيٺلن) پنهنجا سِرَ وڍائڻ لاءِ سنيرايا آهن.
2. (اي سچا عاشق) پنهنجو سر وڍ تہ (محبوبن وٽ) قبول پوي. ان ۾ متان ڪو گهٽتائي وارو گمان آڻين.
3. وڏن وڏن عاشقن جا سر وڍيل ۽ پٽ تي پيل نٿو ڏسين!
4. (محبت جي ميخاني ۾) وڍيندڙن وٽ، رڳو وَڍَ وَڍان واري ڪار آهي.

شاهہ جو رسالو – شاهہ جو ڪلام، جلد پهريون، (ڇاپو پهريون) ص:76، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، 1989ع.

گربخشاڻي واري رسالي ۾ اهو لفظ ڪوپ لکيل آهي، ان جي معنيٰ ڊاڪٽر صاحب هيءَ ڏني آهي.

ڪوپُ (سن، ڪوپُ) غضب، انڌير، قهرَ ڪيس.

(شاهہ جو رسالو، جلد پهريون (ڇاپو ٻيو) ص:350، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، سنہ 2018ع.)

منهنجي خيال ۾ هن بيت ۾ ڀٽائي ارغون ترخان ۽ مغل دور ۾ سنڌين تي جيڪي ظلم ٿيا ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ سنڌين جيڪي قربانيون ڏنيون، ان تاريخي واقعن طرف اشارو آهي، ان قسم جا ڀٽائي جا ٻيا بہ ڪيترائي بيت رسالي ۾ موجود آهن.

سوز صاحب کي تاريخ جو مطالعو ڪري پوءِ انهن تي غور ڪرڻ گهرجي، مذڪوره بيت بابت سمجهاڻيون پڙهندڙن آڏو پيش ڪيون ويون آهن، پل تہ اهي امين تي فيصلو ڪن تہ ڪهڙي شرح وڌيڪ بهتر آهي.

سر يمن/ايمن ڪلياڻ:

ص:115 تي يمن ڪلياڻ جو پهريون بيت آهي:

حبيب تون، طبيب تون، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا اَئوا،
صاحب ڏين شفا، ميان مريضن کي.

Scanned with CamScanner

هن بيت جي نثري معنيٰ ڪرڻ کان پوءِ اها ساڳيو مثنويءَ جو بيت، جيڪو ڊاڪٽر سومري شاهديءَ طور آندو آهي. سوز صاحب اهو نقل ڪيو آهي، البت مثنويءَ کي ڏسي ان سان لاڳو ٻيو بيت بہ ڏنو اٿس، جنهن جي حالانڪ ڪا ضرورت ئي نہ هئي؛ ڇو تہ ان ۾ افلاطون ۽ جالينوس جا نالا ڪنيل آهن وغيره. پر هاڻي ڏسڻو آهي تہ مثنويءَ جي ان بيت جي جيڪا معنيٰ سوز صاحب ڏني آهي ۽ ڊاڪٽر سومري جي ڏنل معنيٰ کان هڪڙو لفظ بہ مختلف آهي يا بلڪل نقل ڪاپي ٿيل آهي.

مثنويءَ جو بيت آهي:

شادباش اى عشق خوش سوداى ما.
اى طبيبِ جملہ علتهائى ما.

معنيٰ: (سوز جي نقل ڪيل) خوش هجين اي عشق، منهنجي، وڻندڙ ڇريائي آهين، اسان جي سيني بيمارين جو حڪيم ۽ دارون درمل تون ئي آهين.

ڊاڪٽر سومري جي ڪيل معنيٰ: خوش هجين اي عشق تون منهنجي دل جي وڻندڙ ڇريائي آهين. تون ئي منهنجي سيني بيمارين جو طبيب ۽ دوا دارون آهين. (ص:56)

هاڻي پڙهندڙ امانت ڪن تہ سوز صاحب پهرين سٽ مان لفظ 'تون' ڪڍي ۽ ٻي سٽ ۾ طبيب جي بجاءِ 'حڪيم' جو لفظ وجهي باقي سموري معنيٰ ساڳي رکي آهي، سوز صاحب جي اهڙي ادبي ارهہ زورائي ۽ ايمانداري لاءِ ڇا چئجي؟ اهو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي.

ص:119 تي هيٺيان بہ بيت ڏنل آهن.

پهريون:

ڪُنيس ڪُوڇن، تن طبيب نہ ڳڌا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڌن، پاڻان ڏيل ڏڪوئيو.

ٻيو بيت آهي:

ويڄ وڃايون ڇڏ، توکي سُڌ نہ سورجي،
آنڌئي جي اڳهن لڏ، سي گوريون ڪورين ڳڏ،
سوئي صاحب سڏ، جو پرڪا لهي پيڙ جي.

هتي اسان سوز صاحب جي هنن ٻنهي بيتن جي ڪيل معنيٰ نقل نٿا ڪريون، صرف پڙهندڙن کي عرض ڪريون ٿا تہ اهي پاڻ انهن ٻن بيتن جي معنيٰ ڊاڪٽر سومري جي ڪيل معنيٰ سان ڀيٽائي ڏسن تہ خبر پوندي تہ سوز صاحب ڪهڙيءَ ريت معنيٰ نقل ڪري ٿو. ان جي وڌيڪ تصديق مثنويءَ جي انهن بيتن مان ڪري سگهجي ٿي، جيڪي وري سوز صاحب ص:120 تي ڏنا آهن.

Scanned with CamScanner

هتي اهي بيت ۽ انهن جي معنيٰ جيئن سوز صاحب نقل ڪئي آهي، سا ڏجي ٿي.

اين طبيبان نو آموزند خود.
که بديد آيات شان حاجت بود.

سوز صاحب جي نقل ڪيل معنيٰ: هي حڪيم (اڃا) خود سيکڙاٽ آهن (ڇو ته) انهن کي مرض سڃاڻڻ لاءِ علامتن جي ضرورت آهي. (ص:116)

مثنويءَ جو هيءُ بيت ڊاڪٽر سومري شاهه جي رسالي 2016 واري ايڊيشن ۾ صفحي 61 تي آندو آهي ۽ ان جي معنيٰ هن ريت ڏني آهي:

معنيٰ: اهي طبيب اڃان سيکڙاٽ آهن، جيڪي مرض جون علامتون ڳولين ٿا يعني انهن جا محتاج آهن.

هاڻي ڏسو ته سوز صاحب ڪيئن سومري صاحب جي ڪيل معنيٰ کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ان ۾ ناڪام ٿيو آهي.

ص:120 تي هي بيت آندو اٿس:

هڻ حبيب هٿ ڪٽي، ٽيڪ م ٽورو لاءِ،
پريم تنهنجي گهاءِ، مران ته مانُ لهان.

سوز صاحب واري معنيٰ: اي محبوب! اُيو هٿ ڪٽي ڪري (اُلاري) پوري زور سان ڏڪ هڻ ۽ خنجر مياڻ ۾ نه وجهه. مون تي احسان ڪر، اي منهنجا پرين! تنهنجي هٿان زخمن سان مرڻ، مون لاءِ عزت جو باعث آهي. (ص:120)

هاڻي هن کان اڳ سومري صاحب جي ڏنل سمجهاڻي ڏسو.

اي سڄڻ سائين! تون هٿ اُيو ڪري (اُلاري) پوري زور سان ڏڪ هڻ. اهو مون تي احسان ڪر، خنجر ورائي پوئتي نه ڪر، اي منهنجا پرين، آءٌ تنهنجي هٿان زخم کائي مرندس ته عزت ۽ مانَ وارو ٿيندس. (ص:75)

سوز صاحب جي چالاڪي ملاحظ فرمايو جو پهرين سٽ مان 'تون' جو لفظ ڪڍيائين ۽ ٻيءَ مان 'آءٌ' جو لفظ ڪڍيائين ۽ آخر ۾ 'مانَ وارو' ڪڍي 'باعث' جو لفظ ڳنڍيائين. پڙهندڙ پاڻ ڏسن ته اها سمجهاڻي جنهن انداز سان سومري صاحب ڏني آهي خاص طور الاري لفظ ڏنگين ۾ وجهي زور پيدا ڪيو آهي، سو سوز صاحب جيئن جو تيئن ڏنگيءَ ۾ رکيو آهي. هاڻ جيڪڏهن نوي سيکڙو لفظ ساڳيا آهن، ته پوءِ نقل يا ڪاپي جا ڪي ڇٻبو آهي!

هتي ٻي چالاڪي جيڪا سوز صاحب ڪئي آهي سا اها ته هن بيت جي هيٺان سومري صاحب جو آندل مثنوي وارو بيت هٽائي مثنويءَ جو ٻيو بيت آنا و آهي،

Scanned with CamScanner

جيڪو سومري صاحب هڪ ٻئي بيت نمبر 160، ص:58 تي ڏنو آهي، اهو بيت سومري صاحب هن ريت ڏنو آهي:

عاشقان آنگه شراب جان کشند.
که بدست خویش خوبان شان کشند.

سومري صاحب واري معنيٰ: عاشق انهيءَ گهڙي خوشي (سرمستيءَ) جا پيالا پين ٿا، جڏهن پنهنجي محبوب جي هٿان قتل ٿيندا آهن.

سوز صاحب جي ڪيل معنيٰ ڏسو:

معنيٰ: عاشق خوشيءَ جو جام ان وقت پيئندا آهن، جڏهن معشوق ان کي هٿن سان قتل ڪندا آهن. (ص:120)

ڪُهن تان ڪر ڳهُرا، ڪَر لهن تان ڪُهن،
سيئي مون مهن، سيئي راحت روح جي. (ص-117)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، محمد يعقوب آغا، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ عثمان علي انصاري هي بيت سُر ڪلياڻ ۾ 'ڪُهن تان ڪر لهن' لکيو آهي. سمجھ ۾ اچي ٿو تہ سيني محققن پنهنجي پيش رو عالمن جو هُوبهُو نقل ڪيو آهي.

پر مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي دعويٰ آهي تہ: "هن شاهہ لطيف جي مختلف اديبن طرفان لکيل 50 قلمي نسخن کي اڳيان رکي پيٽي پٽائي جو مستند رسالو تيار ڪيو آهي." اها جدا ڳالهہ آهي تہ بلوچ صاحب جن قلمي نسخن جي ڳالهہ ڪئي آهي، انهن مان اڌ کان وڌيڪ اڻپورا ۽ ڪاتب ۽ ڪتابت جي سن ۽ نالن کان خالي آهن. انهن ڪاتبن جي 'علمي اڏام' ڪيتري هئي ڪا خبر ناهي. جڏهن تہ گنج سيني نسخن کان آڳاٽو قلمي نسخو آهي.

مان بہ ڊاڪٽر بلوچ جي لکت سان سهمت آهيان اهو ضروري ڪونهي تہ سچي بيت جي صورتخطي ۽ معنيٰ جيڪا ڊاڪٽر صاحب لکي آهي ان سان شامل راءِ ٿجي.

ارنيسٽ ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي کي مياري نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي دورن ۾ لغتن ۽ ڊڪشنرين جي اڻاٺ هئي، انهن صاحبن جا احسان جن ڪاف ڪشالا ۽ محنت ڪري اسان کي پٽائيءَ جي پوتر پارانيي کان واقف ڪرايو.

پوئين دور جي سيني محققن توڙي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تعلق اهڙي جديد دور سان آهي، جتي لغات ۽ ڊڪشنرين جي بهتات هئي، پر تنهن هوندي بہ انهن کان ڪجھ سَهوَ سرزدِ ٿيون آهن.

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي ميار ڏئي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ صاحب موصوف لغت داني جو ماهر هو. پر هن لغت جي ورق ورائڻ جي تڪليف گوارا

Scanned with CamScanner

نہ ڪئي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي هيانوَ جي سوجهري تي لفظن جي صورتخطي ۽ معنائون لکيون اٿس. ههڙي مهان دانشور ۽ عالم کي اهو نہ پيو ڄڃائي." (ص:117)

(1). ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ، سوز صاحب قلمي ڪتابن جي اهميت کان واقف نہ آهي. مخطوطات جا ڪيٽلاگ نہ پڙهيا آهن. ڪيس معلوم هجي تہ قلمي ڪتاب جي هڪ ورق جي بہ اهميت هوندي آهي؛ بيشڪ ڪيترائي قلمي ڪتاب اڻ پورا هوندا آهن. قلمي ڪتابن جو تعارف ڪرائيندي لکيو ويندو آهي تہ "اول آخر ناقص، نام ڪاتب ندارد" پر پوءِ بہ اهي قيمتي هوندا آهن ۽ انهن جي قيمت لکن ۾ هوندي آهي. اهڙن قلمي ڪتابن جي سڃاڻ مخطوطات جا ماهر صورتخطي، ڪاغذ ۽ ڪن ٻين اهڃاڻن مان سنہ جو تعين ڪري سگهندا آهن. انهن جي 'علمي اڏام' مخطوطي جي متن مان معلوم ٿي ويندي آهي. بيشڪ گنج جي پنهنجي اهميت آهي، پر ٻيا قلمي شاهہ جا رسالا بہ اهميت رکن ٿا.

(2). سوز صاحب اها ڳالهہ بہ غلط لکي آهي: "انهن پنجاهہ قلمي نسخن مان اڌ کان گهڻا اڻ پورا آهن. افسوس جو هن ڊاڪٽر بلوچ جي شاهہ تي ٿيل تحقيق مڪمل طور نہ پڙهي آهي، نہ تہ هو اهڙي اڇاتري راءِ نہ ڏئي ها، سندس اطلاع لاءِ عرض تہ فقط 4 قلمي نسخا اڻ پورا آهن ۽ ڏهن تي سن لکيل ناهي باقي اهو ضروري نہ آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ سان ڪو شامل ٿجي. اختلاف راءِ جو هر ڪنهن کي حق آهي، پر اهو اختلاف اهڙي مضبوط دليلن تي ٻڌل هجي، جو هرڪو واهہ واهہ ڪري، پر جيڪڏهن دليل جڏا، انڌا منڊا هوندا تہ اختلاف راءِ وارو پاڻ تي ماٺهو کلائيندو ۽ خوار ٿيندو.

(3). اها ڳالهہ بہ غلط آهي تہ ارنيسٽ ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي دور ۾ ڊڪشنرين جي اڻاٺ هئي. ان دور ۾ عربي، فارسي، هندي ۽ سنڌي جون ڪافي ڊڪشنريون موجود هيون. جن مان گربخشاڻي مدد ورتي ۽ معنائون ڏنيون، پر ٽرمپ واري رسالي ۾ ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ ڏنل ناهي.

(4). سوز صاحب جو ڊاڪٽر بلوچ تي اهو الزام غلط آهي تہ "هن (ڊاڪٽر بلوچ) لغت جي ورق ورائڻ جي تڪليف گوارا نہ ڪئي ۽ ڪٿي ڪٿي هنيانوَ جي سوجهري تي لفظن جي صورتخطي ۽ معنائون لکيون اٿس."

افسوس جو سوز صاحب ڊاڪٽر بلوچ جي محنت سان تيار ڪيل ڏهن جلدن جو مطالعو نہ ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ لفظن جي صورتخطي 50 قلمي ۽ ٻين ڇاپي رسالن جي روشني ۾ ڏني آهي ۽ معنائون لغتن جي روشني ۾ ڏنيون آهن. جن پڙهڻين ۽ معنائن کي سوز صاحب غلط قرار ڏنو آهي، سي سڀ صحيح آهن، سوز صاحب غلط فهمي ۽ ڪم علميءَ جي ڪري ڊاڪٽر بلوچ تي الزام هنيا آهن، اها ڳالهہ پڙهندڙن کي هيءُ مضمون پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿي ويندي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ، ”مذڪوره بيت جي پوئين سٽ ۾ ’مَهن‘ لفظ لکيل آهي، جيڪو بيت جي معنيٰ مفهوم جي لحاظ کان اوپرو ۽ بي جوڙ لڳي ٿو، جنهن تي باريڪ بيني ۽ تن دهي سان ويچارڻ جي ضرور ـ آهي. مان ان لفظ تي ڪليل ذهن سان بحث ڪرڻ چاهيان ٿو تہ جيئن غلطيءَ جو ازالو ڪيو وڃي، حقيقت ۾ ڀٽائي ’مهن‘ لفظ بجاءِ ’محن‘ استعمال ڪيو آهي“. هاڻي اچو تہ لغتن جو سهارو وٺي ٻنهي لفظن ’مهن‘ ۽ ’محن‘ جو معنائون ڳولي غلطيءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪريون. (ص:118)

ان کان پوءِ سوز صاحب لغتن جي آڌار تي ساڳئي صفحي تي ٻنهي لفظن جون معنائون ڏنيون آهن، جيڪي هتي ڏجن ٿيون.

مهن (ع) مِهنا پنهنجو پيشر يا ڌنڌو ڪرڻ، ڪو بہ ڪم پيشي طور اختيار ڪرڻ، پنهنجي هنر ۽ ڌنڌي ۾ لڳي وڃڻ.

محن (ع) مَحِنا = آزمائڻ، پرکڻ، امتحان وٺڻ، آزمائش يا مصيبت ۾ وجهڻ سخت تڪليف ڏيڻ. (ص:118)

پوءِ لکيو اٿس تہ، ”لغتن جي روشني ۾هاڻ بيت جي صورت (سندس سوچ موجب) هن ريت بيهي ٿي.

ڪُهن جي ڪَر ڳهُرا، ڪَر لَهن تان ڪُهن،
سيئي مون مَحِن، سيئي راحت روح جي.

معنيٰ: اهي دوست جڏهن ڪُهن ٿا، تڏهن بہ جڻ (مون لاءِ) ڀلائي سوچين ٿا. وري سندن ڀلائي ۽ خبر چار لهڻ جو مطلب اهو آهي تہ هُو (ٻيهر) ڪُهڻ جي تياري ڪن ٿا. (دوست طرفان) اهي ڪُهڻ ۽ تڪليفون ڏيڻ مون لاءِ آزمائش سان گڏوگڏ روح يا من کي آرام بخشيندڙ آهن. ان کان پوءِ هن مولانا روميءَ جو هيءُ بيت ڏنو آهي:

عاشقم برقهرو برلطفش بجد
اي عجب من عاشقِ اين هر دو ضد (ص: 118)

اسان سڀ، ويندي سوز صاحب ان ڳالهہ تي متفق آهيون تہ جيئن تہ گنج آڳاٽو نسخو آهي، تنهنڪري ان ۾ آيل شاهہ جي بيتن جون پڙهتيون ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مُستند آهن. گنج شريف ۾ اها ئي پڙهتي ڏنل آهي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ واري رسالي ۽ ٻين سيني قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ موجود آهي. هنن سيني عالمن گنج جي پيروي ڪئي آهي. (ڏسو گنج شريف قديم صورتخطي، ص:189، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1995ع. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان بيت ۾ آيل لفظن جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي:

Scanned with CamScanner

(1). ڪهن تان = جيڪڏهن ڪهن تہ پوءِ ڪرَ گهَرا = خبر لهندڙ، خبر چار جي گهرڪندڙ، ڪر لهن = جيڪڏهن همدردي ڪن ۽ حال پُڇن، خيال رکن ۽ گهُرن، قُرب ڏين، تان ڪُهن = تہ پوءِ وري ڪُهنِ، سيئي = اهي ساڳيا سڄڻ. مُون مُهنِ = مون کي مُهنِ (مُهڻ = مُسائڻ، مَتو ڪرڻ، سخت مجبوريءَ ۾ مبتلا ڪرڻ) (ڏسو شاهہ جو رسالو — شاهہ جو ڪلام، جلد پهريون (ڇاپو پهريون) ص:375، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1989ع.

گربخشاڻي مُهن لفظ جي معنيٰ 'عذاب ڏيڻ' لکي آهي، (شاهہ جو رسالو جلد پهريون (ڇاپو ٻيو) ص:363، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سنہ 2018ع.

هيئنر مذڪوره بيت جي ڊاڪٽر بلوچ طرفان ڏنل سِٽ وار سمجهاڻي ڏجي ٿي.

1. (اهي سڄڻ) قتل ٿا ڪن تہ ڇڻ گهٽو ٿا گهرن، پر همدردي ڪري حال ٿا پڇن تہ قتل ٿا ڪن.
2. اهي ساڳيا سڄڻ مون کي ٿا مَسائين (سخت تڪليف ۽ ايذاءَ ۾ مبتلا ٿا ڪن) ۽ سيئي ساڳيا سڄڻ منهنجي لاءِ رُوح جي راحت ٿا بنجن. (ڏسو شاهہ جو رسالو — شاهہ جو ڪلام، جلد پهريون (ڇاپو پهريون) ص:84، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ سنہ 1989ع.

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ سيني قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ 'مهن' لفظ لکيل آهي. مٿي گنج جو حوالو ڏنو ويو آهي. سوز صاحب جو اهو الزام تہ ڊاڪٽر بلوچ ڪٿي هنياء جي سوجهري تي لفظن جي صورتخطي لکي آهي. هنياء جي سوجهري تي تہ هن پاڻ صورتخطي لکي آهي. جيڪو لفظ قلمي نسخن ۽ ڇاپي رسالن ۾ موجود آهي، سوئي ڊاڪٽر بلوچ ڏنو آهي. پر سوز صاحب اهو لفظ هنياء جي سوجهري تي لکيو آهي تہ هيئنر اهو هنياء جو سوجهري وارو الزام مٿس لڳي سگهي ٿو يا ڊاڪٽر بلوچ تي لڳي سگهي ٿو. اهو فيصلو هُو پاڻ ڪري يا پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا تہ هُو منصف ٿي انصاف ڪن.

ٻَر تن اگارن، ٻہ.ڏائين ٻرن جي،
هڪ جيئن ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجھ ڏڳن،
اچا لُهارن، ميڙي رکيا مچ ڪي.

سوز صاحب اهو بيت آڻڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ:

(1). ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'ٻَر' جي معنيٰ 'شاباس'، 'جَسُ' لکي آهي. خبر ناهي تہ صاحب موصوف اها معنيٰ ڪهڙي لغت مان ڳولهي هٿ ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ (اها) معنيٰ غلط آهي. (ص:124)

سوز صاحب ان لفظ جي معنيٰ هيءَ لکي آهي:

Scanned with CamScanner

ٻَرَ: تون ٻَرُ، تون سَڙُ، تون پَچُ. 'ٻَرِ' گرامر جو صيغو آهي.

سوز صاحب کان سوال آهي تہ اهو گرامر جو ڪهڙو صيغو آهي؟ جيڪڏهن امر جو صيغو آهي تہ پوءِ 'ر' تي زير نہ پيش اچڻ گهرجي، يعني ٻَرُ، سَڙُ، پَچُ. پر بيت ۾ سيني شارحن 'ر' جي هيٺان زير ڏني آهي. خود سوز صاحب بہ زير ڏني آهي. پڙهندڙ پاڻ انصاف ڪن تہ ڇا امر جي صيغي ۾ اتي زير ايندي يا پيش؟

ان بيت جي معنيٰ مينهين خان هيءَ ڏني آهي: ”(اي عاشق) محبوب تائين پهچڻ لاءِ انهن آڳارن جيان سَڙُ، پَچُ جيڪي بہ دفعا ٻرن ۽ سڙن ٿا. هڪ ڀيري ڪاٺين کان سڙي اگر ٿين ٿا. ٻيو ڀيرو وري لهار جي مچ ۾ ڌوڻ جي هوا سان ڳاڙها ٿي سڙن ٿا. ٽيون وري لُهار باقي بچيل اڱارن کي ميڙي مچ ۾ رکندا آهن. جيئن سڙي رک ٿين (اي عاشق) تون بہ ايسٽائين محبوب لاءِ جستجو ڪري پنهنجو وجود وڃائي فنا في الله ٿي وڃ.“ (ص:124)

ڀٽائي جي شاعريءَ جي هيءَ خاص خصوصيت آهي تہ هُن عام شين جي تعريف ڪري، انهن جا مثال ڏيئي انسانن کي هدايت ڪئي آهي تہ اهي معمولي شيون آهن، پر سندن مانُ مٿانهون آهي. مثال خاطر بہ بيت پيش ڪجن ٿا:

پاشاهي نہ پاڙيان، سرتيون سُئي ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر ڄاپي ڄاڻ، اِبر جي اوصاف ڪي.

***

ڪڇي ڪانِي ڪانهن، ٻُڏا ڪَڍي ٻار مان،
يا لنگهائي لطيف چئي، يا ڏُريان ڪري دانهن،
ڏئي ٻُڏنِ کي ٻانهن، نا تہ ساٿن وڃي سير ۾.

هن بيت ۾ آيل لفظ 'ٻرِ' جي جيڪا معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ ڏني آهي سا صحيح آهي. منهنجي خيال ۾ ڀٽائي اڱارن (ڪوئلن) جي تعريف ڪئي آهي ۽ انهن کي آفرين چئي آهي. ظاهر ۾ تہ اهو ئي مطلب آهي، پر باطن ۾ ڪو ان جي معنيٰ ٻئي پاسي ڇڪي وڃي تہ سندس مرضي، وڌيڪ فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪري سگهن ٿا.

سور صاحب (ص:129) تي هي بيت ڏنو آهي:

اڪر پڙهي اياڳيا، قاضي ٿئين ڪٿاءُ،
پيرئين ۽ پائيين، ايڏا ايئن نہ آءُ،
اِن سُرڪي سندو ساءُ، پُڇج عزازيل کي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب ان بيت جي معنيٰ ڏيڻ کان پوءِ لکيو آهي: ”مٿيون خوبصورت بيت ڊاڪٽر بلوچ صاحب رسالي مان ڪڍي ڇڏيو آهي، جنهن لاءِ ڪا بہ سَند يا معقول سبب ڪونہ ڄاڻايو اٿس، جيڪو هيئين بيت جو قبيل آهي.

عاشق عزازيل، ڀيا مڙيئي سڌريا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو. (ص:129)

مون ڪي ڪن دوستن جي ذاتي ڪچهرين جو تجربو آهي ۽ ڪن مضمونن، مقالن ۾ بہ پڙهيو اٿم تہ ڪو بيت لکي، پوءِ ڪي الله جا ٻانها ڊاڪٽر بلوچ تي الزام هڻندا آهن تہ ڊاڪٽر صاحب هھڙو سهڻو بيت بنان ڪنهن معقول دليل يا ثبوت جي شاهہ جي رسالي مان ڪڍي ڇڏيو آهي.

اهڙن الله جي ٻانهن جي خدمت ۾ عرض تہ ڊاڪٽر بلوچ ڪو بہ بيت سواءِ ڪنهن ثبوت يا دليل جي شاهہ جي رسالي مان ڪونہ ڪڍي ڇڏيو آهي. مون هن کان اڳ بہ لکيو آهي تہ افسوس جو اهي خدا جا بندا ڊاڪٽر صاحب جا تيار ڪيل ڏهہ جلد پڙهن ئي ڪو نہ ٿا. شايد وٽن ايترو وقت نہ آهي، جو اهي ڏهہ ضخيم جلد پڙهي سگهن. مهرباني ڪري ڀِيريائين اهي پڙهو تہ توهان کي سچي حقيقت معلوم ٿي ويندي ۽ پوءِ اهڙي اُٻاهري ۽ اُڇاتري راءِ نہ ڏيندؤ، ڇو تہ اهڙن الله جي ٻانهن جي اهڙي عمل سان سندن ڪم علمي ظاهر ٿي پوندي آهي. تنهنڪري ڪين عرض آهي تہ مهرباني ڪري مڪمل مطالع کان سواءِ اِن قسم جي راين کان پاسو ڪن تہ هنن لاءِ بهتر آهي، باقي ڊاڪٽر بلوچ جي شخصيت تي ڪو اثر نہ پوندو، پر اهڙي غير علمي راءِ سبب سندن علميت پڌري ٿي پوندي ۽ سندن شخصيت کي نقصان ٿيندو، تنهنڪري سوچي سمجهي راءِ ڏيڻ گهرجي. اهڙي ساڳي ڳالهہ سوز صاحب ص:129 تي لکي آهي.

عاشق عزازيل، ڀيا مڙيئي سڌڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

هي بيت ڏيڻ کان پوءِ سوز صاحب لکيو آهي تہ: هي بيت ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامہ آءِ آءِ قاضي، محمد يعقوب آغا، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، غلام مصطفيٰ قاسمي، ڪلياڻ آڏواڻي، ٻانهي خان شيخ ۽ عثمان علي انصاري جي رسالي توڙي گنج شريف ۾ بہ لکيل آهي. مگر مٿيون بيت ڊاڪٽر بلوچ صاحب بنا ڪنهن سوچ ويچار جي ڀٽائي جي رسالي مان خارج ڪري ڀٽائي جي صوفياڻي مزاج جي خواه مخواه نفي ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب ان بيت کي خارج ڪرڻ جو ڪو بہ معقول سبب ڪونہ ڄاڻايو آهي، ڊاڪٽر صاحب ڀٽائي جي بيتن جي پرکا ڪرڻ لاءِ جيڪي ماڻ

Scanned with CamScanner

۾ ماپا مقرر ڪيا آهن، انهن تي سؤ فيصد هيءُ بيت پورو لهي ٿو. هن بيت تي نهايت تن دهي، سالم طبع سان نيڪا نيٽي ۽ ويچار ونڊڻ جي ضرورت آهي. مذڪوره بيت ۾ تصوّف جي انا واري نظرئي، عزازيل جي تشخص، خير ۽ شر جي نسبت سان اپٽار ڪيل آهي، شروع ڪان ...ي بيت صوفياڻي فڪر جو تڪراري اهم مسئلو رهيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ تمام وڏو عالم ۽ دانشور آهي. پر سمجهه ۾ اچي ٿو تہ صاحب موصوف ڪي يا تہ صوفي مت ۽ ويدانت جي اصولن مطابق ڄاڻ محدود آهي يا وري تصوّف جي فلسفي جي مجڻ ڪان عاري آهي." (ص:129-130)

سوز صاحب جي هن رمارڪ تي ڪل بہ اچي ٿي تہ افسوس بہ ٿئي ٿو، ڀلي هُو چئي تہ ڊاڪٽر بلوچ کي تصوف ۽ ويدانت جي ڄاڻ ڪانهي. ان بابت هُو بلوچ صاحب کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو، ان سان ڪو فرق ڪونہ پوندو. سنڌ جي عالمن ۽ دانشورن کي سوز صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٻنهن جي علمي حيثيت بابت پوري ڄاڻ آهي، باقي رهيو سوال تہ ڊاڪٽر بلوچ اهو بيت بنا سبب ٻڌائڻ جي ڪيئي ڇڏيو آهي، سو صحيح ناهي.

سوز صاحب ابليس بابت قرآن پاڪ ۽ مثنوي مولانا روم مان حوالا ڏيئي ثابت ڪيو آهي تہ: هُو متڪبر هو. ان لاءِ هن شيخ سعدي جو بہ شعر ڏنو آهي. ان کان پوءِ سوز صاحب قرآن پاڪ، مثنوي مولانا روم، شيخ سعدي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي حوالن جي ابتڙ ڪن ٻين عالمن ۽ صوفين جي موقف کي وڌيڪ صحيح سمجهي ٿو تہ ڀلي سمجهي، اهو ڪيس ڪُلي اختيار آهي. وڌيڪ فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪندا. ان کان پوءِ اهو لکيو اٿس: "مٿيون ثابيتون ٻڌائين ٿيون تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اهو بيت شاهہ جي رسالي مان هرو ڀرو بنا ڪنهن سبب خارج ڪري، پنهنجي تصوف واري نظرئي ۽ اهم نڪتي جي نفي ڪئي آهي. (ص:132)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهہ صاحب جي رسالي جي قلمي نسخن جي روشني ۾ ٻڌايو آهي تہ هيءُ بيت ڇهن قلمي نسخن ۾ (جن جا هن نالا ٻڌايا آهن) سُر ليلان چنيسر هيٺ رکيل آهي. گنج ۾ يڪي گڏيل سُر ڪلياڻ و جمن ۾ آيل آهي. ستن قلمي نسخن ۾ (جن جا نالا ٻڌايا ويا آهن) ۽ پوئين دور جي لڪايل رسالن ۾ سُر 'جمن' ۾ ڏنل آهي. هيءُ بيت اوائلي دور جي گهڻن رسالن ۾ ڪونهي. البت هينئين ٽن ۾ موجود آهي. (جن جا بلوچ صاحب نالا ٻڌايا آهن) ان کان علاوه ڇئن ٻين قلمي نسخن ۾ (جن جا نالا ڊاڪٽر صاحب ٻڌايا آهن) بہ آهي. پر اهي شڪ ڳاڏئان آهن تہ ڪو اوائلي دور ۾ مرتب ٿيا. وچولي دور جي پهرين ستن قلمي نسخن (جن جا نالا ٻڌايا ويا آهن) ۾ ۽ پوءِ ٻيا جيڪي انهن تان اتاريا ويا تن ۾ بہ موجود آهي، اوائلي دور جي ٻن رسالن (جن جا نالا ٻڌايا ويا آهن) توڙي ٻين ٻن قلمي نسخن (جن جا نالا ڏنا ويا آهن) ۾ هيءُ بيت 'سر ليلان چنيسر' هيٺ رکيل آهي. وچولي دور جي ٻن رسالن (جن جا نالا ڏنا ويا آهن) ۾

Scanned with CamScanner

(جيڪي اوائلي دور جي رسالن تان مرتب ٿيا) ۾ پڻ سُر ليلان چنيسر هيٺ لکيو ويو. البت 1250ھ ڌاري جڏهن رسالن جو نئون ايڊيشن 'راڳنامي طور' مرتب ٿيو ته ان ۾ هيءُ بيت 'سُر ليلا چنيسر' جي بدران 'سُر يمن' (جمن، جمن ڪلياڻ يا يمن ڪلياڻ) هيٺ رکيو ويو. وچولي دور جي پهرين ستن رسالن (جن جا نالا ڏنا ويا آهن) يا انهن تان جيڪي نقل ٿيا، تن ۾ هيءُ بيت سُر جمن يا جمن ڪلياڻ جي فصل – 5 (يا داستان – 5) هيٺ نمبر 25 يا 26 ڪري رکيل آهي. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو شاھ جو رسالو جلد ڏهون، ص:273)

مٿين تفصيل مان معلوم ٿيو ته هيءُ بيت اوائلي دور جي گهڻن رسالن ۾ شامل ڪونه آهي. هڪ مکيه رسالو آهي، (جنهن جو نالو ڏنو ويو آهي) پر ان ۾ به موجود ڪونهي. ٻيو ته پهرين سٽ جي پڙهڻي ۾ ٿورو اختلاف آهي، جيئن ته:

هڪ نسخي ۾: عاشق ته عزازيل، ٻيا سيئي سڌڙيا

ٻين ٻن نسخن ۾: عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا

بيت جا قافيا عزازيلُ (لام جي پيش سان) ۽ 'سبيلَ' (لام جي زبر سان) پڻ اعليٰ معيار وارا ناهن، ٿيو ته هيءُ بيت اصل ۾ 'سُر ليلان چنيسر' جو هو، جتان پوءِ ڦيرائي 'سر يمن' هيٺ رکيو ويو. سُر ليلان چنيسر هيٺ جن هن بيت کي رکيو، تن کي شايد ليلان جي ڪردار ۽ هن بيت ۾ سمايل هڪ اهڃاڻ – يعني سڪ سببان لال مان لعنتي ٿيڻ ۾ مناسبت نظر آئي. ليلان کي پنهنجي ڀتار چنيسر سان پيار جي دعويٰ هئي. هن انهيءَ سڪ ۽ پيار خاطر ايڏي وڏي خطا ڪئي جو هڪ رات لاءِ چنيسر کي ڪونرُو جي حوالي ڪيائين. فقط انهيءَ لاءِ ته پاڻ هار پائيندي ۽ سينگار ڪندي ته چنيسر کي وڌيڪ وڻندي. پر چنيسر ڪيس انهيءَ ڪري تڙايو، ۽ هُوءَ پنهنجي سڪ سببان لال مان ڦري لعنتي ٿي. هن اڏوري اهڃاڻ کان سواءِ، عزازيل جي نسبت سان هن بيت جي معنيٰ حقيقت جي خلاف آهي. عزازيل آدم کي انهيءَ ڪري سجدو ڪونه ڪيو ته الله تعاليٰ سان ئي سندس پنهنجو ايترو عشق هو، جو سندس مخلوق (آدم) آڏو سر جهڪائڻ نٿي چاهيائين، پر هن تڪبر ڪيو ۽ پاڻ کي وڏو سمجهيو، آدم کي سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جنهن جو سبب اهو ڏنائين ته آءٌ باھ مان پيدا ڪيل آهيان ۽ هيءُ (آدم) مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي، قرآن حڪيم ۾ هيءُ ذڪر موجود آهي. جنهن جي شاھ صاحب کي پوري ڄاڻ هئي. هيءُ بيت ڪنهن پڙهيل شاھ صاحب کان پوءِ چيو. (ڏسو شاھ جو رسالو (جلد ڏهون) رسالي جو ڪلام (ڇاپو پهريون) ص:274-273 (حوالو ڏنل آهي).

Scanned with CamScanner

سوز صاحب قرآن پاڪ، مثنوي مولانا روم ۽ شيخ سعدي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي حوالن جي ابتڙ ڪن ٻين عالمن ۽ صوفين جي موقف کي وڌيڪ صحيح سمجهي ٿو ته پلي سمجهي، اهو ڪيس ڪُلي اختيار آهي، وڌيڪ فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪندا.

ايڪُ پيالو ٻه ڄڻا، عشقُ نه اِيئن ڪري،
آنءُ سي ايڪُ ٿئا، جي ڳِتا نيه ڳري،
ڏُئي ڏار ڏري، جهُ خُلتَ خنجرُ آئيو. (ص-134)

ڊاڪٽر بلوچ ان بيت ۾ آيل لفظن جي معنيٰ هيءَ ڏني آهي:

1. آنءُ، آنجي = ڳري ملي هڪ ٿي (آنجڻ = ڳرڻ. جدا جدا ٽُڪرن جو پگهرجي، ڳري ملي هڪ ٿيڻ. سونارا سون جا جدا جدا ٽڪرا تپائي، ڳاري هڪ ڪن، جنهن کي 'آٽ' چون ۽ جنهن مان ڪو ٻيو ڳهه ٺاهين) هڪبئي سان گسي پيسي سوڙها ٿي، هڪبئي سان لڳي هڪ ٿي، ڳتا = ڳنڍيا (ڳنڍجڻ ملي هڪ ٿيڻ) ڳنڍجي هڪ ٿيا.
2. ڳتا = ڳاهيا (ڳاهڻ = لتاڙي پوري ذرا ذرا ڪري ملائي ڇڏڻ. ڪانهين يا سنگن جو وجود وڃائي ڇڏڻ) ڇيپاٽي جدا جدا وجود ۽ صورت وڃائي، ملائي هڪ ڪري ڇڏيا.
3. ڳُتا = ڳهيا (ڳهڻ = ڳاهه ۾ ڳهڻ)، گڏجي سوڙها ٿيا.
4. ڳُتا = هڪبئي سان ملي جلي جُڙي بيٺا (ڳُنڍجڻ وارن جو)، ونجي هڪ لڙهي ٿيا، هڪ ڳُت ٿيا، ڳوڙهه ٿيا، ڳاهٽ ٿيا.

نيه = محبت جي ڇڪ، عشق، نيه = نيه واري ڪاٺي، ڳاهه واري وچين ڪاٺي، جنهن جي چوڌاري ڏاند هڪ قطار ۾ سوڙها ٿي وهن ۽ ڳاهه ڳاهن، ڳري = ڳوري وڏي آزمائش ۽ تڪليف واري، ڳري = ان وٽ انهيءَ ماڳ جي ڳتا نيه ڳري (الف) = جن کي ڳري عشق ڳاهي ڇڏيو؟ عشق ۽ وڏي فراق جن جي وجود کي وڃائي ڇڏيو. (ب) جيڪي ڳاهه واري ڪاٺي لڳ ڳهيا. (نيه سان لڳو لڳ پهرئين ٻڌل ڏاند کي نيهي ڇئبو، يعني جيڪو نيه سان لڳو لڳ سخت سوڙهو ٿي وڏي تڪليف سان وهي ۽ ڳهي. انهيءَ تشبيه مطابق سور سختيون سهندڙ عاشق کي پڻ 'عاشق نيهي' سڏيو ويو) ڇڪجي آنجي سوڙها ٿيا، هڪبئي سان گسي پيسي هڪ ٿيا.

5. ڏُئي = دوئي، ٻيائي، ڏار ڏري = پري ڦٽي ڪري، ٽوڙي جدا ڪري، وڃائي ختم ڪري، جهُ = جئن جو، جڏهن جو، خُلت (ع) سچي محبت، سچو عشق، خُلت جو خنجر، عشق جو ڪاتِ: (شاهه جو رسالو — شاهه جو ڪلام، جلد پهريون (ڇاپو پهريون) ص:545، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، سنه 1989ع.

هينئر ان بيت جي ڊاڪٽر بلوچ واري سِٽ وار سمجهاڻي ڏجي ٿي:

Scanned with CamScanner

1. ساڳي وَٽِي مان هڪ ئي وقت ۾ ڇٽا (هڪٻئي جو جُوٺو) پِين، سو عشق جي پاڪائي ۽ پرهيز ۾ جائز ناهي.
2. جن ڪي ڳري (سور ۽ فراق واري) عشق ڳاهي ڇڏيو، سي ڳسي پيسي (پنهنجو وجود وڃائي محبوب سان) هڪ ٿي ويا، اهي عاشق عشق واري 'نيه' ۾ ڇڪجي ٻڌجي سوڙها ٿي ڳهي هڪ ٿي ويا.
3. جڏهن جو عشق جو ڪاتُ اچي وڃان پوي ٿو ته وڍي ذرا ذرا ڪري عاشق جو وجود وڃائي ڪيس حقيقي محبوب سان ملائي هڪ ڪري ٿو ۽ (ٻيائي کي وڍي جدا ڪري ڇڏي ٿو) (ڏسو شاهه جو رسالو _ شاهه جو ڪلام، جلد پهريون (ڇاپو پهريون) ص:146، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، سنه 1989ع.

سوز صاحب ان بيت ۾ آيل ڪن لفظن جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي سا هيٺ پيش ڪجي ٿي:

1. آٽي: (سن) اٽا، اٽم، اٽمبر = ڍير، ميڙ، انبار، هجوم (ماڻهن جو) قوم انبوهه، جملو (هندي _ اردو لغت، ص:36-37)
2. ڳُتا (مصدر) ڳتڻ، ڳُتو، ڳُتيل (سن) گرنٿ، ڳنڍڻ، ڳنڍيون ڏيڻ، ڳوپڻ، پوئڻ ويڙهڻ، وٽڻ سٽڻ، ملائڻ، مڙهڻ، واٽڻ، جڪڙڻ، قابو ڪرڻ.
3. نيهن ڳري = دوستي جي ڳچي، محبت جي ڳلي.
4. دُئي (سن) دُوي، دُويه، ٻه، ڏون، ٻيائي ٻچڙائي، ٻدنيتي، ڪوٽ، ڳهاٽو، مڪر، ڍونگ، دغا، ٺڳي، دوئي (حوالو سنسڪرت اردو لغت ص: 44 _ هندي _ اردو لغت، ص:258)
5. خُلت (ع) خِلّ گهرو دوست، جگري يار، پڳ مٽ يار
6. خِلتہ (ع) ڏندن جي وٿين ۾ ڦاٿل کاڌي جا ذرڙا
7. خِلَت (ع) چمڙي مان ٺهيل ترار جي مياڻ يا نيام (ص:134)

اهي معنائون ڏيڻ کان پوءِ هن لکيو آهي ته 'خُلّت' خنجر لفظن جي معنيٰ رسالي جي سيني مُرتبن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، توڙي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب 'خلت خنجر' جي معنيٰ 'دوستي جي ترار' لکي آهي، جيڪا بلڪل غلط ۽ نامناسب معنيٰ آهي. (ص:134)

ڊاڪٽر بلوچ اها معنيٰ نه لکي آهي، ڊاڪٽر بلوچ پهرين جلد ۾ سُر ڪلياڻ ۽ سُر جمن جي سِٽ وار معنيٰ لکي هئي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري اتان ڪنئي آهي، باقي ٻين سُرن جي بيتن جي سمجهاڻي ڊاڪٽر سومري صاحب پاڻ لکي آهي. ڊاڪٽر بلوچ واري شاهه جي رسالي جي لغت 'روشني' ۾ خُلّت لفظ جي معنيٰ هيءَ لکي آهي. خُلت (ع) سچي محبت، سچو عشق، پيار واري دلي دوستي، جُ خُلّت خنجر آئيو (يمن 2/6) = جڏهن ئي عشق جو ڪات آيو. سي خُلت خالي (سنهڻي 1/1) = سي سچي محبت ۽

Scanned with CamScanner

سچي عشق جي خيال وارا آهن، الاهي گهاٽي محبت ۾ مست ۽ مخمور آهن. خُلّت ڪاڄ ڏنائين (پرياتي دائمي 1/1) = محبت ۽ اخلاص جو لقمو ڏنائين. (ڏسو 'روشني' (شاهه جي ڪلام جي لغت) نئون ڇاپو، ص:187، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سنه 2014ع.

سوز صاحب ان بيت جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي: عشق جي اها ريت ئي ناهي جو هڪ ڪي حصن بخرن ۾ ورهائڻ جي اجازت ڏئي، ڇاڪاڻ ته هڪ ڪي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. اهو دوئي ۾ شمار نه ٿو ٿي سگهي. اهي ٻچڙائي ۽ ٻيائيءَ جي انبوهه (هجوم) مان هڪ هڪ ٿي پيچي ڏار ٿيندي محبت جي لڙي ۾ پوئجي ويا.

(اهي) دغا ۽ مڪر ڪي ڇڏي پنهنجي ترار ڪي مياڻ ۾ وجهي آڻ مڃيندي (Surrender) ايمان آڻي پيش پيا. (ص:135)

سوز صاحب بيت جي ٻي سٽ ۾ 'اُهي' لفظ آندو آهي، پر وضاحت ڪانه ٿيل آهي ته 'اُهي ڪير؟' ٻي ڳالهه ته بيت جي آخري سٽ جو مفهوم به واضح ناهي، سٽ آهي:

دُئي ڏار ڏري جُ خلّت خنجر آئيو.

سوز صاحب اِن سٽ ۾ 'جُ' لفظ جي معنيٰ ڪي پاسيرو رکي ڇڏيو آهي. ٻي ڳالهه ته ان سٽ ۾ آڻ مڃڻ ۽ ايمان آڻڻ واري ڳالهه ئي نه آهي. اهي معنائون سوز صاحب پنهنجي طرفان وڌايون آهن. اصول موجب اهي وڌايل معنائون بريڪيٽ (ڏنگين) ۾ ڏيڻ گهرجن ها.

بهرحال ٻئي معنائون پڙهندڙن آڏو آهن، اهي پاڻ فيصلو ڪن ته ڪهڙي معنيٰ بيت مطابق بهتر آهي ۽ ڪهڙي بيت کان ٻاهر ۽ غير معياري آهي.

سوز صاحب ص:135 تي هيءَ بيت لکيو آهي:

ايڪ پيالو ٻه ڄڻا، عشق نه ڪري اِڏ،
اِيءَ تان سائل سڏ، ڪئي جا قوال سين.

ان کان پوءِ سوچ ويچار ڪري قياسي پڙهڻي ڏني آهي. سندس خيال موجب ان بيت ۾ 'قوال' لفظ غلط آيل آهي. اتي 'ڪلوار' اچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته ڪو شرابي، شراب جي خواهش قوال کان ڪري نه ٿو سگهي. اها قياسي پڙهڻي هيٺ ڏجي ٿي.

ايڪ پيالو ٻه ڄڻا، عشق نه ڪري اِڏ،
اِي تان سائل سڏ، ڪئي جا 'ڪلوار' سين.

گنج کان وٺي گربخشاڻي تائين ۽ مرزا قليچ بيگ کان وٺي هن وقت قلمي يا ڇپيل رسالن ۾ ان بيت جي هيءَ پڙهڻي ڏنل آهي:

Scanned with CamScanner

ايڪ پيالو ڀ ڇٽا، عشق نہ ڪري اڌ،
اِي تان سائل سڌ، ڪئي جا قوال سين.

ڪن رسالن ۾ 'شاعر' ۽ 'سائر' لکيل آهي. پر ڊاڪٽر بلوچ شاعر/سائر بجاءِ 'سائل' لفظ آندو آهي. ان بابت لکيو اٿائين تہ، "اڳاڻي وقت کان وٺي ٻيلي، ڪوهستان، لاڙ ۽ ڪڇ جي ٻولين ۾ شاعر جو عوامي اچارُ 'سانئر' يا 'سائر' رائج رهيو آهي. ايتري قدر جو اهو غلط العام ٿي، عام مقبول ٿي ويو، انهيءَ ڪري ئي اڪثر اڳاڻن نسخن ۾ 'ساعر' يا 'سائر' ڪري لکيو ويو آهي. ٻيو تہ اڪثر نسخن جي پڙهٽي 'ڪ' جي زير سان 'ڪِئي' يا 'ڪِيي' (ماضي ضمير غائب) آهي، يعني اُها سڌ جيڪا شاعر قوال سان ڪئي، ڪن ٿورن نسخن ۾ هي لفظ (ماضي، ضمير مخاطب) 'ڪَيئي' لکيل آهي. يعني تہ 'اي شاعر! هي اها سڌ جيڪا تو قوال سان ڪئي' تي سگهي ٿو تہ اهو ڪنهن خاص ڳالهہ ڏانهن اشارو هجي، پر ٻنهي حالتن ۾ اها 'تلميح' مبهم رهندي، ڇو جو نہ معلوم تہ ڪهڙي شاعر، ڪهڙي قوال سان، ڪهڙي سڌ ڪئي.

'سماع' جي روايت کي سامهون رکندي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ غالباً اصل صحيح پڙهٽي ۾ لفظ 'سائل' هو، جنهن کي پوءِ 'سائر' ڪري لکيو ويو، ۽ اڃان بہ پوءِ ان کي اڻ ڄاڻائي سببان ڇڻ 'وڌيڪ فصيح صورت ۾' 'سائر' يا 'شاعر' ڪري لکيو ويو. سڀ جي اصل صحيح پڙهٽي غالباً هيٺينءَ طرح هئي ۽ متن ۾ اسان پڻ اها ئي پڙهٽي اختيار ڪئي آهي.

"اِيَ تان سائِلَ سڌ، ڪئي جا قوال سين."

سماع جي محفلن ۾ قوال يا ذاڪر ڳائيندا هئا ۽ سندن سماع جو موضوع الله جي حمد ۽ تعريف، نبي ڪريم جي صفت ۽ ثناء ۽ ولين جي مدح هوندو هو. سماع ڪندي جڏهن هُو ڪجهہ پيئندا هئا تہ ٻڌندڙن مان ڪي سوالي ڪانئن ورچ گهري وٺندا هئا ۽ اڪثر ساڳي وٽي يا پيالي ۾ سندن بچايل (کير، شربت يا پاڻي) اوبر وٺي دعا خاطر پي ڇڏيندا هئا. 'شاهہ جي راڳ' وقت بہ اڳواڻ فقير اهڙي ورچ ڏيندو هو. راقم پاڻ ڏٺو تہ مرحوم پير غلام شاهہ راڳائي پاڻ سان کير جي چؤنري رکندو هو، ۽ ايئن ورچ ڏيندو هو، البت خاص خاص ماڻهن کي ان مان جدا ڪڍي ڏيندو هو." حوالو ساڳيو، ص:546-547.

ص:137 تي هيٺيون بيت آٽي ٿو:

Scanned with CamScanner

كنڌ ڪنارو، منهن وٽي عادت جني ايءَ،
تني تڪون ڏنيون، جُنبي منجهان جيءَ،
سرو تن سبيءَ، سر جنين جا سٽ ۾.

هن بيت ۾ سوز صاحب کي 'سبيءَ' لفظ جي معنيٰ تي اعتراض آهي، جو سندس چوڻ مطابق سيني محققن ان جي معنيٰ 'سبيل' لکي آهي، جيڪا سندس خيال موجب ميل نٿي کائي ۽ پاڻ ان جي معنيٰ سيبائڻ مصدر مان وٺي ٿو.

مرزا قليچ بيگ ان لفظ جي معنيٰ سچي، خالص، گهڻو ڄاڻائي آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ان کي سنسڪرت ڌاتوءَ جو ڄاڻائيندي تمام گهڻو، مٺو ۽ سبيل معنيٰ لکي آهي، شاهواڻي به ان جي معنيٰ تمام گهڻو لکي آهي.

هن لفظ جي ليلارام وتڻ مل انگريزي ڪتاب ۾ نهايت سهڻي ۽ تفصيل سان معنيٰ ڏني آهي، هو لکي ٿو ته: بمبئي واري ڇاپي ۾ هن لفظ جي غلط معنيٰ ڏنل آهي، پر آخوند احمدي پٽ وارو هن جي معنيٰ سڌي سنئين 'سبيل' واري ٻڌائي ٿو.

هاڻي ڏسو ته هڪ طرف هيڏا وڏا عالم صدين کان هن لفظ جي اها معنيٰ ڪندا رهيا آهن، ۽ سڀ کان وڌيڪ ليلارام جهڙو پتائيءَ جو عاشق پنهنجي وقت جي شاهه جي رسالي جي وڏي ڄاڻوءَ جي حوالي سان اها معنيٰ ڄاڻائي ٿو. ليڪن سوز صاحب کي الائجي ڇو اها معنيٰ نٿي آئڙي ۽ هو سبيءَ کي سيبائڻ مصدر مان ڄاڻائي ٿو. جيڪو بنهه غلط معلوم ٿئي ٿو، ڇو ته سيبائڻ مصدر مان اهو سبيءَ ڪهڙي ريت نڪري ٿو ۽ ٻيا ڪهڙا لفظ ان مان نڪرن ٿا ڇو ته مصدر مان هميشه ٻيا لفظ فعل جي صورت ۾ نڪرندا آهن.

هاڻي اچو ته ڏسون ته سوز صاحب ان بيت جي لفظي معنيٰ ڪيئن ٿو ڪري، اها پنهنجي نقل واري عادت موجب ڊاڪٽر سومري جي ڏنل سمجهاڻيءَ ۾ چند لفظن جي تحريف يا بدلائڻ سان ڪري ٿو، اسان هن سلسلي ۾ گهڻا مثال ڏئي چڪا آهيون، جنهن ڪري هتي انهن جو ورجاءُ نٿا ڪريون، پڙهندڙ پاڻ ڊاڪٽر سومري جي ڪيل معنيٰ بيت 296، ص:102 تي ملاحظ ڪري سگهن ٿا.

البت هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ان بيت جي شاهدي طور ڊاڪٽر سومري جيڪو مثنويءَ جو بيت ڏنو آهي، اهو ساڳيو سوز صاحب به آڻي ٿو، ليڪن مثنويءَ ۾ ان سان لاڳو ٻيو بيت به نقل ڪري ٿو، ڊاڪٽر سومري جو آندل بيت هن ريت آهي:

الله الله، چونکه عارف گفت مى.
پيش عارف کى بود معدوم مى.

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر سومري جي سمجهاڻي: الله الله ڪر (خدا جو خوف ڪر) جڏهن عارف شراب جو لفظ چوي ٿو تہ ان جو مطلب اها فاني ٿيندڙ شيءِ هرگز ناهي، اصل ڳالھ آهي، تہ جڏهن تنهنجي ذهن ۾ شيطاني شراب ويٺل آهي، تہ پوءِ تو کي رحماني شراب ڪيئن خيال ۾ ايندو؟

هاڻي ڏسو تہ سوز صاحب ڪهڙي حرفت هلائي آهي، سندس الفاظ ملاحظ ڪيو.

معنيٰ: توبھ توبھ، جڏهن عارف شراب جو لفظ اُچاري ٿو، ائين هرگز ناهي، تہ عارف، جي نظر ۾ اها فاني شيءِ آهي جڏهن تنهنجي ذهن ۾ شيطاني شراب ويٺل آهي تہ پوءِ توکي رحماني شراب (شراب طهورا) جو خيال ڪيئن ايندو؟

پورين چئن سٽن ۾ شروع ۾ 'توبھ توبھ' جا لفظ ڳنڍي ۽ وچ مان بہ حرف حذف ڪري آخر ۾ رحماني شراب جي آڏو شراب طهورا ڏنگيءَ ۾ لکڻ اهو آهي سچو ڪمال سوز صاحب جو!

ڇا ان کي تحقيق چئبو آهي؟ ۽ وري ان سچي ڳالھ ۾ سوز صاحب ڪٿي بہ اهو اعتراف نٿو ڪري تہ اها معنيٰ ڪٿان ورتي اٿس.

ٻئي ڳالهيون پڙهندڙن آڏو پيش ڪيون ويون، پاڻ فيصلو ڪن.

ڪَنڌِ ڪَنّارو، مُنهِ وَنّي، عادتَ جَني اِيءَ،
تَنِي تِڪُون ڏنيون، جُنبي منجهان جِيءَ،
سَرو تنِ سَبيءَ، سِرَ جني جا سَٽَ ۾.

ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي تہ هيءُ اوائلي دور جي رسالن جو بيت آهي ۽ ان جون مختلف پڙهڻيون آهن. هن قلمي رسالن مان انهن مختلف پڙهڻين جا مثال ڏنا آهن.

سُجاڻي: (الف) اوائلي دور جي نسخن ۾ هن بيت جي ٽنهي سٽن جا قافيا شد سان اِيّ— جِيّ— سَبيّ ڪري لکيل آهن. البت وچين دور دوران اڪثر نسخن ۾ اهي لفظ بنا شد جي لکيل آهن. جئن تہ سنڌيءَ ۾ شد ڪانهي، انهيءَ ڪري متن ۾ پڻ اهي قافيا بنا شد جي اِيءَ، جيءَ، سَبيءَ وارين صورتن ۾ رکيا ويا آهن.

(ب): ٽينءَ سٽ جي پوئين اڌ جون جدا جدا پڙهڻيون آهن.

- سِرَ جني جا سَٽَ ۾
- جَني سانگُ نہ ساھ جو
- جن حاصل ڪئو حال ڪي

معنيٰ جي لحاظ سان ٽيئي صحيح آهن، پر جيئن تہ پهريون بہ پڙهڻيون اوائلي دور جي رسالن جون آهن، انهيءَ ڪري انهيءَ کي ترجيح ڏبي. اهي ٻئي پڙهڻيون ساڳي

Scanned with CamScanner

معنيٰ واريون آهن، پر ٻنهي مان پهرين پڙهڻي کي ترجيح ڏبي، ڇاڪاڻ جو اها گهڻي ۾ گهڻن يعني ڇهن نسخن جي پڙهڻي آهي.

(ج): ٽين ۽ سٽ جي قافيي وارو لفظ (سَبِي، سَبِي، صَفِي ۽ شَبِيهَ) سمجهڻ ۾ البت ڏکيو آهي. 'صَفِي' (عربي) معنيٰ صاف، پاڪ يا خالص، پر انهي ۽ صفت واري صورت ۾ صَفِيُ (ي جي پيش سان) ڪري پڙهبو ۽ قافيي ۾ خلل پوندو سَبِي (ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪيل معنيٰ موجب، اصل سنسڪرت 'سَبهَوي' يا 'سَبَهو' مان نڪتل) معنيٰ تمام گهڻو، مڙو، سبيل. پر انهي ۽ صفت واري صورت ۾ سَبِيُ (ي جي پيش سان) ڪري پڙهبو، ۽ قافيي ۾ خلل پوندو، سَبِي = سيي ڪجهه (سڀو ڪجهه) جو مخفف يا مختصر اچار، 'سَبي'، 'سَبيل' جو مخفف مختصر اچار. ڪن ڄاڻو فقيرن اها ئي معنيٰ ڪئي ۽ انهي ۽ حالت ۾ ئي اهو لفظ (اصلوڪي لفظ 'سبيل' جي اعتبار سان) سَبيءَ ڪري پڙهي سگهجي ٿو. راقم جي پنهنجي خيال ۾ اصل لفظ شايد 'سَجيءَ' (گهڻو) جيڪو ڪاتبن غلطيءَ مان 'سَبِيءَ' ڪري لکيو.

لفظي معنيٰ:

1. ڪنڌِ = ڪنڌ تي، ڪنڌ ۾. ڪٽارو = وڏو گول خنجر، ٻٽڇي، ترار. مُنه = منهن ۾، وات تي. وٽي = شراب جي پيالي. عادت = ريت. عادت جني اِي = جن جي اها ئي ريت آهي.
2. تِڪ ڏئي پيئڻ = وڏو ڏُڪ ڀيت ڏيئي پيئڻ. جُنبي = لڳي، مشغول تي. منجها جيءَ = جيءَ منجهان، دل وچان، هيج ۽ خوشيءَ مان.
3. سرو = شراب. تن = تن لاءِ. سَبيءَ = سبيل، جام، گهڻو. سِرَ = مَٽا. سَٽِ ۾ = سؤدي ۾ آيل، سودي ۾ ڏل (تہ جي سَرو ملندو تہ سِرُ ڏيو)

(شاهہ جو رسالو — شاهہ جو ڪلام، جلد پهريون، (ڇاپو پهريون) ص:564-565، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، سنہ 1989ع)

ان بيت جي سِٽ وار سمجهاڻي ڊاڪٽر بلوچ هيءَ ڏني آهي:

1. جن جي ريت اها آهي جو ڪنڌ مٿان ترار اٿن ۽ وات ۾ (محبت جي مٽي واري) وٽي اٿن.
2. تن وڏي هيج مان وڏا ڏُڪ ڀري ڀيتون ڏنيون.
3. تن لاءِ شراب جهجهو ۽ جام آهي (آهي) جن جا مٽا (مٽي جي عيوض) سؤدي ۾ ڏنل آهن. (ساڳيو حوالو، ص:252).

سوز صاحب 'سَبيءَ' لفظ جي معنيٰ سيبائڻ لکي آهي، هُو لکي ٿو تہ:

1. سِبيءَ: ڊاڪٽر بلوچ صاحب توڙي ٻين ماڻ وارن محققن هن لفظ جي معنيٰ 'سبيل'، گهڻو وغيره لکي آهي، جيڪا بيت جي مفهوم سان ميل نٿي رکي ۽ ڄڻ تہ اوپري ۽ بي جوڙ لڳي ٿي.

Scanned with CamScanner

2. سَبيءَ (مصدر) سيبائڻ، پسند پَوڻ، دل کي وڻڻ، سيبڻ، سهائڻ، جڳائڻ، منهن تي پَوَڻ، جڳائي ٿو، سيبائي ٿو، ٺهي ٿو وغيره.

3. سَرو تن سبيءَ سر جني جا سٽ ۾: معنيٰ شراب پيئڻ انهن کي جڳائي ٿو يا ٺهي ٿو، جيڪي سر جو سانگو نہ ڪن يا جن کي تڪليف برداشت ڪرڻ جي سگهہ هجي.

سَٽ = چوٽ، نقصان، ٽوٽ، حملو، ڪاهہ، سگهہ، طاقت، سگهائي.

(مثال: جهول نہ جهلي سُهٽي، سائر 'سَٽ' سندياس (شاهہ) عثمان علي انصاري)

معنيٰ: اهي عادتي مست الست، جن جي ڪنڌ تي ترار ۽ چپن تي محبت جي مئہ آهي، اهي ئي پياڪ، سڪ، محبت ۽ دل جي حضور مان مڌ جا وڏا ڍڪ ڀيتون ڏيئي پيا واپرائن، محبت جي مئہ بہ اهڙن 'جُنگ جوانن کي سيبائي يا جڳائي ٿي، جيڪي سر جو سانگو نہ ڪن. (ص:137-138)

سوز صاحب سبيءَ مصدر ڄاڻائي ان جي جيڪا معنيٰ لکي ۽ سِٽ جي جيڪا سمجهاڻي ڏني آهي، سا ڪيتري قدر صحيح آهي؟ ۽ ڊاڪٽر بلوچ قلمي رسالن جي روشنيءَ ۾ بحث ڪري لفظي معنيٰ ڏيڻ کان پوءِ جيڪا سِٽ وار بيت جي سمجهاڻي ڏني آهي، تنهن جو علمي ۽ تحقيقي معيار ڪهڙو آهي؟ اهو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو، تہ امين بڻجي انصاف وارو فيصلو ڪن. ڇاڪاڻ تہ مون کي ٻئي معنائون سهٽيون لڳن ٿيون.

سر ڪنيات:

اونداهي اڌ رات ۾، پرين پسايو پاڻُ،
چنڊُ ڪتين ساڻُ، پيهي وئو پڙلاءُ ۾.

اهو بيت لکڻ کان پوءِ سوز صاحب لکي ٿو تہ، "ڀٽائيءَ جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙ سيني محققن، عالمن ۽ دانشورن مٿين بيت جي صحت ۽ صورتخطيءَ بابت، سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي جيئن جو تيئن نقل ڪيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان جهڙي سيبتي محقق، دانشور، سنڌي ٻوليءَ جي ماهر ۽ لطيف شناس عالم کي ٻين عالمن پاران ڪيل غلطين پٺيان نہ هلڻ کپي ها. نقل ڪرڻ بجاءِ عقل کي بورائڻو بڻائي ها تہ بهتر هو، پر بلوچ صاحب ساڳي سَهوَ جو مرتڪب بڻيو آهي." (ص:141)

ان کان پوءِ لکيو اٿس تہ، "ان بيت کي درست ڪرڻ ضروري آهي، 'گنج شريف' بابت لکي ٿو تہ، 'گنج شريف اڌ اکري' سنڌي ۾ لکيل آهي." (ص:142)

Scanned with CamScanner

گنج شريف لاءِ ائين لکڻ نہ صرف زيادتي آهي، پر ان مان اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو تہ فاضل مصنف سنڌي صورتخطيءَ جي تاريخ کان نابلد آهي. هُو جيڪڏهن ان سلسلي ۾ سنڌي صورتخطي جي تاريخ بابت لکيل ڪتابن جو مطالعو ڪري ها تہ اهڙي اباهري ۽ اڃاتري راءِ نہ ڏئي ها. دراصل مختلف دورن ۾ مختلف لِپيون ۽ صورتخطيون رائج هيون. انهن جي وڏي اهميت آهي. اڌ اکري جي معنيٰ آهي، ٻٽي تحرير، اڻ پوري ٻولي، خفيہ تحرير، پر اها اهڙي اڻ پوري يا خفيہ تحرير ناهي، جيڪا پڙهي نہ سگهجي. مرحوم ممتاز مرزا ان کي پڙهي، جديد صورتخطيءَ ۾ آندو. ۽ گنج شريف آڳاٽي ۽ هاڻوڪي سنڌي ۾ ڇپجي چڪو آهي. گنج شريف جهڙي آڳاٽي ۽ تمام اهم رسالي لاءِ ائين لکڻ مناسب نہ هو.

سوز صاحب لکي ٿو تہ، ”.... منهنجي خيال ۾ عبدالعظيم صاحب جي سامهون گڏي لکيل ’انذاري‘ لفظ آيو هوندو، انذاري کي آنذاري سمجهي، سهڻي سنڌي ۾ اونداهي لکي ڇڏيائين. پر اصل ۾ اهو لفظ اُن ذاري، معنيٰ ’اُن مهل‘، اُن وقت، اُن سَمي آهي. گهڻي غور فکر کان پوءِ بيت جي پهرين سٽ هن ريت درست بيهي ٿي، (انذاري)”اُن ذاري اڌ رات ۾، پرين پسايو پاڻ“ ٻي سٽ ”چنڊ ڪتين ساڻ پيهي ويو پڙلاءَ ۾“.

’پڙلاءَ‘ لفظ مذڪوره بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم سان ٺٺو ٺهڪي بيهي، اوپرو ۽ ٻي جوڙ لڳي ٿو. پڙلاءَ ۽ پڙاڏو ٻئي ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. جنهن کي انگريزي ۾ (Echo) چئبو آهي. (ص:143)

ان کان پوءِ سوز صاحب ڪجهہ مثال ڏيئي ٻڌائي ٿو تہ هن بيت جي صحيح پڙهڻي هن ريت صحيح آهي:

اُن ذاري اڌ رات ۾، پرين پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پولار ۾.

معنيٰ: ٻڌائي جو محبوب ان ذاري چانڊوڪي رات جو اوچتو نوراني چهري سان نمودار ٿيو تہ سندس روشن رخ ڏسي، چنڊ ڪتين سوڌو خلا ۾ لکي گم ٿي ويو.“(ص:144)

سوز صاحب مشڪوڪ ڳالهہ ڪئي آهي تہ عبدالعظيم صاحب جي سامهون گڏي لکيل لفظ آيو هوندو ۽ ان اَنذاري کي آنذاري سمجهي سُهڻي سنڌيءَ ۾ ’اونداهي‘ لکي ڇڏيو. اهو سوز صاحب جو اندازو آهي، پر سندس اندازو صحيح ناهي، ان ڪري جو عبدالعظيم ڪنهن رسالي جو نقل نہ ڪيو هو، جو سندس آڏو هي لفظ آيو. پوءِ هن ان کي سؤليءَ سنڌي ۾ بدلائي ڇڏيو.

Scanned with CamScanner

هينئر سوز صاحب پاران ڏنل پهرين سٽ تي غور ڪجي ٿو تہ صحيح نہ ٿي لڳي، ڇاڪاڻ تہ پهرين لفظ ڪان پوءِ وقت ٻڌايل آهي، يعني 'اڌ رات جو' تہ پوءِ ان ڪان اڳ 'اُن ڌاري' ڀٽائي جهڙو عظيم شاعر ڪيئن آڻي سگهي ٿو؟ سيني قلمي، توڙي ڇاپي رسالن ۾ 'اُونداهي اڌ رات' لکيل آهي.

بيت جي ٻي سٽ ۾ آيل لفظ 'پڙلاءُ' کي سوز صاحب صحيح نہ ٿو سمجهي، سندس خيال موجب اتي 'پڙلاءُ' بجاءِ 'پولار' اچڻ گهرجي. پر تمام گهڻن قلمي رسالن ۾ ويندي گنج تائين پڙلاءُ لکيل آهي. صرف ٽن قلمي رسالن ۾ 'پاتار' لکيل آهي. ڪنهن بہ قلمي رسالي ۾ 'پولار' لکيل ناهي.

سوز صاحب پڙلاءُ لفظ جي معنيٰ پڙاڏو سمجهي، بحث ڪري مثال ڏيئي ٻنهن لفظن جي معنيٰ هڪ ڄاڻائي آهي. حالانڪ ائين ناهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٻي سٽ ۾ آيل ڪن لفظن جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي:

پيهي وئو = پئجي ويو. پڙلاءُ، پڙلاءُ = محبوب جي حسن جو جلوو. پيهي وئو پڙلاءُ ۾ = ڍڪجي ويو حُسن جي زوردار تجلي ۾. (ڏسو شاهہ جو رسالو – شاهہ جو ڪلام، جلد ٻيو، (ڇاپو پهريون) ص:156، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، سنہ 1992ع.)

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ان بيت جي سمجهاڻي هي ڏني آهي:

اڌ رات جي اونداهيءَ ۾ جڏهن محبوب پنهنجي سونهن جو جلوو ڏيکاريو (تہ حُسن جي ان زوردار تجلي ۾) چنڊ ۽ تارا سڀ ڍڪجي (غائب ٿي) ويا.

مثنويءَ ۾ پڻ محبوب ۽ چنڊ جو گڏيل ذڪر ڪيترن هنڌن تي ملي ٿو، هڪ هنڌ چوي ٿو:

بي تو مارا بر فلک تاريکي است
باتو ماه اين فلک باريکي ست
(دفتر اول، ب 587)

معنيٰ: اي (سونهن جا چنڊ) توکان سواءِ سڄو آسمان اونداهو آهي. پر اي چنڊ تنهنجي مقابلي ۾ هيءُ آسمان ۽ نڪٽ ڇا ٿيندا آهن؟ (انهن جي ڪهڙي مجال آهي.)

شاهہ جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، بيتن جي سمجهاڻي، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (ص:115) (ڇاپو پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، سنہ 2015ع.

حقيقت ۾ رسالن ۾ بيت جي پڙهڻي صحيح ڏنل آهي، پر سوز صاحب ان کي سمجهي نہ سگهيو ۽ هرويرو صحيح بت کي بگاڙي ڇڏيائين. ڊاڪٽر سومري ان بيت جي صحيح سمجهاڻي لکي آهي. ان جو مفهوم اهو آهي تہ محبوب جي موجودگيءَ

کان سواءِ چنڊ جي هوندي بہ ڇڻ اونداهي هئي. پوءِ اڌ رات جو جڏهن پرين آيو تہ صحيح معنيٰ ۾ روشني ٿي وئي. ۽ چنڊ ڪتين سوڌو حُسن جي زوردار تجلي ۾ ڍڪجي ويو. (گم ٿي ويو)

ان قسم جي مفهوم وارا ٻيا بيت بہ آهن.

سهسين سجن اڀري، چوراسِيين چنڊن،
بالله ري پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان.

***

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪئائون نازَ نظر،
سُورج شاخون جهُڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿئا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿئو جوهر، جانب جي جمال سان.

نيڻ چِنائي نت، ڪرهو ڪنگو ريڻ تي،
چانگي رکٽو چٽُ، پرمل جي پساهہ تي. (ص-147)

سوز صاحب اهو بيت لکڻ کان پوءِ لکيو آهي:

”(1) ڪنگو ريڻ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ٻنهي لفظ جي عجيب تشريح ڪئي آهي. سندس زباني روايت موجب: گجرات جي ڪناري سان جتي ’ڪا ندي‘ چوڙ ڪري ٿي، اتي هڪ وڏو ٻيٽ آهي جنهن کي ڪُنگو ريڻ چون.“

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ان زباني روايت ڪندڙ جو نالو ڇا هو؟ جتي ڪا ندي چوڙ ڪري ٿي. ان نديءَ جو نالو ڇا هو؟ ٻنهي سوالن جا جواب ندارد.

معلوم ٿئي ٿو تہ اها زباني روايت صاحب موصوف جي ذهن جي پيدوار ۽ من گهڙت آهي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جهڙي سيبتي ۽ سجاڻ عالم کي اکيون ٻوٽي بلوچ صاحب جي اوجهڙ وارو رستو نہ وٺڻ کپي ها. اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي.

ارمان تہ اهو آهي جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي لکت جو لحاظ بہ نٿو ڪري، ان کان منهن موڙي ٻئي پاسي هليو ٿو وڃي. هاڻي اچو تہ سندس مرتب ڪيل لغت جي ڪتاب ’جامع سنڌي لغات‘ جو مطالعو ڪريون ۽ حقيقتن جي تہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريون.“

ان کان پوءِ سوز صاحب جامع سنڌي لغات مان حوالو ڏنو آهي.

(1) ڪنگو ريڻ: ڪنگو جو اسم تصغير: لئي جي ڳاڙهي ٻونگر

(2) ڪنگو ٽارو: آسريهن لئي جو ڳاڙهو گل

Scanned with CamScanner

(3) ڪنگو سن: ڪَنڪم ڳاڙهي رنگ جو قسم، جيڪو ٻانيڻ جي پيشاني تي تلڪ ۾ ڪم ايندو آهي، سيندور، لئي جو وڻ جو ڳاڙهو گونچ، لئي جو گلابي گل يا ٻُورَ لال رنگ زعفران (ٻولي ٻجهارت: ص:147-148)

مٿي سوز صاحب جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، سا نازيبا آهي، ڊاڪٽر صاحب ڪن سگهڙن کان ڪَنگو ريٽ بابت جيڪا ڳالهه ٻڌي، سا لکي ڇڏي. ڊاڪٽر بلوچ بيت ۾ 'ڪنگو ريٽ' (ڪ تي پيش) لکيو آهي. ان متعلق هڪ زباني روايت ٻڌائي آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب کان ان راويءَ جو نالو لکڻ رهجي ويو ته اهو ايڏو وڏو گناهه ته نه آهي، جو هيڏي وڏي عالم لاءِ نازيبا زبان استعمال ڪئي وڃي.

ٻيو لفظ 'ڪَنگُو' آهي (ڪَ تي زبر) لغت ۾ ان سان گڏ ريٽ لفظ لکيل آهي. اهي ٻئي لفظ هڪ نه آهن، سوز صاحب انهن ٻنهن کي هڪ ڄاڻائي ڊاڪٽر بلوچ کي قصور وار ٺهرائي، لکيو آهي ته، "ارمان ته اهو آهي جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي لکت جو لحاظ به نه ٿو ڪري، ان ڪان منهن موڙي ٻئي پاسي هليو ٿو وڃي." جڏهن 'ڪَنگُو' ۽ 'ڪَنگُو ريٽ' به ڌار ڌار لفظ آهن ته پوءِ بلوچ صاحب فاضل مصنف وانگر انهن ٻن مختلف لفظن کي هڪ ڪيئن سمجهي؟ تي سگهي ٿو ته ڪنهن جُوءِ ۾ ڪنگوريٽ (لئي جي ڳاڙهي ٻونگر) جي گهڻائي سبب ان تي اهو نالو پئجي ويو هجي. اهڙا ٻيا به مثال موجود آهن.

سر بروو سنڌي:

بروي جي باني ڪنهن ڪان سڪئين سهرين،
آاٿي ڏينديءَ هٿ ۾، مس قلم ڪاني،
حرف پڄنديءَ هيڪڙو، ظاهر زباني،
تن اڳيان جاني، ڪهڙي ڪندين ڳالهڙي.

ص:149 بروي جي باني.

هن بيت ۾ بنيادي لفظ 'بروو' سان سوز صاحب نسورو ڪلور ڪيو آهي. هر لفظ جون ڪيترين ئي معنائون هونديون آهن، هڪ لغوي ٻي اصطلاحي. سيني شارحن پهريائين ته بروي کي راڳڻي ڄاڻايو آهي، ان سان ڪنهن اختلاف جي گنجائش ڪونهي، ڊاڪٽر بلوچ ان جي اصطلاحي معنيٰ 'ماڻن واري محبت' ٻڌائي آهي. جيڪا سڄي بيت جي مفهوم سان ميل ڪائي ٿي، ليڪن سوز صاحب کي اها معنيٰ نٿي آئڙي، هو بروو جي معنيٰ ٻڌائي ٿو 'بيماري' ۽ 'باني' جي معنيٰ ڪري ٿو ٻهانو، حالانڪ

Scanned with CamScanner

اهو لفظ سڏوسنئون 'واٽي' جي بگڙيل صورت آهي، ان سان ڏسبو تہ سچي بيت جي معنيٰ اونڌي ٿي وڃي ٿي.

بروي جي معنيٰ ڪلياڻ آڏواٽي بہ هڪ راڳڻي ٻڌائي آهي، شاهواٽي بہ ان جي معنيٰ راڳڻي ٻڌائي آهي. (ص:1075)

غلام محمد خانزئي جو رسالو جيڪو تيرهين صديءَ جي آخر ۾ هن جوڙيو، ان ۾ هن پورا ۾ سُر بروو سنڌي ۽ بروو هندي شاهہ لطيف جي تقليد ڪندي چيا، جن ۾ اهو ساڳيو موضوع رکيو اٿائين.

هن سلسلي ۾ ٻيو قابل ذڪر ڪلام خليفي نبي بخش جو آهي، جنهن پڻ بروو سنڌي نالي سان پورو سر لکيو، ان جو مطلب تہ بروو سنڌي ۾ هڪ راڳڻي طور چاتل سڃاتل حيثيت رکي ٿو.

سوز صاحب هڪ بيت جون مختلف رسالن مان مختلف پڙهڻيون ڏنيون آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون. ص- 151/150

درتي دونهين جيئن، سُر ۾ سپرين ڏي،
لڳو رهہ لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
حاصل ٿئي هيئن، قرينو قريب جو.
(ڊاڪٽر بلوچ)

درتي دونهين جيئن، سڙان سپرين جي،
لڳو آهي لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
جي حاصل ٿئي هيئن، قرينو قرب جو.
(علام قاضي)

ڌرتي ڌُنهہ جيئن، سُر پُر سپيرين جي،
لڳو آهہ لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
حاصل ٿئي هيئن، قرينو قريب جو.
(آغا يعقوب)

ڌرتي دهون جيئن، سِر پر سُپيرين جي،
لڳو آهہ لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
حاصل ٿئي هيئن، قرينو قرب جو.
(انصاري)

Scanned with CamScanner

ڏڙ تي ڊونهہ جيئن، سر پر سپيرين جي،
لڳو وانءُ لطيف چئي، تن پريان جي تيئن،
حاصل ٿئي ايئن، قرينو قرب جو.
(پانهون خان)

ڊاڪٽر بلوچ واري پڙهڻي ۾ سوز صاحب کان غلطي ٿي وئي آهي. بيت ۾ ’لڳو آهہ‘ لکيل آهي ’لڳو رهہ‘ لکيل ناهي. اهي بيت لکڻ کان پوءِ سوز صاحب لکيو آهي:

”بيت جي پڙهڻي ۽ صورتخطي کي واڇي ڏسبو تہ هر هڪ مرتب جو رخ پنهنجو پنهنجو، ماڻ وارن محققن کي جيئن وڻيو آهي، تيئن پڻائي کي پنهنجي خيالن مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. ڪنهن بہ ماڻ واري مرتب لغت جي ورق ورائڻ جي زحمت گوارا نہ ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو اهي پڻائي جي پوتر پارانيي ۽ نفيس احساسن جي صحيح ترجماني ڪرڻ جو پورو حق ادا نہ ڪري سگهيا آهن. سيني عالمن پنهنجي هيانوَ جي سوجهري تي صورتخطي لکي ۽ ان جي آڌار تي معنائون ڪيون اٿن جيڪي بيت جي اصل روح جي ابتڙ آهن. بيت جي پهرين سٽ ۾ ڪن عالمن، دَر، ڊر ۽ ڏڙ لکيو آهي. پر اهو مذڪوره لفظ ڍِر آهي.“ (ص:151)

سوز صاحب! جو اهو انداز علمي نہ آهي، ظاهر آهي، هرڪو پنهنجي عقل ۽ فهم جي آڌر تي لکندو آهي ۽ ڪنهن کي الهام تہ نہ ٿيندو آهي. سوز صاحب بہ پنهنجي عقل ۽ فهم جي آڌار تي لکيو آهي، تنهنڪري شاهہ جي شارحن تي ٺوڪ ڪري، پاڻ کي وڏو پارکو سمجهڻ غرور ۽ تڪبر آهي.

بهرحال سوز صاحب سڀني کي غلط سڏيندي لکيو آهي تہ، ”مذڪوره لفظ ’ڍِر‘ آهي. اهو سنسڪرت ڀاشا جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ديول (مندر) ديوستان.

ڍِهرا (سنسڪرت) ديوستان، ديول (حوالو هندي – اردو لغت، ص:29، سال 1938 حيدرآباد دکن، مرتب: راجہ جيسوَر راءِ اصغر)

(2) دونہ = دونا (س) درخت کے پتوں سے بنایا ہوا کٹورا جس میں سالن وغیرہ رکھ کر کھاتے ہیں۔

(حوالو (1) هندي – اردو لغت، ص:257، (2) فيروز اللغات اردو جديد، ص:347، (3) جامع سنڌي لغات جلد – ٽيون، ص:1247، (4) GEM sindhi – English. Dictionary P-257 لغتن جي روشنيءَ ۾ بيت جي صحيح صورتخطي ۽ اچار هيئن درست آهي.

Scanned with CamScanner

ڌرتي دونه جيئن، سُر پُر سُپيرين ڏي،
لڳو رهه لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
حاصل ٿيئي هيئن، قرينو قريب جو.

معنيٰ: جيئن ڪا داسي پنهنجي منت پوري ڪرڻ لاءِ وڏي عاجزيءَ سان نوڙت ڪندي مندر جي پروهت (برهمڻ) کي وٽن جي پنن سان جوڙيل ڪٽوري (پيالي) ۾ پوڄن وجهي سجدي نِما ٿي ڪيس پيش ڪري ٿي. تون بہ (اي عاشق) پنهنجي سپرين ڏي اهڙي ئي انداز سُرندو پُرندو وڃ. لطيف چوي ٿو تہ تنهنجو سارو خيال، جسم هميشہ اوڏانهن تاڻيندو رهي. محبوب ملڻ جو اهو ئي بهترين طريقو آهي. (This is the way to meet Him) (ص:150 کان 152 تائين)

سوز صاحب حسب عادت شاهہ جو رسالو تيار ڪرڻ وارن عالمن، محققن ۽ شارحن تي طنز ڪندي لکيو آهي:

”بيت جي پڙهڻي ۽ صورتخطي کي واڇي ڏسبو تہ هر هڪ مرتب جو رخ پنهنجو پنهنجو. ماڻ وارن محققن کي جيئن وڻيو آهي، تيئن پنائي کي پنهنجي خيالن مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن....(ص:151)

سوز صاحب جو اهو الزام اجايو آهي، هُو جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ جو تيار ڪيل 'شاهہ جو رسالو — شاهہ جو ڪلام' جلد پيو، پڙهڻ جي زحمت گوارا ڪري ها تہ ائين هرگز نہ لکي ها. ڊاڪٽر بلوچ قلمي رسالن جي حوالي سان اهو ٻڌايو آهي تہ شاهہ جي قلمي رسالن ۾ پهرين سٽ جون ٻارهن مختلف پڙهڻيون نظر اچن ٿيون. (جيڪي اڳتي ڏنيون ويون آهن) ٻي سٽ جون بہ مختلف پڙهڻيون ڏنل آهن، جيڪي هن ريت آهن:

لڳو آهہ لطيف چئي، تن پريان سان تيئن،

***

لڳو وانءُ لطيف چئي، تن پريان جي تيئن،
(گنج شريف)

سوز صاحب جي خدمت ۾ عرض تہ ماڻ وارن محققن پنائي کي پنهنجي خيالن مطابق هلائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. جن وٽ جيڪي رسالا هئا، تن انهن جي آڌار تي بيتن جون پڙهڻيون ڏيئي هيڏو وڏو شاهہ جو رسالو تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ هزارين بيت ۽ سوين وايون شامل آهن. اهو ايڏو وڏو ڪم آهي، جنهن تي ٽوڪ ڪرڻ بجاءِ ڪين ان جو داد ڏيڻ گهرجي.

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته هيءُ وچئين دور جي رسالن جو بيت آهي. هتي ان بيت جي پهرين سٽ واريون پڙهڻيون ڏجن ٿيون:

پهرين سِٽ:

ڏَرتي ڏُونَهَ جِيَ سِرَ پَرِ سُپيرين ڏي،
ڏَرتي ڏُونَهَ جِينيءَ سِرَ پَرِ سُپيرين جي،
ڏَرتي ڏُونَهَ جِنيءَ سِرَ پَرِ سُپيرين ڏي،
دَرتي دونهَ جِيَ سِرَ بَرِ سُپيرين ڏي،
دَرتي دونهين جيئن ڏي سِر پر سپيرين.
ڏَڙَ تي ڏُونَه جِيَ سِرَ پَرِ سُپيرين ڏي،
ڏَڙ تي ڏونهڻَ جِيَ سِرَ پَرِ سُپيرين ري،
ڏَنَ تي ڏُونَهَ جِيَ سِرَ پَرِ سُپيرين ڏي،
ڏَنتي ڏُونهَ جِي سُر پُر سُپيرنِ ڏي،
ڏَنَّ تي ڏُونَه جِيَ سِرَ پَرِ سُپيرين ڏي،
سِر پر سُپيرين جي در تي دونهن جئن،
سُران سُپيرين جي هوند دَرَ تي ڏُونهن جيءَ.

ٻي سِٽ:

لڳو آهه لطيف چئي، تن پريان سان تيئن،
لڳو واءُ لطيف چَي، تن پريان جي تِيَ.

ٽين سٽ:

ته حاصل ٿيي اِيَ قرينون قريب جو.
جي حاصل ٿيئي هيئن قرينو قريب جو.

هڪ قلمي نسخي ۾ هيءُ بيت ٻن سٽن ۾ هن طرح ڏنل آهي:

سدا سُپرين جي دَرتي هُندَ دونهن،
جي حاصل ٿيئي هِنِيءَ ته قرينو قرب جو.

اهو بيت هن طرح پڙهي سگهجي ٿو:

Scanned with CamScanner

سدا سُپرين جي ڏَرتي، هُوند ڏُونهين،
جي حاصل ٿئي هُنئين، تہ قرينو قرب جو.

سوز صاحب عقل جي ڊوڙ ڪري، جيڪا پڙهڻي ڏني آهي، سا ڪنهن بہ قلمي يا ڇاپي رسالي ۾ موجود نہ آهي، پر سندس ضد آهي تہ اها ئي خود ساختہ پڙهڻي صحيح آهي.

ڊاڪٽر بلوچ هن بيت ۾ آيل ڪن لفظن جي هيٺ معنيٰ ڏني آهي:

ڏَر = ڌرتي تي. دونهين جيئن سر پر = دونهين جيئن سُرڻ (آءٌ ائين پيو سُران سپيرين ڏي، جيئن دونهون پيو سُرندو آهي. ڇيڻن ۾ پاڻ جو دونهون مٿي نہ چڙهندو ۽ ذري جيترو بہ واءُ هوندو تہ هيٺ پيو زمين مٿان آهستي آهستي سُرندو هلندو. يعني تہ هر وقت محبوبن ڏي هوريان پيو رڙهان ۽ رڙڪان. قرينو = محبوب سان منهنجي ملڻ جو امڪان ۽ آسرو، محبوب سان ويجهائي واري نسبت. (شاهہ جو رسالو — شاهہ جو ڪلام، جلد ٻيو (ڇاپو ٻهريون) ص:289-290، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، سنہ 1992ع.

سوز صاحب ٻي سٽ جي هيٺ پڙهڻي ڏني آهي:

لڳو رهہ لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،

ان سٽ ۾ 'رَهُ' لفظ سوز صاحب پنهنجي سوچ موجب آندو آهي، نہ تہ اهو لفظ ڪنهن بہ قلمي يا ڇاپي رسالي ۾ موجود نہ آهي. اها قياسي پڙهڻي آهي.

ڪجهہ سال اڳ مون ڀٽ شاهہ ساليانې ڪانفرنس جي موقعي تي بروي بابت مقالو پڙهيو هو. اهو مقالو ڪجهہ عرصي بعد منهنجي ڪتاب 'تحقيقات لطيف' ۾ 2005ع ۾ شايع ٿيو هو. مون پنهنجي مقالي ۾ Puranic Encyclopedia جو حوالو ڏيئي، بيت جي پهرين لفظ يعني 'ڏَر' جي معنيٰ لکي هئي. اها معنيٰ آهي:

"هڪ پاڪ جڳهہ، هڪ وهنجڻ جي جاءِ، جتي ڪو هڪ ڀيرو وهنجندو تہ سمورا ڏک درد دور ٿي ويندا. يعني سڀ سُور هڪ لحظي ۾ لهي ويندا. ٻئي لفظ 'ڏُونهہَ' جي معنيٰ آهي: پنن جي ونءِ يا پيالي. اها معنيٰ مون مشهور لغت دان ايس. ڊبليو فيلن جي اردو - انگريزي لغت تان ورتي آهي. فيلن 'دونهہ' بجاءِ 'دُونا' لکيو آهي، ڊاڪٽر جميل جالبي قومي انگريزي — اردو لغت ۾ لکيو آهي تہ اهو دراوڙي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'پَنن جي وٽي'. (ڏسو تحقيقات لطيف، ص:43 کان 46 تائين، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، سنہ 2005ع).

سوز صاحب اهو لفظ ڏِر سمجهي، هندي — اردو لغت جي روشنيءَ ۾ ان جي معنيٰ مندر لکي آهي جيڪا سورهن آنا صحيح آهي. مون اهو لفظ ڏَر سمجهيو آهي،

Scanned with CamScanner

جيڪو گهڻن ئي قلمي رسالن جي پڙهڻيءَ مطابق آهي. مون Puranic Encyclopedia جو حوالو ڏنيئي، ان جي معنيٰ پاڪ جڳهه لکي آهي. مندر به هڪ پاڪ جڳهه آهي. تقريباً ساڳي معنيٰ آهي. ڏُونهه يا دونا جي به مون اها ئي معنيٰ لکي آهي، جيڪا سوز صاحب لکي آهي. فرق اهو آهي ته مون اهو مقالو ويهه ورهيه اڳ ڀٽ شاهه ڪانفرنس ۾ پڙهيو هو. ۽ اهو ساڳيو مقالو سورهن سال اڳ منهنجي ڪتاب 'تحقيقات لطيف' ۾ ڇپجي چڪو آهي، ڪيس ان جو حوالو ڏيڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ ته اهو ڪتاب وٽس موجود آهي.

سر سري راڳ :

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب جي ص:153 تي سُر سري راڳ جو هيءُ بيت ڏنو آهي:

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت اگوچر آهي،
لکين 'واڻ' لطيف چئي، تو نيڀو نمائي،
ٻڏي اولي عاج جي، وڃ چئي چلائي،
نظر هيٺ نبيءِصہ جي هيڃان هلائي،
ته 'مهري' مٽائي، تو سڃيائي معاف ٿئي.

ان ڪان پوءِ لکي ٿو: "(1) اگوچر = ڊاڪٽر بلوچ صاحب اگوچر لفظ لاءِ فرمايو آهي ته 'اگوچر' لفظ صحيح ناهي. اصل ۾ غالباً 'اگهون چر' هو، معنيٰ وڏو، گهڻو، اونهو پاڻي. اگهون چر پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو، پر جيئن ته سيني رسالن ۾ اگوچر آهي، انهيءَ ڪري متن ۾ اهو لفظ رکيو ويو آهي."

ان ڪان پوءِ بلوچ صاحب تي طنز ڪندي لکي ٿو ته:

"..... خبر ناهي ته ڊاڪٽر صاحب 'اگهون چر' ڪهڙي لغت جي ڪتاب مان محنت ڪري ڳولي هٿ ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر صاحب بذات خود لغت آهن. ڪير آهي جو ڪيس رد ڪري؟ سندس ٻولڙيا هروڀرو ڳچي پئجي ويندا."

"ٻُڌائي ۽ سندس رسالو ڪنهن هڪڙي شخص جي ميراث ناهي پر قومي ورثو آهي. هُو سنڌي قوم جو هيرو، رهبر ۽ ٻوليءَ جو امين آهي. امانت ۾ خيانت ڪندڙ عظيم ڏوهاري ليکبو. سيني کي حق ٿو پهچي ته لطيف سائينءَ جي بيتن جي صحت ۽ معنيٰ کي بگاڙ کان بچائي، ان باري ۾ صحيح ڄاڻ ۽ معلومات ڏيڻ سنڌي قوم جي فرض ۾ شامل هجي ٿو.

Scanned with CamScanner

’اگھون چر‘ بلڪل هٽ نوڪيو لفظ آهي، ڊاڪٽر صاحب گومگو جو شڪار
ٿو ڏسجي ۽ قبول ڪيو اٿن ته سيني رسالن ۾ ’اگوچر‘ آهي، ان ڪري متن ۾ پڻ ساڳيو
لفظ رکيو ويو آهي.“ (ص:154)

سوز صاحب جي اطلاع لاءِ عرض ته اهو هٽ نوڪيو لفظ نه آهي ڊاڪٽر بلوچ اگوچر لفظ جي معنيٰ هن ريت لکي آهي. اگوچَرُ (سري راڳ 8/1 = ’اگھرن چر‘ معنيٰ وڏو گھٽو اونهو پاڻي (’اگھون چر‘ پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو. پر جيئن ته سيني رسالن ۾ ’اگوچر‘ آهي، انهيءَ ڪري متن ۾ پڻ اهو لفظ رکيو ويو آهي. ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ’اگوچر‘ جو اشتقاق هن طرح ڄاڻايل آهي: سن آ = نه + گو = اندري + چر = جو ڏسجڻ ۾ نه اچي جو محسوس ڪري نه سگھجي. الک: بي مثال، مخفي، لڪل“ اها معنيٰ هن بيت ۾ نه ٿي لڳي.) (ڏسو : ’روشني‘ شاهه جي ڪلام جي لغت‘ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص:23، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2014ع)

ڊاڪٽر صاحب بيت ۾ آيل لفظ ’اگوچر‘ بابت پنهنجي راءِ ڏني آهي. هر هڪ عالم پنهنجي راءِ ڏيئي سگھي ٿو. ان سان اختلاف به ٿي سگھي ٿو، پر ڪنهن عالم لاءِ هتڪ آميز لفظ لکڻ هلڪڙائي آهي. سوز صاحب گھٽن ئي بيتن جون قياسي پڙهٽيون ڏنيون آهن ۽ ڪن لفظن جون پنهنجي عقل ۽ سوچ موجب معنائون ڏنيون آهن. مون علمي انداز ۾ انهن بابت پنهنجي راءِ ڏني آهي.

سوز صاحب ’اگوچر‘ لفظ جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي سا صحيح آهي. پر ان کان پوءِ بيت ڏيئي ان جي جيڪا سمجھاڻي ڏني آهي، سا سٽ وار ڏني وڃي ٿي:

1. تون سمنڊ ۾ سفر ۽ واپار سان گڏ ڪجهه ’سيوا‘ (الله ڪي ياد) ڪندو هل ۽ هوشياريءَ سان ٻيڙي هلاءِ، ڇاڪاڻ ته اڳتي اڻ ڏٺل، اڻ ڄاتل سڃاتل ۽ نامعلوم (خطرناڪ) سمنڊ آهي.
2. عبداللطيف چوي ٿو (خبردار) ات وڏا ٻيڙا به نيئو جي نار ۾ هلڻ ڪان عاجز هونڊا آهن.
3. پر تون (اي ٻيڙائتا) عاج مان نهيل سينگاريل ڳن مٿان (دُعا جي) ڇٽي ٻڌي.
4. دل جي حضور سان نبي ڪريم ﷺ جي محبت سانڍي بغير خوف خطري جي هوشياريءَ سان هليو هل.
5. ته تنهنجا سڀ ’محصول مهري ۽ مٿا‘ معاف ٿيندا (۽ سلامتيءَ سان منزل مقصود تي پهچي ويندين)

سوز صاحب ’سيوا‘ لفظ جي معنيٰ الله ڪي ياد ڪرڻ لکي آهي، خبر ناهي ته اها معنيٰ هن ڪهڙي لغت تان ورتي آهي، گھٽ ۾ گھٽ ان جو حوالو ته ڏئي ها. بيت

Scanned with CamScanner

۾ ڳالھ سمنڊ جي ڪئي وئي آهي. درحقيقت 'سيوا' هندي زبان جو لفظ آهي ۽ عام لفظ آهي، هندي – اردو لغت ۾ ان جي هيءَ معنيٰ ڏنل آهي:

سيوا = خدمت، اطاعت، ملازمت، عبادت، پرستش، پوجا، نوڪري، خدمت گذاري، غلامي، بندگي، فرمان برداري. ص:332.

'سيوا ڪر سمنڊ جي': لفظن جي معنيٰ (الله ڪي ياد) ڪندو هل هرگز ٿي نہ ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ سمنڊ جو مطلب نعوذ باالله ڏٽي تعاليٰ ٿي نہ ٿو سگهي. بيت جي سٽ آهي: 'سيوا ڪر سمنڊ جي' جت اگوچر آهي.' ٻيو تہ معنيٰ لکڻ وقت وضاحت طور جيڪي لفظ آٽيا آهن، سي ڏنگين ۾ ڏبا آهن، پر سوز صاحب ان اصول جي پابندي نہ ڪئي آهي. ٽين ڳالھ تہ ڪيس اهو ٻڌائڻ گهرجي ها تہ 'نيڏُو' جي نار ڪٿي آهي؟

راقم بہ ان بيت بابت پنهنجا ويچار لکيا آهن ڏسو تہ ماهي مهراڻ جولاءِ – سيپٽمبر 2021ع.

سر ساموندي:

سوز صاحب ص:158 تي سُر ساموندي جو هيءُ بيت ڏنو آهي:

وَرُ وڏائين ونجھ ڪي، اليڙڻ نہ ڏي،
رَھُ اجوڪي راتڙي، لالڻ مون لائي،
وچ ۾ ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين.

ان بيت جي پهرين سٽ بابت سوز صاحب لکيو آهي: "…. جيڪي شاعريءَ جي صنف ڪان بنھ وانجهيل ۽ اڻ واقف هئا، تن 'ڏائي' بجاءِ 'ڏي' لکي، پٽائي جي موزون بيت کي ناموزن بڻائي ڇڏيو. 'ڏائي' معنيٰ شروعات ڪرڻ (مصدر) ڏائڻ، شروع ڪرڻ. مهورت ڪرڻ، پرت پرڻ جي شروعات ڪرڻ (ص:158)

سيني رسالن ۾ 'ڏي' قافيو لکيل آهي، دراصل ان قافيي جي اها قياسي پڙهٽي مون پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڏني هئي. اهو مقالو مون ڀٽ شاھ ساليانِي ڪانفرنس ۾ 25 ورهيہ اڳ پڙهيو هو. جيڪو بعد ۾ منهنجي ڪتاب 'تحقيقات لطيف' ۾ سنہ 2005ع ۾ شايع ٿيو هو. اهو ڪتاب مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ڇپرايو هو. سوز صاحب اها ڳالھ منهنجي ان مقالي تان ورتي آهي، پر افسوس جو هن ان جو ڪو حوالو ڪونہ ڏنو آهي ۽ سڀ ڪجھ پنهنجي ڪاتي ۾ لکي ڇڏيو آهي. (ڏسو تحقيقات لطيف، ص:59) اهو ڪتاب سوز صاحب کي مون سوکڙي طور ڏنو هو.

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سُر ساموندِيءَ جو هيءُ بيت ڏيئي پوءِ ان بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن: ص - 158.

Scanned with CamScanner

سيئي جوين ڏينهن، سڄڻ سفر هليا،
رڻان رهن نہ سهرين، آيل ڪريان ڪيئن،
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.

لکي ٿو تہ، "ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ 'چيئن' جي معنيٰ نہ لکي آهي، باقي سيني محققن ڊاڪٽر بلوچ صاحب سميت 'چيئن' جي معنيٰ ڇڪيا، ڏاگهہ ۽ ٻاهہ جو مچ لکي آهي. پر ان لاءِ لغت جو حوالو ڪو نہ ڏنو اٿن. چيئن لفظ جي اصطلاحي معنيٰ ڇڪيا، ڏاگهہ ۽ ٻاهہ جو مچ تہ ڪٿي ميڄي سگهجي ٿي، پر ڇڪيا، ڏاگهہ ۽ ٻاهہ جي مچ مان وڻجاريءَ جو وجود باقي رهڻ ناممڪن هو.

'چيئن' لفظ لاءِ منهنجي ديرينہ دوست محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب، مولوي قادر بخش گولي جي شاعري جي هڪ سٽ "دلڙي چين چين ڪردي اي، نا جيندي اي، نا مردي اي" جو حوالو ڏنو آهي، جيڪا ڪنهن بہ طرح 'چيئن' لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم سان هم آهنگ ڪونهي، ميل نٿي کائي.

مان گهڻين لغتن جي ورق گرداني ڪئي آهي، پر مون کي ڪٿي بہ 'چيئن' لفظ يا ان سان مشابهت رکندڙ معنيٰ وارو لفظ ملي نہ سگهيو آهي." (ٻولي ڀُڄهارت ص:159)

دراصل مون 'چِين' لفظ جي فقط هڪ معنيٰ نہ ڏني آهي. ٻيون بہ معنائون ڏنيون آهن، جن جو سوز صاحب ذڪر نہ ڪيو آهي. 'چين' لفظ 'چينءَ' سان ملندڙ جلندڙ آهي، فقط همزي جو فرق آهي، مون ان لفظ جون جيڪي معنائون ڏنيون آهن، تن ۾ دک ۽ درد نمايان آهي. ڏسو راقم جو ڪتاب تحقيقات لطيف، ص:56 کان 58، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سن 2005ع. مون چينءَ لفظ سان ملندڙ جلندڙ لفظن جون معنائون ڏيڻ کان پوءِ 'چيئن' لفظ جي اها معنيٰ بہ ڏني آهي، جيڪا سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڏني آهي، جيڪا منهنجي ڪتاب 'تحقيقات لطيف' جي ص:58، تي ڏنل آهي. پر افسوس جو سوز صاحب ان جو بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. اها معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي.

پراڻي زماني ۾ سنڌ جي ڪن قبيلن ۾ علاج جو هڪ عجيب طريقو هوندو هو، شايد اهو اڃا بہ ڪن هنڌن تي هجي. ڪنهن کي بخار ايندو هو تہ ٻڪري ڪُهي، ان جي تازي کل مريض کي چاڙهي ڇڏيندا هئا. اها ان شخص کي اهڙو ڇُهني ويندي هئي، جو لاهڻ ۾ ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي هئي اها کل بہ ڪي جوان برداشت ڪندا هئا. ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ وڻجاري بيمار آهي، ڪيس کل چاڙهي وئي آهي خبر ناهي تہ مري يا بچي. وڻجارو ايترو بہ انتظار نہ ٿو ڪري، اهوئي سبب آهي، جو ڀٽائي فرمايو.

مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.

Scanned with CamScanner

اهو ضروري ناهي تہ واقعي وڇجار ۔ ونيءَ تي ڪل چاڙهي، بنا انتظار ڪرڻ جي هليو ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ پراڻي زماني جي علاج جو ذڪر ڪيو آهي، هيو وڇاريءَ جي ڏک، درد ۽ تڪليف جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي. مون جيڪي بہ لفظ چيڻ ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ لفظ 'چين' جون معنائون ڏنيون آهن، سي محض پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ڏنيون آهن، انهن مڙني مان ڏک، درد ۽ تڪليف جو مفهوم ظاهر ٿئي ٿو. سوز صاحب مون واري ساڳي معنيٰ وڌيڪ وضاحت ۽ حوالن سان بيان ڪئي آهي، جنهن لاءِ هُو داد لهڻي، پر ڪيس منهنجي مقالي جو حوالو ڏيڻ گهرجي ها.

سوز صاحب اهو بہ غلط لکيو آهي تہ مان گهڻين لغتن جي ورق گرداني ڪئي آهي، پر مون کي ڪٿي بہ 'چيڻ' لفظ يا ان سان مشابهت رکندڙ معنيٰ وارو لفظ ملي نہ سگهيو آهي. سوز صاحب جيڪڏهن فقط مون وارو ڪتاب 'تحقيقاتِ لطيف' پڙهي ها تہ کيس معلوم ٿي وڃي ها تہ اهو لفظ کهڙين لغتن ۾ موجود آهي.

سوز صاحب لکيو آهي تہ 'ڏاهر' جو ڏاتو يا بُڻ 'ڏاهہ' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏس پتو سڌ سماءَ خبرچار، اهڃاڻ، اطلاع، چِتاوڻي، ڄاڻ، حال احوال، Information.

ڏاهر جي اصطلاحي معنيٰ آهي تاريخي ۽ جاگرافيائي اهڃاڻن جو ڏس پتو ڏيندڙ.... جيئن ميهار جو ميهر، لوهار جو لوهر، تيئن ڏاهر جو مخفف ڏهر آهي. (ٻولي ٻُجهارت ص:186)

سوز صاحب اڳتي هلي لکيو آهي: "اڄا تائين سنڌ جي دور دراز وستين ۾ واهڻن ۾ اڃ وچ جون سهولتيون ميسر ناهن اتي موتي فوتي يا شادي مرادي جي موقعي تي ڪو ماڻهو ڏاهر (صفت) ڏاهہ ڏيڻ لاءِ مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن کي خبر ڏيڻ لاءِ موڪليندا آهن. پر هينئر موبائيل فون ذريعي نياپو ڪيو ويندو آهي. هاڻي ڏاهر جو ڪم موبائيل کان ورتو وڃي ٿو." (ص:187)

سر گهاتو:

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سُر گهاتو جو هي بيت ڏنو آهي:

ڪو جو قهر ڪلاچ ۾ جو گهڙي سو نِئي،
خبر ڪو نہ ڏِئي، تہ ريج ڪيهاڙي رنديا.

ان بيت تي بحث ڪندي سوز صاحب لکيو آهي: "هي بيت سيني رسالن ۾ موجود آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ هن بيت کي پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي مان ڪنهن سبب ٻڌائڻ بنا ڪڍي ڇڏيو آهي." (ص:162)

Scanned with CamScanner

افسوس اهي جو اسان جا اديب ۽ عالم ڊاڪٽر بلوچ جي شاهه جي رسالي تي ٽيل مثالي تحقيق جو مطالعو ڪرڻ کان سواءِ ٽيڪا ٽپڻي ڪندا رهن ٿا. سوز صاحب به انهن مان هڪ آهي، نه ته اپاهر ۾ ائين نه لکي ها. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه صاحب جي ڪلام تي جيڪا تحقيق ڪئي آهي، سا ڏهن جلدن تي مشتمل آهي ۽ يارهون جلد 'روشني' شاهه سائين جي مستند رسالي جي لغت آهي. اسان جا عالم انهن ڏهن جلدن جا جيڪڏهن رڳو مقدمائي پڙهن ها ته ڪين ڪافي معلومات ملي وڃي ها ۽ پوءِ اهڙي اپاهري ۽ اجاتري راءِ نه ڏين ها.

'گنج' کان وٺي هن وقت تائين لکجندڙ ۽ ڇپجندڙ رسالن ۾ بين شاعرن جو ڪلام موجود آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر بلوچ جو تيار ڪيل جلد ڏهون) جيڪو 1996ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. شاهه جي ڪلام مان ڌاريو ڪلام ڌار ڪري نج شاهه جو رسالو تيار ڪرڻ جي شروعات ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪئي. هن ڪجهه قلمي نسخن جي آڌار تي ڌاريو ڪلام ڌار ڪري، نئون شاهه جو رسالو تيار ڪيو ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ لکي. ان جا ٽي جلد ڇپجي پڌرا ٿيا. پر چوٿون جلد ڇپجي نه سگهيو، جنهن جو اڄ تائين پتو پئجي نه سگهيو آهي، شايد هميشه لاءِ گم ٿي ويو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جيئن ته ڌاريو ڪلام ڌار ڪري، ان جو ڪو سبب نه ٻڌايو ۽ نه وري اهو جيڪو مختلف قلمي رسالن ۾ موجود هو، سو محفوظ ڪيو (ردي سمجهي اڇلائي ڇڏيو)، تنهنڪري ان عمل تي هندو توڙي مسلمان عالم ناراض ٿيا ۽ مٿس چٽي تنقيد ڪيائون. پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻهريون عالم آهي، جنهن پنجاهه قلمي نسخا ۽ سورهن ڇاپي رسالا هٿ ڪري، شاهه جي معياري ڪلام جي پرکا ۽ سڃاڻ لاءِ اٺ اصول مقرر ڪري، وڏي ويچار ۽ محنت سان شاهه جي ڪلام جو مستند رسالو تيار ڪيو. ان کان سواءِ رسالي جي لغت 'روشني' جي عنوان سان تيار ڪئي. اهڙي ريت شاهه لطيف جي ڪلام جي حوالي سان يارهن جلد تيار ڪيا، جي ڇپجي چڪا آهن. قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ جيڪو بين شاعرن جو ڪلام موجود هو، سو اعليٰ معيارن جي روشني ۾ دليلن سان ڌار ڪري، رسالي جو ڏهون جلد تيار ڪيو، جيڪو 855 صفحن تي مشتمل آهي، ان جو عنوان آهي، 'شاهه جو رسالو – رسالي جو ڪلام'. پر افسوس جو اسان جا نام نهاد عالم ۽ پاڻ کي ٻنائيءَ جو پارکو چوائيندڙ ڪنهن عالم جو پورهيو پڙهڻ کان سواءِ پنهنجي غير علمي راءِ ڏيئي پاڻ کي مٿاهون ۽ معتبر سمجهن ٿا.

سوز صاحب ۽ بين پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ته ڊاڪٽر صاحب مذڪوره بيت بنا سبب رسالي مان نه ڪڍيو آهي، بلوچ صاحب شاهه لطيف جو رسالو تيار ڪرڻ کان اڳ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' (جنهن جا ڇهه ڇاپا ڇپجي چڪا

Scanned with CamScanner

آهن) ۾ ڄاڻايو آهي ته اهو بيت هڪ فارسي ڪتاب 'رسالہ قطبيہ' ۾ موجود آهي، جيڪو ڏهين صدي هجري ۾ لکيو ويو. ان ڪتاب ۾ اهو بيت هن طرح لکيل آهي:

جو گهڙي سوني، ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾،
خبر ڪونہ ڏي، رڃ ڪڄاڙو رنديو.

اها ساڳي ڳالهہ ڊاڪٽر صاحب ڏهين جلد ۾ بہ لکي آهي، لکيو اٿن: "هيءُ بيت شاهہ صاحب کان گهٽ اڳ جو آهي" (ص:342) مذڪوره بيت برابر شاهہ لطيف جي گهڻن ئي قلمي رسالن ۾ موجود آهي، پر جڏهن شاهہ صاحب کان گهٽ اڳ ڏهين صدي هجريءَ ۾ لکيل ڪتاب 'رسالہ قطبيہ' ۾ موجود آهي تہ پوءِ اهو شاهہ جو بيت ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر بلوچ اهو بيت پنهنجي تيار ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ شامل نہ ڪيو آهي. تنهنڪري سوز صاحب جو اهو الزام تہ ڊاڪٽر بلوچ بنا سبب ٻڌائڻ جي اهو بيت ڪڍي ڇڏيو آهي، صحيح ناهي مهرباني ڪري پهريائين ڊاڪٽر بلوچ جو ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' (ڇاپو چوٿون) ص:206 کان 211 تائين پڙهي ڏسو، جيڪو پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ 1999ع ۾ شايع ڪيو هو. ان کان علاوه ڏهون جلد پڻ پڙهو تہ پوءِ اوهان کي سچي حقيقت معلوم ٿي ويندي.

سر بلاول:

ص:177 تي سوز صاحب هيءُ بيت ڏنو آهي:

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏسين ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
ايءُ آڪي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم مهڙو.

هن بيت جي نثري معنيٰ بہ چند لفظن جي هير ڦير سان ڊاڪٽر سومري جي ڏنل سمجهاڻيءَ تان ورتل آهي، پڙهندڙ پاڻ مطالعو ڪري سگهن ٿا، ان جو ثبوت مثنويءَ جو اهو بيت آهي، جيڪو ڊاڪٽر سومري شاهديءَ طور آندو آهي ۽ اهو هن ريت آهي:

کار هادی این بود تو هادی.
ماتم آخر زمان را شادی.

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر سومري جي سمجهاڻي: بيشڪ هادي (هدايت ڪندڙ) جو اهوئي ڪم آهي ۽ تون هدايت ڪندڙ آهين، تون ئي هن آخري زماني جي غمگينيءَ ۾ ڏکن ڏولاون ۾ خوشي ڏيندڙ آهين.

سوز صاحب واري معنيٰ: هادي بيشڪ هدايت ڪندڙ جو اهوئي ڪم آهي ۽ هدايت ڪندڙ آهين، تون ئي آخري زماني (محشر) جي غمگينيءَ کي خوشي ۾ تبديل ڪرڻ وارو تون ئي آهين.

ترجمي جي اصليت کي لڪائڻ خاطر وري مترجم قاضي سجاد حسين لکي ڇڏيائين، حالانڪ پڙهندڙ پاڻ ڏسي سگهن ٿا، تہ سوز صاحب هڪ بہ لفظ ڪٽي ۽ هڪ ٻن لفظن جو ٻن سٽن ۾ اضافو ڪيو آهي، اهو پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي تہ اهي سوز صاحب جي علميت کي داد ڏين!

سر ڪارايل:

ص: 181 تي سر ڪارايل جو هيٺيون بيت آيل آهي:

دلبو منجه درياه، پسي پکي آئيا،
ويچارا ويساه، آئي ات اڙائيا.

سوز صاحب هن بيت جي نثري معنيٰ تہ ڪونہ ڏني، البت مثنوي روميءَ جا بہ هيٺيان بيت ڏني ٿو، جيڪي ڊاڪٽر سومري رسالي جي سمجهاڻي لکندي اڳ ئي ڏنا هئا، پر ان جو ڪو اعتراف اشاري يا ڪنايي طور بہ نٿو ڪري. اسان پڙهندڙن لاءِ اهي ٽيئي بيت هيٺ ڏيون ٿا تہ پاڻ سوز صاحب جي نقاليءَ جو داد ڏين:

مرغ مرده پيش بنهاده که اين،
می کند اين بانگ و آوازوحنين.
مرغ پندارد که جنس اوست آن.
جمع آيد بُرد شان پوست آن.

(شاھ جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص:336)

وري ص: 183 تي هيٺيون بيت آهي:

سو پکي سو پيچرو، سو سر، سوئي هنجهہ،
پيهي جان پروڙيو، مون پنهنجو منجهہ،
ڏيل جهين جو ڏنجهہ، سو ماري ٿو منجهہ وڙهي.

هن بيت جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر سومري مثنويءَ جو هيٺيون بيت آندو:

Scanned with CamScanner

مرغ خويشى، صيد خويشى، دام خويش
صدر خويشى، فرش خويشى، بام خويش

(شاهہ جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، 2013ع، ص:348)

اهو سا ڳيو بيت سوز صاحب نقل ڪري ٿو ۽ معنيٰ بہ اهائي سومري صاحب واري هميشہ وانگر، پر لفظ ڦيرائي ڏئي ٿو.

سر ڏهر:

ص:185 تي سر 'ڏهر' تي بحث ڪندي سوز صاحب لکي ٿو تہ اهو لفظ سُر 'ڏاهر' آهي.

مرزا قليچ بيگ لاءِ لکي ٿو تہ: هن بہ 'سر ڏاهر' لکيو آهي.

حالانڪ سنڌي ٻولي اٿارٽي طرفان ڇپيل مرزا صاحب واري شاهہ جي رسالي ۾ اهو سر ڏهر ڄاڻايل آهي، لغات لطيفيءَ ۾ بہ سر ڏهر لکيل آهي.

شاهواڻيءَ،ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، مولانا قاسميءَ، ٻانهي خان، آغا محمد يعقوب ان کي ڏهر لکيو آهي، گنج ۾ ان کي ڏهہ لکيو ويو آهي.

وڏي ڳالهہ تہ شاهہ لطيف جي وڏي معاصر، عظيم شاعر ميين شاهہ عنات بہ ڏهر لکيو آهي.

ان صورت ۾ سوز صاحب جو اهو لکڻ تہ وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو ڏهر نہ پر ڏاهر آهي.

هتي اهو بہ ٻڌائجي تہ سنڌ جي سروري جماعت يعني مخدوم نوح رح جي سلسلي ۾ 'ڏهر' خاص سماع جي بيتن لاءِ وقف آهي، ۽ هن سلسلي ۾ ڪيتري ئي شاعري ملي ٿي. ڏهر ۽ وايون مختلف شاعرن جا چيل آهن، پر سڀ ڪان وڌيڪ ڏهر ۽ وايون منٺار فقير راڄڙ جون چيل آهن، ڪتاب لاڪو پير لطف الله ۾ ان جا مثال بہ ڏنل آهن. (ص:70)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي تسلسل جي روايت ۾ جيڪي رسالا تصنيف ڪيا ويا، تن ۾ غلام محمد خانزئيءَ جو رسالو جيڪو 36 سرن تي مشتمل آهي، پنهنجي خاص اهميت رکي ٿو، ان ۾ بہ پورو هڪ سر ڏهر موجود آهي، اهڙيءَ طرح هن سلسلي ۾ خليفي نبي بخش جو رسالو بہ قابل ذڪر آهي، جنهن ۾ پڻ پورو سر ڏهر موجود آهي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب سُر ڏهر جو هي بيت (ص - 189) لکيو آهي:

ڏکهي اڏ م منهين، پکو اڏ م لانڊ،
لڏئو تن وِرانڊَ، جن صباحٽي اڏيو.
(ڊاڪٽر بلوچ)

ان کان پوءِ گنج شريف ۾ پانهي خان واري شاهه جي رسالي مان ساڳيو بيت ڏيئي لکي ٿو: "مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري لکيل بيت جي معنيٰ سمجهه کان ٻاهر آهي. سندس بيت کي نثر ۾ آڻڻ کان پوءِ ڪيڏو به ذهن تي زور ڏجي ته به بيت جي معنيٰ سمجهه ۾ ڪو نه ايندي، ڊاڪٽر صاحب واري پوئين سٽ جو نثر هن ريت بيهي ٿو:

"تن وراند لڏيو، جن صباحٽي اڏيو." وراند ته اڏبو آهي ۽ اڏڻ کان پوءِ ڪنهن مصيبت سبب لڏبو آهي.

گرامر جو مڃيل اصول آهي ته پهريائين 'ضمير موصول' جو جملو لکبو آهي. ان کان پوءِ ئي 'جواب موصول' جو جملو لکڻ کپي. پر بلوچ صاحب پهريون جواب موصول لکي، پويون ضمير موصول جو جملو لکيو آهي، جيڪو گرامر جي نحوي بناوت جي ابتڙ آهي. ۽ بيت جي موزونيت جو بگاڙ محسوس ٿئي ٿو.

پکو اڏ م لانڊ، مٿئين بيت جي منڍ ۾ 'منهين' جو ذڪر ٿيل آهي. يعني 'ڪچي جهوپڙي' پوءِ 'پکو اڏ م لاند' ٺهي ئي ڪو نه ٿو. مذڪوره بيت جي پهرين سٽ جي پوئين پد ۾ پتائي جهڙو داناءُ، عالم ۽ ٻوليءَ جو بادشاهه 'پکو اڏ م لاند' جو ذڪر ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ سوز صاحب پراڻي زماني واري سنڌيءَ کي اڌ اکري سڏيندي لکي ٿو ته، "هونئن به اڌ اکري سنڌي ۾ ڪ — ک — گهه — گ ۽ ڳ وغيره جي سڃاڻپ ڏاڍي ڏکي هئي ۽ آهي، معلوم ٿيو ته اهو لفظ 'پکو' ناهي، پر 'پڪو' آهي. اها ڪاتب جي غلطي هئي ۽ بعد ۾ اسان جي محققن به لفظ جي صورتخطي تي ڌيان ڪو نه ڏنو. هونئن 'وراندو' پڪي جڳهه ۾ ٿيندو آهي، نڪي منهين يا جهوپڙي ۾. هاڻي گرامر جي نحوي اصولن مطابق مذڪوره بيت جي صحيح صورتخطي ۽ پڙهڻي هن ريت درست سمجهڻ کپي.

ڏکهي اڏ مَ منهين، پڪو اڏ م لاند،
اڏيو جن وراند، تن سوارو لڏيو.

معنيٰ: (ڌاڙيلن جي خوف کان بچڻ لاءِ پتائيءَ جي سهڻي صلاح)، پنهنجي منهين جهوپڙي ڏکهي ڪري نه ٺاهه ۽ لانڊ کي پڪو به نه ڪري جوڙ (هاڻوڪن جي خطري

Scanned with CamScanner

ڪان) جن بہ وڏو ورانڊو ناهي، پڪو ڪيو، تن ڪي اڄ شام يا ڪنهن بہ وقت ساڄهر سويلو لڏڻو پوندو (ڪنهن سلامتيءَ واري وٽاڻ ڏانهن) (ص:139-140)

سوز صاحب پنهنجي عقل جي ٻوڙ تي جيڪا مٿين بيت جي پهرين سٽ جي پڙهڻي ڏني آهي، ان جي آخري لفظ تي زبر نہ پر پيش ايندو يعني 'پڪو اڏمُ لانڊُ' جڏهن تہ صحيح لفظ لانڊَ آهي، پر ٻروچ ڪي ڪير سمجهائي!.

افسوس آهي جو سوز صاحب صحيح بيت ڪي، غلط رخ تي وٺي ويو آهي ۽ 'وراڻڊ' لفظ ڪي ڪم علمي سبب 'ورانڊو' سمجهيو آهي. ان بيت ۾ ڏاڙيلن جي ڌپ طرف ڪو اشارو نہ آهي. دراصل ان بيت ۾ ڀٽائي زندگيءَ جي بي ثباتي ۽ فنائيت جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ٻيو بيت سوز صاحب ڏنو آهي:

اڏي اڏيندين ڪيترو، ڪلر ڪاڌي ڀت،
تون تہ رهندين هِت، کهگل ڪرين ڪن ڪي.

اِن بيت ۾ بہ ڏاڙيلن طرف ڪو اشارو نہ آهي. اهو بيت بہ پهرين بيت جي وڌيڪ وضاحت آهي. ان ۾ بہ بي بقا زندگي ۽ فنائيت طرف اشارو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪا بيت جي پڙهڻي ڏني آهي، ان ۾ ڪو بہ مونجهارو نہ آهي. اصل ۾ سوز صاحب کي بيت جي هڪ لفظ 'وراڻڊ' جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ ۾ مغالطو ٿيو آهي، تنهنڪري سنئون نڳ ڇڏي اوجهڙ ۾ هليو ويو آهي. جڏهن ڪو اوجهڙ ۾ هليو ويندو تہ منزل تي پهچي نہ سگهندو.

بحث هيٺ آيل بيت ۾ نہ ڪاتب جي ڪا غلطي آهي ۽ نہ وري شاهہ جي شارحن جي ڪا غلطي آهي. اصل ۾ غلطي فاضل مصنف ڪان ٿي آهي. پوءِ بہ ائين چوڻ تہ: مذڪوره بيت جي صحيح صورتخطي ۽ پڙهڻي سندس سوچ مطابق ڏنل درست سمجهڻ کپي. جڏهن بيت ۾ 'پڪو' لفظ صحيح آهي، تہ پوءِ ان جي جاءِ تي پڙهندڙ هڪ غلط لفظ 'پڪو' ڪنهن جي چوڻ تي ڇو تسليم ڪندا؟

سوز صاحب جيڪڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري شاهہ جي رسالي جي لغت 'روشني' يا ٻي ڪا بہ سنڌي زبان جي لغت ڏسڻ جي تڪليف ڪري ها تہ ڪيس مغالطو نہ ٿئي ها، يا ڊاڪٽر بلوچ وارو شاهہ جو رسالو (سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت) ڏسي ها، جنهن جي سمجهاڻي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري لکي آهي تہ، ڪيس سنئين واٽ ملي وڃي ها.

اچو تہ شاهہ جي رسالي جي لغت 'روشني' مان 'وراڻڊ' لفظ جي معنيٰ معلوم ڪريون.

وِراڻڊَ = وڃڻ جو وقت، وڃڻ ويل (نئون ڇاپو) ص:507، ثقافت کاتو، سنہ 2014ع.

Scanned with CamScanner

ڏکِي اڏ مَ منهين، پکو اڏ مَ لانڊَ،
لڏئو تن وِرانڊَ، جن صباحٽي اڏيو.

سمجهاڻي: تون پنهنجي لاءِ وڏو ڏکو مَنهُن يا لانڊَ (جاءِ يا گهر) نہ ٺاهہ (اهو سڀ اجايو آهي) (توکي خبر آهي تہ) جن صبح جو اڏاوت ڪئي، تن کي وڃڻ جي وقت (پوئين پهر شام جو) اتان لڏڻو پيو، اهو هڪڙو سڄو ڏينهن بہ رهڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا. (شاهہ جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (ڇاپو پهريون) ص:359، سنڌي ادبي بورڊ، سنہ 2015ع).

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب بيت جي مختصر سمجهاڻي ڏني آهي. هتي ان بيت جي ڪجهہ وڌيڪ سمجهاڻي ڏجي ٿي. خاص پکي بابت بہ چار لفظ لکيا وڃن ٿا. ڀٽائي هن بيت ۾ انساني زندگيءَ کي تمام مختصر سمجهڻ جي تلقين ڪندي انسان کي هدايت ڪئي آهي تہ: (اي انسان! زندگي تمام مختصر آهي. تنهنڪري ڪا ڊيگهہ نہ ڪر، منهين مختصر هوندي آهي. چار ڪاٺيون ڪوڙي ٺاهي ويندي آهي) ان منهين کي گهڻو ڏکو نہ ڪر، (پکو بہ مختصر هوندو آهي. ڪجهہ ڪلا ڪوڙي اڏيو ويندو آهي) پکي کي وڏي لانڊَ نہ بڻاءِ. ان کي پکو ئي رهڻ ڏي. (منهين لاءِ چار ڪاٺيون ڪوڙي اها مختصر نموني ٺاهي ويندي آهي. پکي ۾ بہ ٿلهو ڪپڙو، ڪجهہ ڪلا ۽ رسا ڪم آڻيا آهن، ڀٽائي هدايت ڪري ٿو تہ زندگي مختصر آهي، تنهنڪري پنهنجي ساز سامان کي ڊيگهہ نہ وڌاءِ).

هن بيت جي ٻي سٽ گنج شريف ۾ هن ريت ڏنل آهي:

ڏکِي اڏ مَ منهين، پکو اڏ مَ لانڊ
اڏي جن وراند، تن سوارو لڏيو.

ٻانهي خان وارو رسالو گنج شريف جو اتارو آهي، ڪٿي ڪٿي هن بيتن ۽ واين جي ڪن لفظن جي هير ڦير ڪئي آهي. ٻانهي خان 'اڏي' بجاءِ 'اڏيو' لفظ آندو آهي. مفهوم ٻنهن جو ساڳيو آهي. يعني اڏاوت ڪئي.

سوز صاحب سُر ڏهر جو هڪ هيءُ بيت (ص - 198) ڏنو آهي:

آيون ڍور ڍري، اصل سنڌي آسري،
ڪريڙ پونءِ ڪري، ٻاٽا پير ڏکوئيا پکڻين.

لفظ: اصل: ڪريڙ، ڪري.

ان کان پوءِ سوز صاحب لکي ٿو: "متين ٽنهي لفظن (ڪريڙ، پونءِ ڪري) جون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب توڙي مرحوم معمور

Scanned with CamScanner

يوسفاڻيءَ معنائون بلڪل درست ڪيون آهن. پر منهنجي پراڻي دوست، محقق، دانشور ۽ پناڻي جي پارکو هئڻ جي دعويدار محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب پنهنجي محسن آئيڊيل انسان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ٿنهي لفظن جي صورتخطي ۽ معنائن کي غلط قرار ڏنو آهي. (ص:198)

پهرين ڳالهه ته مون ڪڏهن به محقق، دانشور ۽ پناڻيءَ جي پارکو هئڻ جي دعويٰ ڪا نه ڪئي آهي. ٻي ڳالهه ته مون ڪئي به ڪنهن شاهه جي شارح لاءِ ايئن ڪونه لکيو آهي ته هي غلط آهن ۽ مان صحيح آهيان ۽ نه وري مون ڪڏهن پاڻ کي پڏايو آهي. اهو منهنجي مزاج ۾ ئي نه آهي، شاهه جي بيتن بابت منهنجي هر هڪ مضمون جو عنوان هو 'شاهه جي هڪ بيت بابت ويچار' يعني شاهه جي هڪ بيت بابت (منهنجي) راءِ، شاهه تي لکڻ وارن دوستن کي اهو ئي عرض ڪندو رهيو آهيان ته ٻئي کي غلط ۽ پاڻ کي صحيح نه سمجهو، جو ته تي سگهي ٿو ته توهان پاڻ غلط هجو. توهان پنهنجي راءِ ڏيو، پوءِ پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪندا ته ڪير صحيح آهي ۽ ڪير غلط آهي. اها گذارش مون پنهنجي پياري دوست مينهين · ان کي به ڪتاب لکڻ کان اڳ ڪئي هئي، پر هن يار ان تي عمل نه ڪيو. پڙهندڙ سندس ڪتاب 'ٻولي ٻجهارت' پڙهڻ کان پوءِ واضح طور محسوس ڪندا ته سوز صاحب ڪيترن ئي ندن تي لکيو آهي ته هينئر ثابت ٿيو ته "هيءَ (سندس ڏنل) پڙهڻي صحيح آهي"، هينئر هيءَ (سندس ڏنل) پڙهڻي درست سمجهڻ گهرجي، فلاڻي شارح جي ڏنل معنيٰ بلڪل غلط آهي وغيره وغيره. اهڙي روش سندس ڪتاب جي ڪيترن ئي صفحن تي موجود آهي. هتي ان جا حوالا ڏيڻ ضروري نه آهن، پڙهندڙ پاڻ اها ڳالهه محسوس ڪندا.

ڊاڪٽر بلوچ جي مون هميشه تعريف ڪئي آهي ۽ جيستائين جيئرو آهيان ڪندو رهندس. پر جيڪڏهن مون بلوچ صاحب يا ٻين شاهه جي شارحن يا عالمن سان ڪنهن نُڪتي تي اختلاف ڪيو آهي ته ادب ۽ احترام جي دائري ۾ رهي ڪيو آهي ۽ ڪڏهن به ايئن نه لکيو آهي ته آءُ صحيح آهيان، هُو غلط آهن. مون نهايت ادب ۽ احترام سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. اهو هر ليکڪ کي حق آهي. باقي ڪنهن سان اختلاف ڪرڻ جو مطلب اهو نه آهي ته هو پاڻ پڏائي ٿو. اهڙي روش سوز صاحب جي ڪتاب ۾ موجود آهي، منهنجي ڪنهن به تحرير ۾ اهڙي اڍنگي روش ڪنهن عالم لاءِ نظر نه ايندي، ان کان علاوه مون صرف ڊاڪٽر بلوچ واري پڙهڻي ۽ معنيٰ سان اختلاف نه ڪيو آهي، پر ڪٿي ڪٿي نهايت ادب ۽ احترام سان سيني شارحن جي ڏنل پڙهڻي ۽ معنيٰ سان اختلاف ڪيو آهي.ان جو مطلب هر گز پاڻ پڏائڻ يا پاڻ کي مٿاهون سمجهڻ تي نه ٿو سگهي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب جي مهرباني جو مون کي ٻڌايو اٿائين تہ، شوق صاحب کي ياد رکڻ کپي تہ سنڌي ٻولي قديم آهي ۽ ان جي لهجن ۽ ڳهاڙيٽن، هر هڪ ساهواري جي رهائش، کاڌ خوراڪ ۽ ٻُود و باش لاءِ سنڌيءَ ۾ جدا جدا الفاظ ڪم آندا ويندا آهن. انسانن لاءِ کاڌ خوراڪ، جانورن لاءِ چارو، ۽ پکين لاءِ ’چوڳ‘، ’چوڳو‘ ۽ ’چڳڻ‘ جهڙا لفظ ڪم آندل آهن. تصديق لاءِ ڀٽائي سان رجوع ڪريون ٿا. تہ هُو پکين لاءِ ڇا ٿو فرمائي. (ص:199)

ان ڪان پوءِ سوز صاحب ڀٽائي جي ڪن بيتن جون مصراعون ڏنيون آهن جن ۾ ’چُٽين‘، ’چُٽيج‘ لفظن جو ورجاءُ آهي. ايتري ڀٽاڙ جي ضرورت ئي نہ هئي.

سوز صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ، ”ڀٽائي جهڙو، داناءُ ۽ گهڻين ٻولين (Multi Lingual) جو بادشاهہ پکين لاءِ ڪڏهن ’اڪل‘ (کاڌو) جهڙو بي جوڙ لفظ استعمال ڪري نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن ڀٽائي کي عربي جو لفظ استعمال ڪرڻو هجي ها تہ هو اڪل بجاءِ نقر جو لفظ استعمال ڪري ها معنيٰ داڻو چڳڻ، تہ پوءِ بيت هن ريت هجي ها: آيون ڍور ڍري، نقر سنڌي آسري. (ص:199-200)

سوز صاحب جي خدمت ۾ عرض تہ خوراڪ وسيع معنيٰ وارو لفظ آهي. برابر انسانن، جانورن، پکين ۽ جيتن جي پنهنجي پنهنجي خوراڪ هوندي آهي، اها سيني کي خبر آهي، پر اهو ضروري نہ آهي تہ، جنهن جي خوراڪ گوشت آهي تہ شاعر گوشت لفظ آڻي. ڪنهن پکي جي خوراڪ مخصوص اَنُ آهي تہ شاعر پنهنجي شعر ۾ اهو ان جوئر، ٻاجهر يا چڻا مٽر يا مُگ آڻي. جڏهن شاعر پنهنجي شعر ۾ ڪنهن پکي يا جانور جي خوراڪ جو ذڪر ڪندو تہ پڙهندڙ سولائي سان سمجهي ويندو تہ ان جي خوراڪ ڪهڙي آهي.

سوز صاحب رڳو انسانن جي خوراڪ ۽ جانورن جي چاري يا چوڳي جو ذڪر ڪيو آهي، پر ڪيس معلوم هئڻ گهرجي تہ انسان جي ڪن عضون جي بہ خوراڪ هوندي آهي. اکين، دل ۽ رُوح جي بہ خوراڪ هوندي آهي. ڀٽائي فرمايو آهي:

اکڙين خوراڪ، پسڻ پرڏيهين جو.

ٻي ڳالهہ تہ تجنيس حرفي ڀٽائي جہ شاعري جي خاص خوبي آهي، تنهنڪري ان مصرع ۾ ’اڪل‘ لفظ سونهين ٿو، ’نقر‘ سهڻو نہ ٿو لڳي. پکي پنهنجي خوراڪ لاءِ ايندو آهي. ’اصل‘ لفظ مان خوراڪ جو مفهوم نہ ٿو نڪري. باقي اهو بہ صحيح آهي تہ پکي جتي اصل کان سُونهان هئا، اتي آيا. پر مون پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي: پکي پنهنجي خوراڪ لاءِ ايندا آهن، اصل لفظ مان خوراڪ جو مفهوم نہ ٿو نڪري، ٿي سگهي ٿو تہ اهو لفظ ’اڪل‘ هجي، جنهن جي معنيٰ کاڌو خوراڪ آهي. پر

Scanned with CamScanner

مون ايئن هرگز نہ لکيو آهي تہ ٻيا غلط آهن، مان صحيح آهيان مون تہ هڪ راءِ ڏني آهي، ان جو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪندا.

سوز صاحب اڳتي هلي لکيو آهي:

”ڪريڙ= ڪرير — ڪري= اهو لفظ ’ڪرير‘ هاٿي نہ آهي پر ’ڪريڙ‘ آهي، جيڪو ڪڇ جو مشهور ٻيٽ آهي.... ڊاڪٽر شوق صاحب پنهنجي محسن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لطيف شناسيءَ تي وار ڪيو آهي، پر ڀٽائي جي تاريخ شناسي ۽ جاگرافي داني جي بہ نفي ڪئي آهي (ص:200-201)

اختلاف راءِ کي ’وار‘ ڪيئن چئي سگهي ٿو؟ ۽ هڪ راءِ جو اهو مطلب هرگز ٿي نہ ٿو سگهي تہ مون ڀٽائي جي تاريخ شناسي ۽ جاگرافي داني جي نفي ڪئي آهي. اها سوچ صرف سوز صاحب جي ٿي سگهي ٿي، منهنجي ٿي نہ ٿي سگهي!

زمين ڪري وئي هئي، اهو بہ عجيب اصطلاح آهي. اسان تہ اهو ٻڌو آهي تہ ٻار ڪري ويو آهي، رن ڪريل آهي. جڏهن زمين غيرآباد هوندي آهي تہ يا تہ اها ڪلر ٿي ويندي آهي يا سڪي ٺوٺ (سخت) ٿي ويندي آهي، پر ان کي ڪريل ڪيئن سڏي سگهجي ٿو؟

نوان ڦٽل گؤنچ جيئن تہ تمام نرم هوندا آهن، تنهنڪري ڀٽائي ڪرير لفظ تشبيهہ طور آندو آهي ۽ هاٿي سان تشبيهہ ان ڪري ڏني آهي تہ ان جي کل يا جسم سخت هوندو آهي، اها زمين جيڪا نَون ڦٽل گونچن جهڙي نرم ۽ ملائم هئي، سا هاٿي جهڙي سخت ٿي پيئي، تنهنڪري ويچارن پکين جي نرم نازڪ پيرن کي تڪليف ٿي.

سوز صاحب لکيو آهي: ”سيني حقيقتن کي آڏو رکي حق سچ جو فيصلو هن ريت آهي تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل شاهہ جو بيت درست آهي، پر سندس روحاني شاگرد نواز علي شوق صاحب پنهنجي علمي قد ڪاٺ وڌائڻ خاطر ڀٽائيءَ جي خوبصورت بيت جي صورتخطي، معنيٰ ۽ مفهوم کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (ص:201)

مون اڳ ۾ بہ عرض ڪيو آهي تہ اختلاف راءِ جو مطلب پاڻ پڌائڻ يا پنهنجو قد ڪاٺ وڌائڻ هرگز نہ آهي. جيڪڏهن سوز صاحب ايئن سمجهي ٿو تہ پوءِ سندس قد ڪاٺ تہ الائي ڪيترو وڌي ويو هوندو، ڇاڪاڻ تہ هن شاهہ جي گهڻن ئي شارحن کي رد ڪري زور زبردستي پنهنجي راءِ مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شاهہ جي رسالي جي قلمي نسخن ۾ مذڪوره بيت جي ٻي سٽ جون سور هن مختلف پڙهڻيون آهن. جيڪي مون پنهنجي مقالي ۾ ڏنيون آهن. ان کان پوءِ مون هڪ پڙهڻيءَ کي درست سمجهي اها ڏني آهي. مون بيت جي صورتخطي ڪا نہ بگاڙي آهي، اها صورتخطي هڪ قلمي نسخي ۾ موجود آهي. مون قلمي رسالن ۾ آيل اها هڪ

Scanned with CamScanner

پڙهڻي درست سمجهي، ان جي معنيٰ ڏني آهي. ڪن محققن جي راءِ موجب ڪريڙ واري پونءِ ڪري وئي هئي. مون سوز صاحب وانگر پنهنجي طرفان گهڙيل پڙهڻي نہ ڏني آهي، پر شاهہ جي رسالي جي ئي هڪ پڙهڻي موجب اختلاف ڪندي لکيو آهي تہ جيڪا زمين گونچن جهڙي نرم هئي، سا هاڻي جهڙي سخت ٿي پئي هئي. ڀٽائي تشبيهون ڏيئي، اها ڳالهہ واضح ڪئي آهي تہ پوءِ اهو ڪهڙو گناهہ آهي؟ مون ايئن بہ ڪونہ لکيو آهي تہ مان صحيح آهيان، ٻيا سڀ غلط آهن، جيئن سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکندو رهيو آهي. بيت آهي:

آيون ڍور ڍري، اصل سندي آسري،
ڪريڙ پونءِ ڪري، پاٽان پير ڏڪوئيا پڪٽين.

سوز صاحب لکي ٿو تہ 'ڪريڙ' ڪڇ جو هڪ مشهور ٻيٽ آهي، جيڪو ٻيلي ڪان اولهہ ۾ ٻني ڪان اوڀر طرف آهي. اڳاٽي دور ۾ سنڌ جي وهڪرن جون ڪي شاخون ڪريڙ ڪي پاٽي پهچائينديون هيون. ۽ ڪريڙ آباد هوندو هو ۽ پاٽيءَ جي ڪري ڪونجون ۽ ٻيا پکي اتي جام ايندا هئا. ڏهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن اوڀر سنڌ وارا وهڪرا سُڪي ويا تہ ڪريڙ بہ سڪي نوٽ ٿي ويئي. (سوز صاحب ڪريڙ ڪي ٻيٽ سڏيو آهي تہ پوءِ 'سُڪي نوٽ ٿي ويئي' لکڻ صحيح نہ آهي) (ص:200)

هاڻي اچو تہ پهريائين بيت جي پهرين سٽ تي غور ڪريون.

آيون ڍور ڍري، اصل سندي آسري،

ڪن لفظن جي معنيٰ ڏجي ٿي:

ڍور = ڍورو، درياهہ جو اڳيون وهڪرو

آيون ڍور ڍري= ڍوري تي اچي ڍريون، ڍوري تي اچي لٿيون. (ڏسو ڊاڪٽر بلوچ واري شاهہ جي رسالي جي لغت 'روشني' (نئون ڇاپو) ص:219، ثقافت کاتو، سال 2014ع)

ڀٽائي سُر ڏهر ۾ 'ڍاڳي ۽ ڍور' ٻن وهڪرن جو ذڪر ڪيو آهي: 'جڏهن ڍاڳي ۽ ڍور، ٻئي وهن ٻليار ۾'.

سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڀٽائي تہ صاف طور چوي ٿو تہ اچي ڍوري تي لٿيون، پوءِ اهي ڍاڳي ۽ ڍور وارا وهڪرا هجن يا ڪي ٻيا. پکي ڪنهن ڍوري تي اچي لٿا تہ پوءِ ان مان ڪڇ وارو 'ڪريڙ ٻيٽ' مطلب وٺڻ ڪيئن درست ٿي سگهي ٿو؟ سوز صاحب هڪ هنڌ هڪ ڳالهہ تہ وري ٻئي هنڌ ٻي ڳالهہ ڪري مغالطي جو شڪار ٿيو آهي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب راقم کي رد ڪد ڏيندي ان بيت جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي، تنهن مان ’ڪريڙ‘ جهڙو اهم لفظ ڪاٽي ويو آهي. سندس ڏنل معنيٰ پڙهو ۽ ڪيس دل سان داد ڏيو ته ڪيئن هو ڪريڙ ٻيٽ جو ذڪر ڪري ٻڌائي ٿو ته ڪونجون ۽ ٻيا پکي اتي جام ايندا هئا. پر پوءِ هُو ڪريڙ کي پاسيرو رکي ڍوري جو ذڪر ڪري ٿو. آهي نه ڪمال جي ڳالهه! سوز صاحب ان بيت جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي:

ڪونجون انهيءَ ڍوري (تلاءَ) ۾ اچي لٿيون. (سوز صاحب ڪريڙ ڪان ڪن لاٿار ڪري ڍوري جو ذڪر ڪري ٿو، هن ڪان اڳ هُن ان کي هڪ ٻيٽ سڏيو آهي، هتي وري ڍوري کي تلاءُ سڏي ٿو!) جتي اصل هريل هيون. انهيءَ آسري تي جتي ڪين جهجهو چوڳو ميسر ٿيندو هو. (بدقسمتي سان پاڻي نه هئڻ ڪري زمين ڪري سُڪي ٿوٽ ٿي ويئي هئي، جنهن سبب پکين جا نرم پير ڦٽجي پيا (ڇاڪاڻ ته پکي هميشه پيرن سان ڪوڏاهڙو ڪري زمين مان داڻو ظاهر ڪري چڳندا آهن) (ص:201)

سوز صاحب کي معلوم هئڻ کپي ته سڀ پکي ڪوڏاهڙو ڪونه ڪندا آهن. ڪوڏاهڙو خشڪي جا پکي ڪندا آهن، انهن جي پيرن ۾ ننهن هوندا آهن. پاڻي جا پکي ڪوڏاهڙو نه ڪندا آهن. ٻنهن جي پيرن ۾ فرق آهي. خشڪي وارن پکين جي ڀيٽ ۾ پاڻي وارن پکين جا پير وڌيڪ نرم هوندا آهن.

سر سسئي آبري

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سُر سسئي آبري جو هيءُ بيت (ص - 202) ڏنو آهي:

جي سِجهائي سڪ، ته پڻ سڪي سسئي،
پيتائين پنهونءَ کي، هڏ نه پڳيس هڪ،
ان تڙ منجهان تِڪ، ڏني پاڻان اُڃ ٿئي.

ان ڪان پوءِ لکي ٿو:

1. سِجهائي (هندي) سجهانا (مصدر) سمجهڻ: ڪامڻ، پچڻ، پچرڻ، رجهڻ ٽهڪڻ، اٻرڻ، ڪباب ٿيڻ.
2. مثال: صورت تنهنجي سوين سجهايا (منٺار فقير راڄڙ)
3. هڪ: هن لفظ جي معنيٰ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ گهٽيون ئي گهُتون، گوهيون سوهيون ڏيندي، ڪا حتمي راءِ قائم ڪري نه سگهيو آهي. لکي ٿو:

هڪ پيڻ (الف) ڪاڪڙي هيٺ نڙي واري هڪيءَ جو آلو ٿيڻ يا ٿاپر ۾ اچڻ (سخت گرمي ۽ اڃ ۾ پيئي هڪي لڳندي) ’هڪ نه پڳيس‘، نڙي آلي نه ٿيس، طلب

Scanned with CamScanner

پوري نہ ٿيس. (جنهن شيءِ ڪاڻ جي سڌ هوندي آهي، پر اها گهٽي ڪائبي تہ هڪ پڇي پوندي، خواهش ختم ٿي ويندي. وري طلب نہ ٿيندي.“

ڊاڪٽر بلوچ جي لغت دانيءَ جو داد ڏيڻ بجاءِ سوز صاحب مٿس نُوڪ ڪندي لکيو آهي تہ، ”اهي سڀ اصطلاحي معنائون تہ مجي سگهجن ٿيون، پر ايڏي ڇتي ڪوري واري ڊيگھ ڪرڻ جي ضرورت نہ هئي.“ (ص:203)

حالانڪ سوز صاحب جي ڪتاب ’ٻولي ٻجهارت‘ ۾ گهٽڻ ئي هنڌن تي اجائي پٽاڙ ۽ ڇتي ڪوريءَ واري ڊيگھ نظر ايندي، جنهنجو ذڪر ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي صاحب ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي.

سوز صاحب لکي ٿو: ”هاڻي اچو لغتن ڪان پڇي ڳجهارت پچڻ جي ڪوشش ڪريون. ڊاڪٽر ٻلوچ جي لکيل لغت جو حوالو ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو:

هِڪ: اُساٽ، پياس، اُڃ جامع لغات جلد ـــ 5، ص:3044.

سوز صاحب توائي ۾ اچي صرف ’هڪ‘ لفظ جي معنيٰ ڏني آهي، حالانڪ شاهہ جي بيت جي سٽ آهي:

پيتائين پنهون ڪي، هڏ نہ پڳيس هڪ،

سٽ ۾ صرف ’هڪ‘ لفظ نہ، پر ’هڪ پڄڻ‘ جي ڳالھ آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو اصطلاح آهي، پٽائي پنهنجي بيت ۾ اهو قديم اصطلاح استعمال ڪيو آهي، تنهنڪري ڊاڪٽر بلوچ ان سٽ ۾ آيل اصطلاح کي نظر ۾ رکندي، ان جون معنائون ڏنيون آهن. سوز صاحب پاڻ مٿي اعتراف ڪيو آهي تہ اهي اصطلاحي معنائون مجي سگهجن ٿيون. جڏهن شاهہ صاحب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ قديم اصطلاح استعمال ڪيو آهي، تہ پوءِ معنائون بہ اصطلاحي لکبيون. جيڪي جيڪي معنائون هونديون، سي سڀ لکبيون. ان تي نُوڪ ڪرڻ يا ڪاوڙ ڪرڻ اجائي آهي.

ان بيت جي سمجهاڻي سوز صاحب هن ريت ڏني آهي (پٽائي چوي ٿو) ”جيڪڏهن سسئي پنهونءَ جي سڪ ۾ سڙي ڪباب ٿي ويئي آهي تہ بہ هُوءَ سڪڻ جي تات جاري رکي، جيتوڻيڪ هن پنهنجي پيار محبت ۽ رهاڻ جي سُرڪ پيتي آهي، تہ بہ هن جي پياس، اُڃ پوءِ بہ نہ لٿي آهي. اهڙي درياءَ، تڙيا ڇشمي منجهان جيترو بہ پاڻي ڳيت ڏيئي پيئبو ويتر اڃ لڳندي.“ (ص:203)

هينئر ان بيت جي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جيڪا سمجهاڻي ڏني آهي، سا هتي ڏني وڃي ٿي:

”جيتوڻيڪ سسئي پوريءَ ريت عشق ۽ محبت ۾ پڇي ڪباب (فنا) ٿي ويئي، پر پوءِ بہ سندس سڪ پوري نہ ٿي. (آخر تائين سڪندي رهي) هُوءَ پنهونءَ جي

Scanned with CamScanner

عشق ۾ ڪيس پاڻيءَ وانگر پي ويئي ۽ جيترو پيتائين، ان سان سندس نڙي بہ آلي نہ ٿي. هڏڪي نہ لٿيس.

انهيءَ عشق واري تڙ (ڪوھ – درياءَ) تان جيترو پاڻيءَ جو وڏو ڏڪ پريو (تہ اُڃ ختم ٿئي) اها ايترو پاڻ وڌي وڃي ٿي."

[عشق اهڙي اڃ وانگر آهي، جيڪا ڪڏهن پوري نٿي ٿئي، اهو رُوميءَ جي فڪر جو خاص نُڪتو آهي، جيئن هن بيت ۾ چوي ٿو:

عشق مستسقيست، مُستسقي طلب
در پي هم اين آن چون روز و شب
(دفتر ششم بيت 2675)

معنيٰ: عشق سخت اڃايل آهي ۽ پاڻ اڃ جو وڏيڪ طالبو آهي. اهي ٻئي هڪٻئي لاءِ ڏينهن ۽ رات وانگر عاشق ۽ معشوق آهن.

شاھ جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ص:388، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنہ 2015ع.

هينئر پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ ڪهڙي سمجهاڻي بيت مطابق ۽ عالماڻي انداز واري آهي.

سر معذوري:

سوز صاحب سُر معذوري جي داستان ٻئي جو هيءَ بيت لکي ان تي بحث ڪيو آهي:

ڏُکي ڏمر ناھ، ٻُکيءَ ڪِل نہ اُڃهي،
اُگهاڙي وِنهاھ، ويو ويچاري وسري. (ص-206)

(1) اُگهاڙي: ڊاڪٽر گربخشاڻي، آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، علامہ آءِ آءِ قاضي، ممتاز مرزا، محمد يعقوب آغا، عثمان علي انصاري توڙي ٻانهي خان شيخ مٿين بيت ۾ لفظ 'اگهاڙي' لکيو آهي، جڻ تہ سيني هڪٻئي جو نقل ڪيو آهي.

عورت جي باري ۾ 'اگهاڙي' جهڙو ناشائستہ ۽ معيوب لفظ استعمال ڪرڻ هڪ نهايت سنگين الزام آهي. عورت خود حيا جو پتلو آهي. اها پنهنجي مڙس جو سڌو سنئون نالو بہ نہ ڪٺندي آهي. مڙس کي سڏڻ مهل هُوءَ چوندي آهي 'او فلاڻي يا فلاڻيءَ جا پيءُ' هيڏي آءُ، 'پتائي جهڙو نيڪ سيرت بزرگ عورت لاءِ 'اگهاڙي' جو

Scanned with CamScanner

لفظ ڪيئن استعمال ڪري سگهي ٿو؟ جيڪو پنهنجي بيتن لاءِ دعويٰ ڪري ٿو ته، ”جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين.“

ثابت ٿي ويو ته ڀٽائي ’اگهاڙي‘ لفظ بدارن ڪو ٻيو لفظ استعمال ڪيو هوندو، پر ڪاتبن جي اڻ ڄاڻائي سبب ان ايئن غلط لفظ لکجي ويو آهي ۽ وري مانوارن محققن به ڪنهن لغت جي ورق ورائڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي آهي. (سمجهي پاڻ نه ٿو سگهي، ڏوهه وري ڪاتبن ۽ محققن جو ڄاڻائي ٿو. اها اڍنگي روش هن ٻين هنڌن تي به ڏيکاري آهي.)

هاڻي اچو ته مٿين بيت جي باري ۾ گنج شريف جا ورق اٿلايون ته ڀٽائي پنهنجي اندر ۾ ڪهڙي لفظ جي حمايت ڪئي آهي. (ص:207) لکيو اٿائين ته، آڪار سنسڪرت جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي رُوپ، صورت، شڪل شباهت، چهرو، جسم، مورت، تصوير، ٻول بُت، علامت، نشان وغيره.

جنهن لاءِ جامع سنڌي لغات، هندي – اردو لغت ۽ هڪ سنڌي – انگريزي ڊڪشنرين جا حوالا ڏنا اٿائين.

ان ڪان پوءِ سوز صاحب لکيو آهي ته، لغتن جي روشني ۾ هاڻي بيت جي صورتخطي هن ريت درست سمجهڻ گهرجي.

ڏکي ڏمر ناهه، ٻُڪيءَ ڪل نه اُڇهي،
آڪاري وهانه، ويو ويچاريءَ وسري.

معنيٰ: جيڪا ويچاري ڏکايل آهي ته، اها ڪاوڙ ڪيئن ڪندي؟ ۽ ٻُڪيءَ ڪان ڪِل ڪيئن ظاهر ٿيندي. اهي ويچاريون ڏک ۽ بُک جي ڪري اهڙيون ته بيوس ۽ لاچار بڻجي ويون آهن جو انهن ڪان پنهنجي مڙس ۽ شاديءَ جي صورت، نشان ۽ علامتون به وسري ويون آهن. (ص:207)

اچو ته سوز صاحب جي دعويٰ جو جائزو وٺون، سوز صاحب لکيو آهي ته، ”هاڻي اچو ته مٿين بيت جي باري ۾ گنج شريف جا ورق اٿلايون ته ڀٽائي پنهنجي اندر ۾ ڪهڙي لفظ جي حمايت ڪئي آهي.“ (ص:206)

سوز صاحب گنج شريف جا ورق اٿلائڻ جي ڳالهه ڪري گنج شريف جو حوالو ڏيڻ بجاءِ ڦيري ڪائي، لغتن جي پاسي لڙي ويو آهي، ۽ پنهنجي پاران لفظ ’آڪار‘ آڻي ان جون معنائون ڏنيون آهن. معنائون ته صحيح آهن، پر ڦهريائين ڪيس ثابت ڪرڻ گهرجي ها ته گنج ۾ هيئن لکيل آهي. هن گنج شريف جا ورق اٿلائڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي آهي. صرف اهو لکڻ ته ”ثابت ٿي ويو ته ڀٽائي ’اگهاڙي‘ لفظ

Scanned with CamScanner

بدارن کو ہيو لفظ استعمال ڪيو هوندو، پر ڪاتبن جي اڻ ڄاڻائي سببان ايئن غلط لفظ لکجي ويو آهي. “ ڪافي نہ آهي، ان لاءِ پڪا پختا ثبوت ڏنا وڃن ها.

هينئر اچو تہ ڏسون گنج شريف ۾ اهو لفظ ڪيئن لکيل آهي، ڀٽائي جي هڪ وائي جو ٿلهہ آهي:

شاديءَ جو سينگار، آيل مرڪ منهنجو مون پرين،
(1) آهي ڳُهہ ڳچيءَ ۾، ڏي هالورا هار،
(2) آهي 'اُڪارن' ڪي، جانب جو جنسار. (ص:23)

وائي جون ہيون بہ مصراعون آهن، پر هتي وائي جو ٿلهہ ۽ بہ مصراعون ڏنيون ويون آهن، ہي مصرع ۾ 'اُڪارن' لفظ جي پڙهڻي ٿيندي 'اُگهاڙن' تنهنڪري شاهہ جي سيني شارحن ايئن ئي لکيو آهي.

گنج شريف جو هڪ بيت آهي:

هُوءَ جا گهوري هوت جي، تنهن ڪي چري چُونِ،
'اُڪاري' آتڻ ۾، هوت پڇاڻان هُونِ،
پرا تنين پُونِ، ڏنو جن اکين سين.

هن بيت جي ہي مصرع جي پڙهڻي سيني شاهہ جي شارحن اگهاڙيون قائم ڪئي آهي. تنهنڪري هنن ان بيت ۾ لفظ اگهاڙيون آندو آهي. گنج شريف ۾ آيل هڪ ہي وائي جي ٽين ۽ چوٿين مصرع پيش ڪجي ٿي:

ٿلهہ: ڪرها مَ ڪاهيو، ڪيچي آءَ آرياڻي عرض چوندي،
ولهيءَ جي وهانءَ ۾، واڄٽ سپ وڄايو،
'اُڪاري' آتڻ ۾َ پنهنجي پاڻ پراهيو. (ص:71)

گنج شريف ۾ سَسُئي جي داستان ۾ ڪٿي بہ 'آڪار' لفظ موجود ناهي. مٿي جيڪي مثال ڏنا ويا آهن تن ۾ اُگهاڙن ۽ اُگهاڙيون ئي لکيل آهي. چو تہ هر هنڌ چِٽيءَ ريت الف تي پيش ڏنل آهي. گنج شريف جي ہي وائيءَ جي مصرع مان اها ئي معنيٰ نڪري ٿي تہ آتڻ ۾ اچي اگهاڙين ڪي پوشاڪ پهرايو. ظاهر آهي تہ پوشاڪ اگهاڙين ڪي ئي پهرائي ويندي آهي. ان مان ظاهر ٿيو تہ ڀٽائي عورت لاءِ 'اگهاڙي' لفظ استعمال ڪيو آهي.

ان وائيءَ کان پوءِ چوٿون بيت هيءُ آهي:

ڏُکيءَ ڏهر ناهہ، ٻُکيءَ ڪِل مَ اَچهي،
اُڪارِيَ (اگهاڙيءَ) وهانءُ، وٺو وروهڻ وسري. (ص:72)

Scanned with CamScanner

گنج شريف ۾ ڪن ٻين قلمي نسخن ۾ بيت جي ٻي مصرع ۾ 'وروهڻ' لکيل آهي، پر ٻين سڀني رسالن ۾ 'ويچاري' لکيل آهي.

وروهڻ/ورونهڻ ٻه تمام سهڻو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ورونهه ڪرڻ، پنهنجو حال اورڻ، پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ. پر جيئن ته گهڻن ۾ آڳاٽن قلمي رسالن ۾ 'ويچاري' لفظ لکيل آهي، تنهنڪري شاهه جي سڀني شارحن، اهو ئي لفظ مناسب سمجهي ٻي مصرع ۾ 'وروهڻ' بجاءِ 'ويچاري' آندو آهي.

اُڳهاڙيءَ وهانءُ، وئو وروهڻ وسري،

سڻ جي معنيٰ ٿيندي (ويچاري) اگهاڙيءَ ڪان وِهانءَ ۾ وهانءَ واري (سهاڳ واري) رات پنهنجي پرينءَ سان پيار ۽ محبت واريون ڳالهيون ئي وسري ويون.

سوز صاحب 'آڪار' لفظ جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي، سا صحيح آهي، پر آڪار لفظ تان زوري پنهنجي مرضيءَ سان آڪاري ٺاهي، پوءِ وري 'آڪاري' لفظ بجاءِ سڻ جي سمجهاڻي 'آڪار' لفظ جي روشني ۾ ڏني آهي. ٻي ڳالهه ته ٻي سٽ ۾ زوري آڪاري لفظ آڻي هيءَ معنيٰ ڏني وئي آهي.

ويچاريون ڏک ۾ بک جي ڪري اهڙيون ته بيوس ۽ لاچار بڻجي ويون آهن، جو انهن ڪان پنهنجي مڙسن ۾ شاديءَ جي صورت، نشان ۽ علامتون به وسري ويون آهن (ته ڪي هو شادي شده به آهن)

سوز صاحب واري هيءَ معنيٰ عجيب لڳي ٿي. شاديءَ جي خوشي ٿيندي آهي، جيون ساٿي سان پيار محبت جون ڳالهيون ڪبيون آهن. سوز صاحب وري اڪار لفظ جي آڌار (مجبوريءَ سبب) شاديءَ جي صورت، نشان ۽ علامتون ٻڌائي، نه صرف پڙهندڙن جي معلومات ۾ اضافو ڪيو آهي، پر سڀني عالمن ۽ شاهه جي شارحن جا رايا رد ڪري، پنهنجي علميت جو ڌاڪو ڄمائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي.

انهن مثالن ۽ دليلن ڪان پوءِ ايئن چوڻ صحيح ٿيندو ته شاهه جي شارحن مذڪوره بيت جي صحيح پڙهڻي ڏني آهي. انهن تي الزام لڳائڻ زيادتي آهي، ته هنن هڪبئي جو نقل ڪيو آهي. ٻي ڳالهه ته ڪاتبن جي به غلطي ناهي، ڇاڪاڻ ته هڪ نه، پر ڇئن هنڌن تي ان لفظ جي پهرين اکر يعني الف تي پيش ڏنل آهي، ڪٿي به مد ڏنل ناهي. هاڻي اچون ٿا سوز صاحب جي ان راءِ تي ته عورت جي باري ۾ 'اُگهاڙي' جهڙو نانائسته ۽ معيوب لفظ استعمال ڪرڻ هڪ نهايت سنگين الزام آهي. (ص:206)

سوز صاحب ان بيت جي تصديق لاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، "اچو ته گنج جا ورق ورايون" پر ورق ورائڻ ڪانئس وسري ويا. يا ڇيڇڻ ڪان رهجي ويا. راقم مٿي گنج شريف جا حوالا ڏنا آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته پڻائي عورت

Scanned with CamScanner

لاءِ 'اڳهاڙي' لفظ استعمال ڪيو آهي، پر جي سوز صاحب اچا به نه مڃي ته ڪانئس هي سوال آهي ته ڇا هيءُ ٻنائي جو بيت ناهي؟

سَتُر ڪج ستار، آءٌ اُڳهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهه جو.

سر ديسي:

سوز صاحب سُر ديسي جي داستان پهرين جو هيءُ بيت (ص:209) لکيو آهي:

ڏاڳهن ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آءٌ ڏٺي،
پڇان پير پنهونءَ جو وڃهان وڪ وڏي،
لکئي آءٌ لڌي، نا ته پٽن ڪير پنڌ ڪري.

ان ڪان پوءِ لکي ٿو : "لکئي آءٌ لڌي — لکئي آءٌ ليدي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکئي آءٌ لڌي جي معنيٰ 'لوح قلم جي لکئي مون کي جهليو' لکي آهي، وري اسان جي ماڻ واري محقق شارح عبدالغفار سومري صاحب ان جي تشريح هن ريت ڪئي آهي ته، "مون سان قسمت ايئن ڪيو يا لکيو، منهنجي مٿان ايئن اچي بيٺو." اهي ٻئي معنائون يا تشريحون بيت جي روح جي ابتڙ ۽ بي جوڙ محسوس ٿين ٿيون. 'لکئي جو لهڻ' يا لکئي جو مٿان اچي بيهڻ غلط ۽ بي جوڙ آهن. اهو لفظ 'لڌي' ناهي ليدي آهي. ليڊ، ليدي سنسڪرت ڀاشا جا لفظ آهن، معنائون اٿن قسمت، نصيب، ڀاڳ، (حوالو: هندي — اردو لغت، ص:390، سال 1938ع، انڊيا)" (ص:209)

ان ڪان پوءِ سوز صاحب ان بيت جي سمجهاڻي ڏني آهي، جا هن ريت آهي:

"(سسئي دانهين ٿي) اٿن، پنهون جي ڀائرن (منهنجي ڏيرن) جبلن جي ستايل آهيان يا ڏڌل آهيان. پر تنهن هوندي به مان ٽڪرا ٽڪرا قدم ڀري پنهونءَ جي ڳولا ۾ سندس پيرن (نشانين) تي پئي هلان. پر منهنجي قسمت ۾ ايئن (وڇوڙو) لکيل هو، نه ته ههڙن برن بيابانن ۾ ڪير رُلي ها." (ڪنهن جو به ڏوهه ڪونهي) (ص: 209 - 210)

منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر بلوچ واري پڙهڻي صحيح آهي، ڇاڪاڻ ته سيني قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ اها ئي پڙهڻي ڏنل آهي پر سوز صاحب به شاهه صاحب جي سيني شارحن کي غلط سڏي، پنهنجي سوچ مطابق 'لڌي' قافيه بجاءِ 'ليڏي' ڏنو آهي.

پهرين ڳالهه ته ڏٺي، وڏي قافين سان لڌي قافيو سهڻو لڳي ٿو. ان جي جاءِ تي سوز صاحب پنهنجي سوچ موجب 'ليڏي' قافيو ڏنو آهي، جيڪو عجيب محسوس ٿئي ٿو. ٻي ڳالهه ته جڏهن اڳ ۾ 'لکئي' لفظ لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، قسمت،

Scanned with CamScanner

لوح قلم جو لکيو، پوءِ وري ساڳي معنيٰ وارو لفظ ’ليڏ‘ پڻائي جهڙو بي مثال شاعر ڪيئن آڻي سگهي ٿو. سوز صاحب کي ٿورو ان تي غور ڪرڻ گهرجي ها. بهرحال، هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق آهي، هينئر پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن ته ڪهڙي پڙهڻي وڌيڪ سهڻي ۽ صحيح آهي؛ پر ڪنهن کي غلط چوڻ ۽ پنهنجي ڳالهه کي هروڀرو صحيح سمجهڻ علمي اصولن جي خلاف آهي.

سوز صاحب ساڳئي سُر ديسي جو هيءُ بيت (ص- 210) ڏنو آهي:

جَت هڏهين هُتِ، مون هت هينئڙي حل ٿيا،
چنگل جني چوڦيرا، راحت تن جي رُت،
گُنگن جي گُپت، چيڙي وڏيس چپرين.

آخري سٽ جي هڪ لفظ گُپت جي معنيٰ بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

”گُپت: ڊاڪٽر گربخشاڻي گُپت جي معنيٰ ماٺ، چُپ لکي آهي، جيڪا غلط آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ گُپت جي معنيٰ ڪُپت لکي آهي، جنهن تي جيترو افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي. ڀلا اٺ ويچارا ڪپت يا ويساهه گهاتي به ڪندا آهن ڇا؟ ويساهه گهاتي يا ڪُپت ته سسئيءَ سان پنهونءَ جي ڀائرن ڪئي هئي.“

سوز صاحب شاهه سائين جي هڪ بيت جي هيءَ سٽ پڙهي هوندي:

اٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،

هتي شاهه صاحب اٺن کي ويري سڏيو آهي.

سوز صاحب لکي ٿو ته ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب به پنهنجي پر ۾ ڪا به تحقيق ڪا نه ڪئي آهي. فقط مولانا رومي جا بيت ڳولهي ڦولهي، پڻائيءَ جي بيتن جي مناسبت سان درج ڪيا آهن ڇو ته صاحب موصوف مثنوي رومي تي پي. ايچ. ڊي. Ph.D جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.“ (ص:210)

گربخشاڻي سنسڪرت جو عالم هو. هن ڄاڻايو آهي ته اهو سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: چپ چاپ، ماٺ، ڳُجهه ڳُوهه. هن ڏکو نه هنيو آهي. ان کي غلط سڏڻ زيادتي آهي. سوز صاحب هندي – اردو لغت مان جيڪي معنائون ڏنيون آهن، لڪيل، ڇپيل، ڍڪيل، ڳجهو وغيره سي به لغوي اعتبار کان صحيح آهن. انهن کي رد نه ٿو ڪري سگهجي. ڊاڪٽر بلوچ جيڪا معنيٰ ڏني آهي، سان پڻ رد نه ٿي ڪري سگهجي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب پڻائي جي مڪمل رسالي جي سمجهاڻي مثنوي معنوي جي روشنيءَ ۾ ڏني آهي، سا معمولي ڳالهه نه آهي. اهڙو

Scanned with CamScanner

شاندار ڪم اڄ ڏينهن تائين ڪير به ڪري نه سگهيو آهي. اهو سندس وڏو ڪارنامو آهي. ايڏي وڏي عالماڻي ڪم بابت سوز صاحب ڪي اڇاتري راءِ نه ڏيڻ گهرجي ها. مذڪوره بيت جي ڪيس سمجهاڻي ڏيڻ گهرجي ها. پر الائي ڇو هن ان ڪان لنوائي وڏن عالمن، شاهه جي شارحن تي طنز ڪئي آهي.

هينئر مذڪوره بيت جي آخري سٽ تي ويچار پيش ڪجن ٿا، ڇاڪاڻ ته اختلاف راءِ ان هڪ ئي سٽ بابت آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي.

ڳُنگن جي ڳُپتِ، ڇيڙي وڏيس ڇپرين.

هن سٽ ۾ ٻڌائي جو گنگن وارو اشارو فقط انن ڏانهن نه آهي، پر اُنن سان گڏ جتن يعني سسئي جي ڏيرن ڏانهن به آهي، جو هي ۽ هُو يعني اُت ۽ جَت چپ چاپ رهيا. اُٺ اٺڻ ۽ هلڻ مهل رِنگندا رڙندا آهن ۽ جَت به اٺ پلاڻڻ مهل گهڻو گوڙ ڪندا آهن، پر انهن جي پاڻ ۾ ڪا ٻڌي ٿيل هئي ته چپ چاپ رهڻو آهي. اهڙي ريت هنن نڳي ۽ ڪپت ڪئي. ان ڳالهه جو دليل ٻڌائي جو هيءُ بيت آهي:

اڳي اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي،
پلاڻيندي پاڻ ۾، ڪُڇئو ڪين ڪُنن،
ڪا جا مامَ مُنن، هِن پُڻ هئي هُن سين.

سوز صاحب ساڳئي سُر يعني ديسيءَ جو هڪ بيت ڊاڪٽر بلوچ واري شاهه جي رسالي مان ڏنو آهي، جو هن ريت آهي: (ص — 211)

جڻن سو هَرَڻُ هُماءَ، سرگردان سنسار ۾،
پَکَ نه ڪوڙي پنهين، ڦِرِ سِرِ ڦري نه ساهه،
جيڪَسِ تنِهن مُلاءَ، سسئي سُور پرائيا.

ان ڪان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي، گنج شريف، عثمان علي انصاري، ٻانهي خان شيخ ۽ علامه آءِ آءِ قاضي وارن شاهه جي رسالن مان اهو بيت لکيو آهي، جن جي پڙهڻي بلوچ صاحب واري پڙهڻي ڪان مختلف آهي.

ان ڪان پوءِ هو لکي ٿو: ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، توڙي ڊاڪٽر سومري صاحب مذڪوره بيت جي وچين سٽ ۾ ’هي‘ ۽ ’هُو‘ جا لفظ نه لکي بيت ڪي ناموزون بڻائي ڇڏيو آهي. اهي ٻئي لفظ ’هي‘ ۽ ’هو‘ هرڻ ۽ هما جي نمائندگي ڪن ٿا. انهن لفظن جي ڪيڻ سان بيت جون ماترائون به ڪٽل لڳن ٿيون، سندس خيال موجب بيت

Scanned with CamScanner

جي وچين سٽ هن ريت صحيح آهي، سواءِ بلوچ صاحب جي سيني مرتبن هن ريت لکي آهي.

هي پڳ نہ کوڙي پنيين، هُو ڌر، سر ڌري نہ ساھ (ساع) = ساعت

سومري صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم کي بہ چٽي ريت سمجهائڻ لاءِ الاهي ور وکڙ کائيندي گهٽيون ئي گهوڻيون ۽ گهُٽون هنيون آهن. جيکي سندن موقف جي پاڻ ئي ترديد ڪرڻ لاءِ ڪافي ثبوت مهيا ڪن ٿيون.“ (ص:212)

ان کان پوءِ سوز صاحب ڊاڪٽر بلوچ واري لفظي معنيٰ ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار واري بيت جي سمجهاڻي لکي آهي. ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومرو صاحب 'هرڻ — هُماء' هڪ خيالي پکي سمجهن ٿا. سندن خيال موجب اهي هرڻ ۽ هُماء بہ نہ آهن. جيئن شاھ جي بين شارحن سمجهيو آهي تہ پوءِ بہ سٽ ۾ هي ۽ هو لکڻ جي ضرورت نہ ٿي رهي.

هيئنر مٿي ڏنل سوز صاحب واري تبصري جو جائزو وٺندي ڪيس گذارش ڪجي ٿي:

1. ڊاڪٽر بلوچ بيت جي وچين سٽ ۾ 'هي' ۽ 'هو' وارا لفظ ان لاءِ نہ ڏنا آهن، جو 'هرڻ — هماء' هڪ خيالي پکي آهي، ڇاڪاڻ تہ اِن سٽ ۾ 'سو' لفظ آيل آهي:

جئن سو 'هرڻ — هماءُ' سرگردان سنسار ۾.

تنهنڪري هي ۽ هُو لفظ نہ ايندا، ڇو جو هڪ پکي جو ذڪر آهي.

2. 'هي' ۽ 'هُو' لفظ ڪڏهن سان نہ ماترائون ڪٽن ٿيون ۽ نہ وري سِٽ ناموزون بڻجي ٿي.

3. ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري صاحب بيت جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي، تنهن ۾ ڪو ور وکڙ نہ آهي. اها چٽي ۽ صاف آهي، ڊاڪٽر بلوچ بيتن جي پڙهڻي پنجاھ قلمي رسالن ۽ سورهن ڇاپي رسالن جي روشني ۾ تحقيق جي عالمي معيارن مطابق ڏني آهي. جڏهن تہ مينهين خان اڪثر هنڌن تي پنهنجي سوچ مطابق قياسي پڙهڻيون ڏنيون آهن، جن کي هو پنهنجي پر ۾ صحيح سمجهي ٿو: پر اهو ضروري نہ آهي تہ هر ڪو ساڻس سهمت ٿئي، علمي ۽ تحقيقي انداز سان مثالن ۽ دليلن سان هر ڪنهن کي اختلاف راءِ جو حق آهي، باقي فيصلو باشعور پڙهندڙن کي ڪرڻو آهي. هن بيت بابت ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي: ”سواءِ گنج جي بين سيني رسالن ۾ پهرين سٽ جي پڙهڻي 'جئن سو هرڻ — هماءُ' آهي. لفظ 'سو' مان ظاهر آهي تہ هڪ 'هرڻ — هماءُ' جي ڳالھ آهي. اڳاٽي سنڌي ڏند — ڪٿا موجب 'هرڻ هماءُ' پکي مثل هڪ جاندار آهي، جيڪو زمين ۽ آسمان جي وچ واري خال ۾ رهي ٿو. جڏهن ان جا آنا هيٺ ڪرن ٿا تہ زمين تي لڳڻ کان اڳ ٻچا ڦٽي مٿي

Scanned with CamScanner

اڏامي وڃن ٿا. 'هرڻ هماء' جو ساھُ بہ مٽي وچ ۾ نڪري وڃي ٿو ۽ ان جو جسم بہ زمين تي ڪرڻ کان اڳ پرزا پرزا ٿي وڃي ٿو. 'هرڻ هماء' اهڙين سدائين سر ۾ سر گردان آهي.

بيت پڙهندڙ فقيرن يا ڪاتبن هرڻ ۽ هماء بہ جدا ڪري سمجهيا ۽ انهيءَ ڪري وچين سٽ ۾ 'هي' يا 'هو' آندائون. اهڙي طرح آخري سٽ ۾ بہ 'تنهن' بداران 'تن' ڪري لکيائون، بيءِ سٽ ۾ هن رسالي (ميين نور محمد ۽ سنڌس پٽ جو دستخط نسخو 1284هه) جي پڙهڻي وڌيڪ صحيح آهي ۽ متن ۾ اهائي رکي وئي آهي." (ڏسو شاهہ جو رسالو — شاهہ جو ڪلام، جلد چوٿون (ڇاپو پهريون) ص:518، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، سنڌ، 1418هه/1997ع)

سوز صاحب جيڪڏهن جلد چوٿين وارو مٿيون اقتباس پڙهي ها، تہ شايد ڪيس اصل حقيقت سمجهہ ۾ اچي وڃي ها ۽ نہ ايڏي پٽاڙ ڪري ها ۽ نہ وري ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري تي اجائي ٺوڪ ڪري ها، افسوس اهو آهي تہ اسان جا عالم، محقق خاص طور شاهہ جا شارح سطحي مطالعي جي آڌار تي پنهنجي ڳالهہ زوري مڃرائڻ ۽ ٻين کي لوئڻ جا عادي ٿي ويا آهن.

سوز صاحب جو اعتراض آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ هرڻ هماءَ کي هڪڙوئي پکي نما جانور ڄاڻايو آهي ۽ ڊاڪٽر سومري ان جي سمجهاڻي ان مطابق ڪئي آهي، سنڌس ضد آهي تہ بيت ۾ هڪ نہ پر ٻہ يعني هڪڙو هما پکي آهي ۽ ٻيو هرڻ جانور آهي، ان کان پوءِ سوز صاحب جيڪو پنهنجي طرفان اضافو ڪيو آهي تہ هو لفظ 'ساهہ' جي بجاءِ 'ساع' لکي ٿو ۽ ان کي ساعت يعني گهڙي ۽ ويرم جي معنيٰ ۾ وٺي ٿو، پهرين تہ اها ساع واري پڙهڻي هن مهل تائين ڪنهن بہ رسالي ۾ ڪنهن بہ شارح نہ آندي آهي، ٽوٽي جو هنن هرڻ ۽ هماءَ کي الڳ بہ ساهوارا سمجهيو آهي، سوز صاحب اهڙا گهڻا ڪارناما ڪيا آهن، جو ڪيترا اهڙا لفظ ڄاڻايا اٿس، جيڪي ڪانئس اڳ ڪنهن بہ رسالي جي مرتب ۽ ڪنهن بہ شارح نہ ڏنا آهن.

هاڻي هن بيت جي معنيٰ غور طلب آهي تہ جيڪڏهن هرڻ هماءَ کي هڪڙو ساهوارو نہ سمجهبو، جيڪو هر وقت سرگردان آهي ۽ پير زمين تي نٿو رکي، تہ سڄي بيت جو مطلب ختم ٿي وڃي ٿو. ڇو تہ هرڻ لاءِ ڪيئن چئبو تہ اهو زمين تي نٿو هلي يا زمين تي پير نٿو رکي يا زمين تي ساهہ نٿو ڇڏي يعني مري. ظاهر آهي تہ اهو هڪڙوئي پکي آهي جيڪو هماءَ آهي، جيڪو عام روايت موجب ڪنهن ڏٺو بہ ناهي پر هلندو وتي، ان جي خاصيت ئي اها آهي تہ هو زمين تي نٿو لهي، هو هر وقت اڏامندو يا هلندو ٿو رهي. پٽائي صاحب انهيءَ خيال کان سسئي کي ان سان تشبيهہ ڏني آهي، باقي هرڻ کي تہ هرڪوئي هلندو ڏسي ٿو جيڪو آرام بہ ڪري ٿو ۽ ڌرتيءَ تي سمهي

Scanned with CamScanner

بہ ٿو، ان لاءِ ڪيئن چئبو تہ اهو هڪ ساعت بہ ٽڪجي آرام نٿو ڪري، ان لحاظ کان بيت جي معنيٰ بلڪل ظاهر آهي.

جيڪر روان روش، مروشي محبوبن ڏي،
هتان ڪشتئي مولدي، ديما پنهون دوش،
ٽئي ڳُواڪ مَني ڳوش، سُٽي مانَ سکهي ٽيان. (ص- 218)

سوز صاحب ص: 218 کان 220 تائين سر ديسيءَ منجهان ٽن بيتن کي نقل ڪري ٿو ۽ پوءِ هام هڻي ٿو تہ "ڊاڪٽر بلوچ، بلوچيءَ ٻوليءَ جو ڄاڻو نہ هو، ڇو جو سندس مادري زبان سرائڪي يا سنڌي آهي، ان ڪري ٽن بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن جي پنهنجي طرفان معنيٰ ڏني اٿس ۽ آخر ۾ نثري معنيٰ لکي اٿس." اسان ٽنهي بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن جي ڊاڪٽر بلوچ طرفان ڏنل معنيٰ ۽ سوز صاحب جي ڏنل معنيٰ کي پيتايو آهي.

اها عجيب ڳالهہ آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ جي رسالي ۾ سر ديسي جي داستان نمبر ستين ۾ انهن بيتن ۾ بلوچي جا لفظ آندل آهن، انهن سڀني لفظن جون سوز صاحب بہ ساڳيون معنائون ڏنيون آهن. صرف هڪ لفظ 'روش' جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ پهرين بيت ۾ 'ڏانهن' لکي آهي، ليڪن ٻئي بيت ۾ 'روش' جي معنيٰ 'روز' يعني ڏينهن ڏني آهي. اها ئي معنيٰ سوز صاحب پاڻ بہ ڏني آهي.

(حوالو: شاهہ جو رسالو، شاهہ جو ڪلام: جلد چوٿون، محقق ۽ شارح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ قاضي رسالو: تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد 1997ع)

البت هڪ لفظ 'ڦنگي' لاءِ جنهن جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ 'ڪنيي ويا' ڏني آهي، ان لاءِ سوز صاحب نئون دليل ڏنو آهي تہ اهو لفظ ڪاتئس اڳ ڪنهن بہ ڪاتب کي صحيح سمجهہ ۾ نہ آيو، تنهن ڪري پاڻ لکي ٿو تہ اهو 'ڦڳهين' آهي، جنهن جي معنيٰ 'سوير' آهي. باقي پندرهن لفظن جي سوز صاحب اها ساڳي معنيٰ ڏني آهي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ ڏئي ٿو.

هڪ لفظ جي معنيٰ تي اختلاف کان پوءِ اهو چوڻ تہ ڊاڪٽر بلوچ کي بلوچي ٻوليءَ جي خبر نہ هئي، بيشڪ اهو سوز صاحب جو اخلاق نہ تہ ديده دليري ضرور آهي.

سر حسيني:

سوز صاحب ڊاڪٽر بلوچ واري رسالي مان سُر حسيني جي داستان چوٿين جو هيءُ بيت (ص:223) ڏنو آهي:

Scanned with CamScanner

جوين جانب لاءِ، نيئي وجهه نِڪُونج ۾.
روئي رُوپ وڃاءِ، پنهون ڪارڻ پيءِ ۾.

ان ڪان پوءِ سوز صاحب لکيو آهي: ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ توڙي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب مٿين بيت ۾ ’نِڪُو نج‘ لفظ لکيو آهي، جيڪو ڪنهن به لغت جي ڪتاب ۾ انهيءَ صورتخطيءَ ۾ لکيل نٿو ملي، معنيٰ بلڪل درست لکي اٿن. پر اهو لفظ نڪو نج نه پر نکُو نج آهي.“ ان ڪان پوءِ سوز صاحب هندي ـ اردو لغت تان معنيٰ ورتي آهي. (ص:223) سا اها ئي آهي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري لکي آهي.

سوز صاحب کي سوچڻ کپي ها ته جڏهن لفظ جي معنيٰ صحيح لکي وئي آهي ته ٿي سگهي ٿو ته پروف جي غلطيءَ سبب نُون جي هيٺان زير اچي وئي هجي. واقعي اها پروف جي غلطي آهي، جيڪا ثقافت کاتي پاران ڇپرايل ڊاڪٽر بلوچ واري شاهه جي رسالي جي (ٻئي ڇاپي) ۾ موجود آهي. اهو رسالو 2012ع ۾ شايع ٿيو هو. باقي ڊاڪٽر سومري شاهه جي رسالي جي جيڪا شرح لکي آهي، ان ۾ صحيح لکيل آهي. سوز صاحب سومري صاحب تي اجايو الزام هنيو آهي. (ڏسو شاهه جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ص:597، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2015ع)

ان ڪان علاوه ڊاڪٽر بلوچ جو تيار ڪيل ’شاهه جو رسالو ـ شاهه جو ڪلام، جلد چوٿون (ڇاپو پهريون) ۾ پڻ نِڪُو نج لکيل آهي، جنهن جا پروف ڊاڪٽر بلوچ پاڻ ڏٺا هئا. (ڏسو شاهه جو رسالو ـ شاهه جو ڪلام، جلد چوٿون (ڇاپو پهريون) ص:186، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، سنڌ سنه 1418ھ/1997ع).

ان ڪان علاوه ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي رسالي جي جيڪا لغت ’روشني‘ جي نالي سان تيار ڪئي هئي، ان ۾ به اهو لفظ صحيح لکيل آهي. (ڏسو ’روشني‘ شاهه جي لغت (نئون ڇاپو) ص:480، ثقافت کاتو، سال 2014ع)

ان مان اهو ثابت ٿيو ته هنن اهو لفظ صحيح لکيو آهي، پروف پڙهندڙ کان غلطي ٿي آهي.

سوز صاحب کي ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري تي ايڏي ڪاوڙ آهي جو خواهه مخواهه، بنا ڪنهن ڏوهه جي مٿن الزام هڻي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري ڪا غلطي نه ڪئي آهي، صرف ثقافت کاتي جي پروف پڙهڻ واري کان معمولي غلطي ٿي وئي آهي. ان ۾ ڊاڪٽر بلوچ يا ڊاڪٽر سومري جو ڪو قصور نه

Scanned with CamScanner

آهي، صرف هڪ نقطي جي غلطي ٿي وئي آهي. تصديق لاءِ مٿي ڏنل حوالا ڏسي سگهجن ٿا. پوءِ به سوز صاحب بنا ڪنهن سوچ ويچار جي هنن مٿان اجايو الزام هڻي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ ڊاڪٽر سومري واري شاهه جي بيتن جي سمجهاڻي غور سان پڙهي ها ۽ 'روشني' رسالي جي لغت پڙهڻ جي ٿوري تڪليف ڪري ها، ته پوءِ ڪيس ساري حقيقت معلوم ٿي وڃي ها.

سر مومل راڻو:

سوز صاحب سُر مومل راڻي جو هيءُ بيت (ص - 229) لکيو آهي:

ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نه مال،
سوڍيون سجهائي هلئا، ههڙا جني حال،
جي چورين ڏنا چال، ته به لاهوتي لنگهي ويا.

هن بيت ۾ مٿقي ۽ لاطمع انسانن جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. پر سوز صاحب ان جو پس منظر اسلامي تاريخ جو هڪ اهم واقعو ٻڌايو آهي، جيڪا هڪ نئين شيءِ آهي. ڀٽائي جا ڪيترائي بيت اهڙا آهن، جيڪي هن ڪنهن نه ڪنهن تاريخي پس منظر ۾ چيا آهن. ڀٽائي جي ڪلام تي هن نموني تحقيق ڪرڻ گهرجي.

سر ڪاموڏ:

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سُر ڪاموڏ جو هيءُ بيت (ص - 237) ڏنو آهي:

تون سمو آڱا گندري، مون ۾ عيبن ويهه،
پسي مِٽڪي ڏيءَ، مٿان مان ڪُر مٿئين.

ان کان پوءِ لکيو اٿس ته، ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، علامه آءِ آءِ قاضي، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ عثمان علي انصاري سيني محققن هڪبئي جو نقل ڪيو آهي. يعني 'مون ۾ عيبن ويهه' لکيو آهي ۽ وري ويهه جي عجيب معنيٰ ڪئي اٿن. سندن چواڻي ويهه معنيٰ گهٽا. جنهن تي جيترو افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي، ويهه ته ايڪويهه ٿي نه ٿا سگهن. بهرحال ٻين محققن ڪي گهٽ مياري ڪري سگهجي ٿو. ٻين ڪي سنسڪرت ڀاشائن جي ڄاڻ نه هئڻ برابر هئي. البت ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪي ميار ڏيئي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ جو صاحب موصوف سنسڪرت جي ڀلي ڀت ڄاڻ هوندي به اکيون ٻوٽي 'مون ۾ عيبن ويهه' لکيو آهي.

Scanned with CamScanner

بيت جي پوئين سٽ جو قافيو ’ڏي‘ آهي، ان سان ’ويھ‘ قافيو شاعريءَ جي اصول مطابق ميل نہ ٿو کائي ۽ وري ڀٽائي جھڙو عالم، ٻوليءَ جو بادشاھ ۽ سيبتو شاعر، ٻي جوڙ ۽ اوپرو قافيو ڪيئن استعمال ڪري سگھي ٿو. معلوم ٿيو تہ ڀٽائي ويھ (20) قافيو استعمال ناهي ڪيو.

هاڻي اچو تہ ڀٽائي جي سيني بيتن ۾ ڳاڻيٽي يا ’صفت عددي‘ جھڙن لفظن جي ڪيل اپٽار جو اڀياس ڪريون تہ ڳجھارت پڌري پوندي. پھرين بيت ۾ ’مون ۾ عيب اپار‘ ٻئي بيت ۾ ’مون ۾ عيبن لک‘ ٽين بيت ۾ مون ۾ عيبن ڪوڙ (ڪروڙ) ڪرڻ ڪان (پوءِ) ڀٽائي جھڙو سُچيت شاعر وري چوٿين بيت ۾ عيبن جي ڳاڻيٽي ڪي گھٽائي ’مون ۾ عيبن ويھ‘ ڪيئن استعمال ڪندو؟ اها ڳالھ وسھڻ جوڳي ناهي. ان مان صاف ظاهر ٿيو تہ ڀٽائي ويھ جھڙو ٻي جوڙ ۽ اوپرو قافيو استعمال ناهي ڪيو، جيڪو آخري سٽ ڏِي سان هم آهنگ ناهي. پر هن ’وِي‘ استعمال ڪيو آهي. هاڻي اچو تہ لغت ڪان پڇي تصديق ڪريون ۽ غلطيءَ ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪريون. ’وي‘ سنسڪرت جو لفظ آهي، معنيٰ اٿس ’زياده‘ ڪثرت گھڻا ۽ اڻ ڳڻ (هندي – اردو لغت، ص:478، سال 1938، حيدر آباد دکن مرتب راجا جيسوَر راءِ اصغر (ص:237-238)

سوز صاحب کي معلوم هئڻ کپي تہ گنج شريف ڪان وٺي سيني قلمي نسخن ۾ ’مون ۾ عيبن ويھ‘ لکيل آهي، تنهنڪري سيني محققن ائين ئي لکيو. هنن هڪبئي جو نقل نہ ڪيو آهي، پر جيئن شاھ جي قلمي رسالن ۾ لکيل آهي، تيئن هنن لکيو. ٻي ڳالھ تہ جيڪڏهن ’عيب ويھ‘ لکجي تہ اهي برابر ويھ سمجھيا ويندا. پر سٽ ۾ ’عيبنِ ويھ‘ لکيل آهي، تنهنڪري ان جي معنيٰ ٿيندي عيبن جون ويهون يعني گھڻا. سوز صاحب جنهن کي ٻي جوڙ ۽ اوپرو قافيو سمجھي ٿو، ان قسم جا هم وزن ۽ هم آواز قافيا ڀٽائي جي ڪلام ۾ موجود آهن. ان جا ڪجھ مثال مٿي ڏنا ويا آهن.

سوز صاحب ٻي سٽ جو قافيو ’ڏي‘ ڄاڻائي ٿو، جڏهن تہ سيني رسالن ۾ ’ڏيءَ‘ لکيل آهي. ان حساب سان سوز صاحب پھرين سٽ جو قافيو ’وي‘ لکيو آهي، جنهن جي معنيٰ بہ ڏني آهي. ’ڏي‘ سرائڪي زبان جو لفظ آهي، ڏيءَ نيٺ سنڌي لفظ آهي. پر جيئن تہ ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ سرائڪي لفظ استعمال ڪيا آهن، تنهنڪري ٿي سگھي ٿو تہ هتي بہ شاھ سائين ’ڏِي‘ سرائڪي لفظ استعمال ڪيو هجي.

سوز صاحب هندي – اردو لغت تان جيڪي معنائون نقل ڪري ڏنيون آهن، تن ۾ ’اڻ ڳڻ‘ لفظ بہ ڄاڻايو آهي، پر ان لغت ۾ اها معنيٰ ڏنل نہ آهي. ان لغت ۾ جيڪي مختلف معنائون لکيل آهن، سي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون:

Scanned with CamScanner

وی – خلاف، الثاء زیادہ، کثرت، بہت، نابود، انکار، دیگرگون، واضح ہو کہ یہ اکثر الفاظ کے پہلے آتا ہے۔ (ص:478)

شاهه جي شارحن مذڪوره لفظ جي پڙهڻي تحقيق جي روشني ۾ شاهه جي رسالن جي پڙهڻيءَ مطابق ڏني آهي.

آخر ۾ سوز صاحب لکيو آهي ته، ”لغت جي روشنيءَ ۾ بيت جي پڙهڻي هن ريت سمجهڻ گهرجي.

تون سمو آءٌ گندري، ’مون ۾ عيبن وي‘،
پسي مِٺڪي ’ڏي‘، متان مان ڳر مٺئين.

معنيٰ: ”اي تماچي جام! تون سما قوم جو بادشاهه آهين ۽ آءٌ مهاڻي مون ۾ ’اڻ ڳڻ‘ عيب آهن. (مون کي) مهاڻن جي ڏيءَ سمجهي، متان مون کان منهن موڙين.“ (ص:238)

اسان مٿي ’وي‘ لفظ جون جيڪي معنائون ڊڪشنريءَ جي حوالي سان ڏنيون آهن، تن ۾ ’ان گنت‘ (اڻ ڳڻ) معنيٰ ڏنل نه آهي. سوز صاحب پنهنجي ڳالهه کي ميرائڻ لاءِ اها معنيٰ پنهنجي طرفان ڏني آهي، جيڪا ڊڪشنري ۾ موجود ناهي. علمي دنيا ۾ اها هيرا ڦيري نامناسب ۽ ناجائز آهي. تنهنڪري سوز صاحب کي ائين نه ڪرڻ کپندو هو.

سوز صاحب ان بيت جي قياسي پڙهڻي ڏني آهي، جيڪا چڱي معلوم ٿئي ٿي، پر ’وي‘ لفظ مان صرف ’گهٽتا‘ جو مفهوم ظاهر ٿئي ٿو، تنهنڪري هن بيت جي صحيح پڙهڻي ۽ ان مطابق صحيح معنيٰ معلوم ڪرڻ واسطي وڌيڪ ويچار جي ضرورت آهي. ان بيت تي راقم به ڪجهه غور ڪيو آهي. منهنجي ناقص عقل مطابق ان بيت جي شايد هيءَ پڙهڻي هجي. اها قياسي پڙهڻي هتي ڏني وڃي ٿي.

تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن وِيءَ،
پسي مِٺڪي ڏِيءَ، متان مان ڳر مٺئين.

وِيءُ معنيٰ چراگاهُ، ان جو جمع ٿيندو وِيءَ يعني هڪ نه پر گهڻا چراگاهَ. چراگاهن جي گاهن ۾ ڪيترائي پَن ۽ تيلا ٿين ٿا، جي ڳڻي نه ٿا سگهجن، يعني اهي اڻ ڳڻ آهن، تي سگهي ٿو ته پڻائي ’وِيءَ‘ چيو هجي ۽ ڪاتبن ان کي ’ويهه‘ سمجهي ويهه لکي ڇڏيو. بهرحال، ان بيت جي صحيح پڙهڻي تي اڃا وڌيڪ ويچار جي ضرورت آهي.

سوز صاحب ’ٻولي ڀڄهارت‘ ڪتاب ۾ سُر ڪاموڏ جو هيءَ بيت (ص-238) ڏنو آهي:

Scanned with CamScanner

قوت جني جون ڪُوٽيون، پَرهڻ پاهوڙا،
پايو منهن مهراڻ ۾، ڪين ڪالوڙا،
جن تي ڏن هٿا ڏوڙا، سي سپ انعامي ٿيا.

ان کان پوءِ لکيو اٿس:

1. ڪُوٽيون (واحد) ڪُوٽي = نيلوفر يا پبڻ جي پاڙ ۾ پيدا ٿيندڙ لوڙهه، جيڪا پاڄي ڪري چاڙهي کائبي آهي.

(حوالو: جامع سنڌي لغات، جلد چوٿون، ص:2109، سال 1985ع، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نظرثاني علامه غلام مصطفيٰ قاسمي)

2. ڪالوڙا 'ڪالُو' جي تصغير (ڪالوڙا)

سپ، ڪوڏ، صدف، ڪاڇرو ڪالو، ڪُڏو مڇي. =Oyster

(Kifayat English to English and Sindhi Dictionary page-73)

3. ساڳيو پيرومل مهرچند آڏواڻي 'شاهه ڀٽائي هڪ مطالعو' ص:72-73

جامع سنڌي لغت ص:1986ع، جلد چوٿون سال 1985ع، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نظرثاني علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

آخر ۾ نادري حڪم ڪندي لکي ٿو:

(نوٽ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'ڪالوڙا' جي معنيٰ 'ڪُوٽيءَ جي پاڙن وارا وڏا لوڙهه ڪئي آهي، جيڪا بلڪل غلط آهي).

سوز صاحب هن بيت ۾ 'ڪالوڙا' لفظ جي معنيٰ تي اعتراض ڪري ٿو، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ ڪوٽيءَ جي پاڙن وارا وڏا لوڙهه ڪئي آهي، سندس نظر ۾ اها بلڪل غلط آهي، حالانڪ اها ساڳي معنيٰ مرزا قليچ بيگ ڪئي آهي. هو ڪالوڙ جي معنيٰ وڏا ڪم، وڏيون ۽ پڪيون پبڻ جون پاڙون ڪري ٿو، (لغات لطيفي، ص:374) تقريباً اها ساڳي معنيٰ ٻانهي خان ڪئي آهي، جيڪو ابن ڏاڏن کان ڀٽ شاهه جو رهائشي هو ۽ مقامي طور گهٽي پيچ پچان کان پوءِ معنائون لکيون اٿائين (ڏسو ص: 538، جلد ٽيون)

سوز صاحب لغت مان معنيٰ لکڻ کان پوءِ بيت جي سمجهاڻي نٿو ڏئي، ته هو ڪهڙي معنيٰ ٿو اختيار ڪري. سندس سڄو زور رڳو ان تي آهي ته ڊاڪٽر بلوچ بلڪل غلط لکيو آهي، ائين چو نه ٿو لکي ته قليچ بيگ به غلط لکي، ٻانهي خان به غلط لکيو ۽ صرف پاڻ صحيح ٿو لکي.

Scanned with CamScanner

هاڻي هن بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم تي غور ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته اها پاڻيءَ مان ڪيڻ واري ڪاڏي جي شيءِ آهي، سموري بيت جو سٽاءُ ان طرح آهي، جو ان ۾ ڪوٽين ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ ڪاڏي يعني قوت لاءِ ڪائڻ وارين شين جو ذڪر آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهه جي رسالي جي لغت ’روشني‘ ۾ ڪالوڙا لفظ جي جيڪا معنيٰ ڏني آهي، سا هيٺ ڏجي ٿي ته پڙهندڙ فيصلو ڪن ته صحيح آهي يا غلط.

ڪالورو (جمع) ڪالورا = ڪالوڙا، پاڻيءَ ۾ بيٺل گاهه (ڪل) جي پاڙ ۾ ڪارو ڪوپو، جنهن جي اندر ڳپ (جيڪو ٻارڙا ڪڍي ڪائن)

(ڏسو شاهه جي رسالي جي لغت ’روشني‘ (نئون ڇاپو) ص:330، ثقافت کاتو، سال 2014ع)

هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ضروري سمجهان ٿو، اها هيءَ آهي ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات تيار ڪرڻ جي رٿا سنڌي ادبي بورڊ کي پيش ڪئي هئي، جيڪا بورڊ منظور ڪئي ۽ اهو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو هو. ڊاڪٽر بلوچ ڪارڪنن جي مدد سان گهربل مواد ميڙي گڏ ڪيو. ان کان پوءِ ان ميڙيل مواد تي تحقيق ڪري، پهريون جلد تيار ڪري، بورڊ جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ کي ٻيا چار جلد تيار ڪرڻا هئا، پر ڪن سببن جي ڪري باقي رهيل ڪم انتظاميه علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي حوالي ڪيو، جن ان ميڙيل مواد تي نظرثاني ڪري مسودو بورڊ جي حوالي ڪيو. بورڊ باقي جلد ڇپرائي پڌرا ڪيا. جيئن ته ڊاڪٽر بلوچ انهن صاحبن جي ڪم کان مطمئن نه هو، تنهنڪري هن رهيل ڪم تي تحقيق ڪري مسودو تيار ڪيو. اها مڪمل لغت سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري طرفان ڇپجي پڌري ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڊاڪٽر بلوچ جي تيار ڪيل هڪ جلدي لغت پڻ ڇپرائي وئي آهي.

اها وضاحت ان لاءِ ڪئي وئي آهي جو سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هر هنڌ علامه قاسمي واري نظرثاني ٿيل لغت جا حوالا ڏنا آهن، جنهن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ذميوار نه آهي. ڇاڪاڻ ته اهو رف مواد هو. اهو ئي سبب آهي جو مون ڊاڪٽر بلوچ جي تيار ڪيل شاهه جي رسالي جي لغت جو حوالو ڏنو آهي. جڏهن بحث شاهه جي ڪلام جي لفظن تي آهي، ته حوالو به ان ئي لغت مان ڏيڻ گهرجي.

سوز صاحب سُر ڪاموڏ جي داستان چوٿين جو هيءُ بيت (ص - 239) ڏيئي پوءِ ڪن لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ٻڌائي آهي.

Scanned with CamScanner

سر صلابت سپرين، مَرڪَڻ تون م مريج،
آهين ٿار اکين جو، وٽان مون م وڇيج،
تماچي تڳيج، ڪو ڏينهُ ڪينجهر ڪنڌيين.

1. سر = سروُ جو وڻ جيڪو سنئون سڌو بيٺل هوندو آهي، (يعني سهڻو)
2. صلابت (ع) صلب، سخت، طاقتور، مضبوط، بهادر، دٻدٻو، اقبال، شان شوڪت، بيهڪ بيٺلائي، مختلف حالات ۾ پنهنجي اصلي هيئت قائم رکڻ وارو.

(حوالو: المنجد عربي – اردو، ص:572، ساڳيو، القاموس الوحيد، ص:934، غياث اللغات فارسي، ص:541، فيروز اللغات اردو جديد، ص:462)

بلوچ صاحب سر صلابت جي معنيٰ سَرو جهڙو قد ڪاٺ ڇاٽائي آهي. اها اصطلاحي معنيٰ ڪري سگهجي ٿي، پر صلابت جي معنيٰ آهي سخت، طاقتور ۽ مضبوط معنيٰ: اي سَرو قد وڻ جهڙا سڌا، مضبوط ۽ طاقتور جسم جا سپرين، اي ڊولڻ، لڏڻ تون (شال) هميشہ دائم هجين، اي منهنجي اکين جا ٺار دلدار) مون وٽان نہ وڃ (ڇڏي نہ ويڃانءِ) اي سردار ڄام تون سدائين شاد ۽ آباد رهين، جيئن ڪينجهر جي ڪنارن تي سدا ميڙا متل هجن." (ص:239)

سنڌي، اردو ۽ فارسي شاعري ۾ محبوب جي قد کي سَروَ جي وڻ سان تشبيه سڌي، سهڻي ۽ ڊگهي هئڻ سبب ڏني وئي آهي، صلابت جي معنيٰ برابر مضبوط ۽ طاقتور آهي، پر هتي اصطلاحي معنيٰ وڌيڪ سهڻي لڳي ٿي جيڪا ڊاڪٽر بلوچ ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ محبوب نازڪ بدن هوندو آهي، اهو ڀولو پهلوان نہ هوندو آهي.

سر سورٺ:

سوز صاحب سُر سورٺ جو هي بيت (ص – 240) لکيو آهي:

الله جي آس ڪري هليو هٿائين،
ڏٿلي راهِ ڏياج جي ڏوران ڏنائين،
وهنتي واهہ در تنهين وير ڪيائين،
سپاجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ سين.

ان ڪان پوءِ لکيو اٿائين تہ گربخشاڻي، آغا محمد يعقوب علامہ آءِ آءِ قاضي، ٻانهي خان شيخ توڙي عثمان علي انصاري صاحب سميت اڪثر مرتبن ۽ محققن لفظ ڏٿليَ کي ڏيلي يا ڏولي جي ٿوري ڦير ڦار سان سر سورٺ جي شروعات مٿين بيت سان

Scanned with CamScanner

ڪئي آهي. مگر ڊاڪٽر بلوچ مٿين بيت کي نظر انداز ڪري سُر سورٺ جي شروعات هيٺين بيت سان ڪئي آهي، جنهن کي شروعاتي بيت بنهه چئي نه ٿو سگهجي:

اللهه جي آس ڪري، ٻيجل ڪي ٻاڪار،
لاالاه الاالله محمد رسول الله، رکيائين تندن منجهه تنوار،
ماڙيءَ ۾ ملوڪ جي، سيباڻي سردار،
جيڪي خلقيو خلقڻهار، سو مڙوئي ڏنائين مڱڻي.

ان ڪان پوءِ لکي ٿو ته: مرحوم محمد حسين ڪاشف ڪنڀار پنهنجي تصنيف 'شاهه جو ڪلام، معيار ۽ مقدار' جي صفحي 151 تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي سان لکيو آهي ته 'ڊاڪٽر بذات خود گنج شريف سميت تقريباً مختلف چاليهن (40) قلمي نسخن ۾ مٿين بيت هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي مٿين بيت جي تصديق چئجي ته 'بيجا' نه آهي. مگر صاحب موصوف جن، هن بيت کي شاهه جي رسالي مان ڏڪي ڏار ڪري ان جي جاءِ تي اللهه جي آس ڪري ٻيجل ڪي ٻاڪار.... الخ جهڙو بي جوڙ بيت لکيو آهي، جيڪو سمجهه کان ٻاهر ٿو لڳي.

سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته راءِ ڏياچ توڙي ٻيجل ٻئي مسلمان هئا، جيڪو تاثر تاريخي طور غلط ڀانئجي ٿو." (ص:241)

اهو بيت نه بي جوڙ آهي ۽ نه وري سمجهه کان ٻاهر آهي. تمام سهڻو بيت آهي. ڪنهن کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ان جي سوچ ۽ سمجهه تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. حالانڪ اهو وڏي معنيٰ وارو بيت آهي ۽ شاهه صاحب مثنوي مولانا روم جي هڪ بيت کان متاثر ٿي چيو. ان بيت جي سمجهاڻي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري هن ريت ڏني آهي. "اللهه جي اميد ۽ آسري تي ٻيجل ڳائڻ جي شروعات وڏي آواز ۾ 'ها' سان ڪئي. هن پنهنجي ساز تي هٺ هٺي 'هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي ۽ محمد صلي الله عليه وآله وسلم ان جو موڪليل پيغمبر آهي، (توحيد جي ڪلمي) جي وائي ڪئي. محلات جي مالڪ کي اها تنوار ڏاڍي پسند پيئي. جيڪي ڪجهه جڳ جهان جي خالق خلقيو هو، سو سڀ ٻيجل منگتي کي بخشش ڪري ڇڏيائين.

[مثنوي روميءَ جي پهرين دفتر ۾ هڪ چنگ وڄائيندڙ پوڙهي جي آکاڻيءَ جي ابتدا ۾ اهو ساڳيو انداز هن طرح نظر اچي ٿو:

چنگ را برداشت شو و الله جو،
سوئي گورستان يثرب آه گو.
(دفتر اول ب 2086)

Scanned with CamScanner

معنيٰ: اهو راڳي چنگ ڪلهي تي رکي الله جو آسرو ڪري پنڌ پيو ۽ شهر جي قبرستان ڏانهن ٿڏا ساهه پريندي روانو ٿيو.

هن بيت ۾ جيئن شاهه لطيف پورو ڪلمو تضمين ڪيو آهي. ائين مثنوي رومي ۾ پڻ ملي ٿو:

لاالٰه گفت و الاالله گفت
گوهر احمد رسول الله سُفت

(دفتر اول ب 2159)

معنيٰ: هن لاالاه ﺑﻪ چيو پوءِ الا الله ﺑﻪ چيائين، ائين 'احمد رسول الله' جو موتي پوتائين، ياد رهي ته هتي 'احمد' شعر ۾ وزن جي ضرورت خاطر آندو ويو آهي." (ڏسو شاهه جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، (ڇاپو ٻيو) ص:747، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2015ع)

باقي رهي اها ڳالهه ته چاليهن نسخن ۾ آيل بيت ڊاڪٽر بلوچ مستند متن ۾ شامل نه ڪيو ته ان جو سبب هي ٻڌايو ته: سنه 1870ع کان اڳ منشي اُڌارام جو ليٿو ۾ ڇپايل 'راءِ ڏياچ جو قصو' ۾ ڏنل آهي. وري 1870ع واري ٻئي ڇاپي ۾ ساڳيو بيت ڪن اضافن سان ڏنل آهي.

ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي ته، "هن قصي جا بيت آڳاٽي وقت کان هلندڙ هئا ۽ ممڪن آهي ته شاهه صاحب جي حاضري ۾ پڙهيا ويا ۽ فقيرن اهي ان آڳاٽي وقت ۾ لکيا جو اهي اوائلي دور جي رسالن ۾ موجود آهن.

ڏسو شاهه جو رسالو، جلد ڏهون رسالي جو ڪلام، شارح ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (ڇاپو ٻيو) ص:604. علامه قاضي رسالو تحقيق رٽا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ، 1996ع.

سوز صاحب سُر سورٺ جو هيءُ بيت (ص — 243) ڏنو آهي:

چارڻ تنهنجي چنگ جو، عجب آهه اِيءُ،
هٿيو اپو هٿن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجو رِيءُ، ڪاٽيو ڪاچ سين.

ان کان پوءِ لکي ٿو:

(1) جيئرو رکيو جيءُ: محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'جيئرو رکيو جيءُ' جي الٽي معنيٰ ڪئي آهي. معنيٰ ڪئي اٿس 'منهنجو جيءُ' جيڪو بنهه غلط آهي، حقيقي

Scanned with CamScanner

معنيٰ اٿس ’پنهنجو جيءُ‘ يعني ’ٻيجل يا چارڻ‘ جو جيءُ‘ ڇو تہ بيت جي پهرين سٽ جي پوئين پد ۾ عجب آهم ’ضمير متڪلم‘ جو صيغو آهي، معنيٰ ’مون کي هي عجب يا حيرت آهي.‘

(2) ريءَ = بلوچ صاحب ري کي ’ريح‘ سمجهندي ڪل جهڙي معنيٰ ڪئي آهي. سندس خيال موجب ري = رِيح معنيٰ ’دُم واري هوا‘ قوسي = قوس، وري معنيٰ ڪئي اٿس ’ساهہ ڪاٽيو تو‘ سبحان الله ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار (ص:243)

مون کي افسوس آهي جو مينهون خان ڊاڪٽر بلوچ جي دشمنيءَ ۾ هوش حواس وڃائي توائي ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي ڏنل لفظ ۽ معنيٰ کي پنهنجي مرضي موجب ڦيرائي، اجايو الزام هينو آهي. ڊاڪٽر بلوچ ان لفظ جي کهڙي معنيٰ ڏني آهي ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ان معنيٰ جي روشنيءَ ۾ مذڪوره بيت جي جيڪا سمجهاڻي ڏني آهي. اچو تہ ان کي غور سان ڏسون.

رِيءُ = ريحُ، دَم واري هوا، ساهہ

(ڏسو ڊاڪٽر بلوچ جي تيار ڪيل شاهہ جي رسالي جي لغت ’روشني‘ (نئون ڇاپو) ص:236، ثقافت کاتو، 2014ع)

ڊاڪٽر بلوچ ريحُ لفظ جي آخري حرف تي پيش ڏنو آهي، جنهن کي اڻ ڄاڻائي يا بلوچ دشمني ۾ سوز صاحب ’ريحَ‘ ح تي زبر سمجهي ٿو.

هي ڳالهہ تہ ڊاڪٽر بلوچ وڌيڪ وضاحت ڪندي، ان جي معنيٰ دَم واري هوا ۽ ساهہ لکي آهي. يعني ساهہ کڻڻ واري هوا جي ڳالهہ ڪئي آهي. سوز صاحب خواه مخواه دَمُ لفظ جي دال تي پنهنجي پاران پيش ڏيئي دُم لکيو آهي تہ جيئن پنهنجي مطلب جي معنيٰ وٺي سگهي. بلوچ صاحب کي بدنام ڪرڻ لاءِ هن وڏي بد ديانتي ڪري، پاڻ کي ڏٺو ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جي تيار ڪيل شاهہ جي رسالي جي حاشيہ تي بہ اها ئي ساڳي معنيٰ ڏنل آهي.

(ڏسو شاهہ جو رسالو، محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (ڇاپو ٻيون) ص:288، ثقافت کاتو سنہ 2012ع)

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ان بيت جي هيءَ سمجهاڻي ڏني آهي:

اي (منگتا) ڳائڻا مون کي تنهنجي چنگ واري ساز وڄائڻ تي ڏاڍو اچرج ۽ عجب آهي. تون پاڻ انهيءَ ساز کي بيهي وڄائي رهيو آهين ۽ تنهنجو سر سلامت آهي. يعني تون جيئرو جاڳندو آهين، تو کي ڪجهہ نہ ٿو ٿئي. هوڏانهن تو رات جو اهو ساز وڄائي، منهنجي ساهہ جي تار ڪپي وڌي آهي. (تو منهنجو سر تن کان جدا ڪري ڇڏيو آهي).

Scanned with CamScanner

(ڏسو شاهه جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (ڇاپو ٽيون) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سال2015ع).

هاڻي مذڪوره بيت جي سوز طرفان ڏنل سمجهاڻي پيش ڪجي ٿي:

اي چارڻ! (ٻيجل) مون کي تنهنجي ساز (چنگ) وڄائڻ تي هن ڪري عبرت آهي ته تون مٿان بيهي ساز وڄائي رهيو آهين، تنهن هوندي به (تون) پاڻ جيئرو آهين (مون کي حيرت آهي) جڏهن ته رات تو پنهنجي ساز جي وڄت سان منهنجا ڦڦڙ ئي ڪاٽي ڇڏيا آهن. (ص:244)

ڊاڪٽر بلوچ 'رِيءَ' لفظ جي معنيٰ دَمُ يا ساهُ ڪئي آهي. ڊاڪٽر سومري ڊاڪٽر بلوچ واري انهيءَ معنيٰ جي روشنيءَ ۾ 'ساهه جي تار ڪپڻ' جي ڳالهه ڪئي آهي. اها ئي صحيح معنيٰ آهي. سوز صاحب وري ڦڦڙ ڪپڻ جي عجيب ڪل ۾ خواري جهڙي ڳالهه ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته سڄي سُر سورٺ ۾ 'سِر وڍڻ' جي ڳالهه آهي. ڪٿي به ڦڦڙ ڪپڻ جي ڳالهه نه آهي، هتي مثال طور ڪجهه سٽون پيش ڪجن ٿيون:

سوالي سِر جو آيس اڳاهُون.

*

وِير لڳاءِ م وير، وڍي ڏي ته وٺي وڃان.

*

مٿي رِءَ ملوڪ جي، چارڻ نه چُرندو.

*

مٿو ڏي ملوڪ ته، ڏيهه کي آءٌ ڏيکاريان.

*

ٻيجل توسين ٻول، وهاڻيءَ وڍڻ جا.

*

وڍ سِرُ ٿيءُ سَرهو، م ڪين ڳاءِ مَ ڳهاءِ.

سوز صاحب ص:244 تي سر سورٺ جو هيٺيون بيت ڏئي ٿو:

جاجڪ تو جُهار، ڏهه ٻيرا ڏياچ ڏي،
جنهن ۾ مال نه مريءَ جيترو، تنهن ۾ تون طمعدار،
جي اڃي ڪم ڪهار، ته ويهه ٻيرا وڍي ڏيان.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب نثري معنيٰ ۾ ڊاڪٽر سومري جي سمجهاڻيءَ ۾ معمولي ڦير گهير ڪان پوءِ ساڳيو مثنويءَ جو بيت جيڪو ڊاڪٽر سومري شاهديءَ طور آندو اهو نقل ڪري ٿو جيڪو هن ريت آهي:

گر یکی را سر ببرد از بدن
صد هزاران سر بر آرد در زمن

(شاهہ جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص:759)

ڊاڪٽر سومري واري معنيٰ: جيڪڏهن هو ڪنهن جي جسم مان هڪ سر ڪاٽي ٿو تہ يڪدم بدلي ۾ ساڳيءَ گهڙي لکين سرن سان نوازي ٿو.

هينئر سوز صاحب واري معنيٰ ڏسو: (هو) جيڪڏهن ڪنهن جي جسم مان هڪ سر ڪاٽي ٿو تہ (يڪدم) بدلي (عيوض) ۾ ڪيس لکن سرن سان نوازي ٿو.

ڏسو تہ ڪيئن نہ (يڪدم) کي ڏنگيءَ ۾ رکي بدلي جي سامهون (عيوض) جو اضافو ڪري ٿو! واهہ سوز صاحب توهان جي تحقيق!

سُر سورٺ جو هڪ بيت آهي:

گل چنو گرنار جو، پنڻ ٿيون پنين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اپيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سِرُ سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راڄا رات رم ڳئو.

هن بيت جي ڪن لفظن جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڏني آهي. گل= (استعاري طور) راءِ ڏياچ. چنو= ڪنجي ويو، ڪانجي ويو (مري ويو) گرنار= شهر جهوناڳڙهہ سان لڳو لڳ اوپر طرف وڏو شاهي جبل گرنار جو: (استعاري طور) جهوناڳڙهہ جو= سڄي گرنار ملڪ جو، سڄي سورٺ ملڪ جو. پنڻ (اڳيون اچار پ جي زير سان اجان تائين بہ رائج)= پنڻ، پنڪو، پنڻ. اوسارين= بيٺيون اوسارا ڏين. چوٽو راءِ ڏياچ جو= راءِ ڏياچ جو چوٽو مٿيَ تي اپو وارن جو موڙو. چوٽو چارڻ هٿ ۾= راءِ ڏياچ جي وارن جو چوٽو چارڻ جي هٿ ۾ ۽ هيٺان سر لڙڪيل. سِر سينگاريو ڏين= سورٺ ۽ بيون سڀ راءِ ڏياچ جي وڍيل ڳچيءَ وارو رت اکهي منهن صاف ڪري، عطر چٽڪاري، سهڻو ڪري سينگاري پيون چارڻ کي ڏين. ناريون= توبون. ناڏ= وڏا ڌماڪا. ڪرين= پيون ڪن. (صبوح جو سوير، چاڪاڻ جو) راجا رات رم گيو= راجا رات گذاري ويو.

(ڏسو شاهہ جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، (چاپو ٻيون) ص:293، ثقافت کاتو، سال2012ع.)

Scanned with CamScanner

سوز صاحب چوڻو لفظ کي غلط قرار ڏئي، هُو چوڻا صحيح سمجهي ٿو. چاڪاڻ ته ٻين شاهه جي شارحن (جن جا هن نالا ڏنا آهن) چوڻا لکيو آهي، پر ٻنهن ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. ڳالهه هڪ ٿي آهي سوز صاحب پڻ بابت ڪي تاريخي ڳالهيون پڻ لکيون آهن. ان کان پوءِ ڪن لفظن جون معنائون ڏنيون اٿائين، جي هتي ڏجن ٿيون:

ناريون ناڏڪرين = ناريون (واحد) ناري (سن) ناري = عورت، زن، جورُ، حوالو (1) سنسڪرت — اردو لغت ص:68 مرتب: ڊاڪٽر محمد انصار الله مقتدره قومي زبان، (2) هندي — اردو لغت ص:421، مرتب: راجا راجيسور راءِ اصغر، انڊيا.

ان کان پوءِ هن ڊاڪٽر بلوچ پاران ڏنل ٻن لفظن جون معنائون لکيون آهن، جي هتي پيش ڪجن ٿيون:

ناريون معنيٰ توبون

ناڏ معنيٰ ڌماڪا

ان کان پوءِ لکيو اٿس ته خبر ناهي ته مٿين لفظن جون معنائون ڪهڙي لغت کان صاحب موصوف هٿ ڪيون آهن (ص:248) سوز صاحب سمجهي ٿو ته شايد انهن لفظن جون معنائون ڪنهن به لغت ۾ موجود ناهن، پر ائين ناهي. اهي لفظ ۽ انهن جون ڊاڪٽر بلوچ پاران ڏنل معنائون لغتن ۾ موجود آهن انهن جا حوالا هتي پيش ڪجن ٿا:

نارِ= عورت و آتش و توب مؤنث اسم جنس و نبض وراس دريا و نائره. (ڏسو جواهر الغات سنڌي اڪيچار، آخوند عبدالرحيم عباسي، ص:94، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، سنه 1993ع.

ناد = آواز، راڳ، نوا، سرود، گرج (ڪڪرن جا ڪڙڪاٽ) هندي — اردو لغت، ص:421.

سوز صاحب ان بيت جي هيءَ سمجهاڻي ڏني آهي: گرنار جو گل (راجا راءِ دياس) ڪسجي قربان ٿي ويو. سڄو پٽڻ (شهر) روڄ راڙي ۽ غم ۾ وڃي ويو آهي. (اهو شهر روشنائي مان ڦري اونداهي ۾ بدلجي ويو آهي) سورٺ ۽ ان جون سوين سهيليون مٿي ٻيهي غم ۽ ڏک جا ورلاپ ڏئي راجا جي سر جي عيوض پنهنجا سِر سينگاري وار پنهنجا ٻيجل جي هٿ ۾ ڏيڻ پيون (سِر آڇين پيون) ته اسان جون سسيون وڍيو ۽ سڀ عورتون گڏجي وڏي آواز ۾ ڊاڙيون ۽ رڙيون ڪري روئي چون پيون ته (هاءِ هاءِ) رات گذاري ويو، مري ويو. (ص:248)

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري هن ريت سمجهاڻي ڏني آهي. گرنار (مشهور جبل ۽ شهر) جو گل (راءِ ڏياچ) ڇڄي پيو. يعني قربان ٿي ويو. (پنهنجو سر گهوري ويو) پَٽڻ واريون پيون روئين ۽ پٽين (وڏا آلاپ ڪري پاڻ کي هٿ ڪٽي پيون مارين. سورٺ (راءِ ڏياچ جي راڻيءَ) جهڙيون سوين ناريون ٻيٺيون پار ڪدي روئين ۽ رڙن. راءِ ڏياچ جو

Scanned with CamScanner

وارن وارو چوٿو سورٺ ۾ پيون سڀ راءِ ڏياچ جي وڏيل ڳچيءَ وارو رت اگهي، منهن صاف ڪري عطر ڇنڪاري سِر ڪي سهڻو سينگاري بيجل جي هٿ ۾ پيون ڏين (تہ وٺ) تڏهن سڀ گڏ ٿيل عورتون روج راڙو ڪري پيون چون تہ راجا رات هلي رهيو! (اسان کان جدا ٿي ويو). ص:766 (حوالو ڏنل آهي)

سر رپ:

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سُر رپ جي داستان ٻئي جو هڪ ڳوڙهي معنيٰ وارو بيت (ص — 250) ڏنو آهي، جو هن ريت آهي:

ڪِين جو ڪنيارن، مِٽيءَ پاٽي منيو،
تنهن مان تِرِ جيترو، جي خبر پوي ڪرن،
هي ٿلن هوند مَرن، هن اڱڻ اوراتو ٿئي.

مٽي پاٽي: بلوچ صاحب مٽي پاٽي جي معنيٰ 'مٽي ملائي' ڪئي آهي. اها معنيٰ بہ چڱي، پر منهنجي خيال ۾ 'مٽي پاٽي' جي معنيٰ گڏ ڪري، مٽي ڳوئي هڪ هنڌ گڏ ڪري درست لڳي ٿو. ان ڪان پوءِ سوز صاحب ڪن لفظن جي معنيٰ ڏني آهي. ڊاڪٽر بلوچ 'اوراتو' لفظ جي معنيٰ غم لکي آهي. اها اصطلاحي معنيٰ تہ ٿي سگهي ٿي، پر تُز معنيٰ اٿس روج راڙو، آه و بُڪا ۽ زاري.

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب، ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي سان بيت جي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

ڪنيارن مٽي ڳوهي، ان ۾ جيڪي ڪجهہ (رُوح) وڌو، تنهن بابت جيڪڏهن دشمنن بدخواهن کي ٿوري بہ ڄاڻ پوي تہ هُو سڀ مري وڃن ۽ هنن (محبوبن جي اڱڻ تي ڏوراپو اچي وڃي) (هن بيت جي معنيٰ وڌيڪ غور طلب آهي.) (ن- ب).

هن بيت ۾ انسان جي تخليق جي تخليق ۽ شيطان ڏانهن اشارو آهي:

سوز صاحب لکي ٿو تہ اها معنيٰ بہ پلي پر هن بيت ۾ ٻڌائي نہ آدم جي تخليق ۽ نہ وري شيطان جي تڪبر ڏانهن اشارو ڪيو آهي، پر هن ۾ ڪنيار کي پنهنجي محنت جي لاپ نہ ملڻ جي انديشي جي اپٽار ڪيل آهي. هن بيت ۾ ڪنيارن، مٽي ۽ گڏهن جو ذڪر آهي، جن جو هڪٻئي سان چولي دامن جو ساٿ هجي ٿو. سوز صاحب ان ڪان پوءِ بيت جي هيءَ سمجهاڻي ڏني آهي.

"جيئن جو ڪنيارن مٽي ڳوهي گڏ ڪري رکي. ان جي ٿورڙي ڪُڙڪ بہ جيڪڏهن انهن گڏهن کي پئجي وڃي تہ اها سڄي ڳوهيل مٽي سندن پٺيءَ تي لڏي

Scanned with CamScanner

چڪ تائين پهچائبي تہ ان ڏپ (پؤ) ڳالهہ ان جيڪر اهي سڀ مري وڃن ها تہ ٻئي پاسي ڪنيارن جي اڳڻ تي بہ روج راڙو پئجي وڃي ها. (هاڻ گذران ڪيئن ٿيندو). (ص:251-252)

هن بيت جي سوز صاحب جيڪا سمجهاڻي ڏني آهي، سا عام رواجي ۽ سطحي آهي جيڪا دل سان نہ ٿي لڳي. گڏهہ بيٺا هوندا آهن ڪنيار مٽي ڪوٽي، ٻاهر ڪڍي ٻورن ۾ وجهي گڏهن تي رکندا آهن، گڏهہ اهو عمل ڏسندا رهندا آهن، پر اڄ تائين اسان نہ ڏٺو، نہ ٻڌو تہ ڪو گڏهہ انهيءَ خوف ۾ مري ويو.

آخر ۾ سوز صاحب ڀڳت ڪبير جي جيڪو دوهو ڏنو آهي، ان جو هن بيت سان ڪو تعلق نہ آهي. ڀڳت ڪبير هن دوهي ۾ دنيا جي فنائيت جو ذڪر ڪيو آهي. دوهو ملاحظہ فرمايو:

ماٽي ڪهي ڪمهار سي، تو ڪاهي رونڌي موهہ،
اڪ دن ايسا هوئي گا، مين رونڌون گي توءِ.

ڀٽائي هڪ بيت ۾ دنيا جي فنائيت بابت هيءُ بيت چيو آهي:

جا پُون پيرين مون، سا پُون مٿي سڄڻين،
ڏگ لنيا ڏُوڙ ۾، اپي ڏٺاسُون،
ڏينهن مڙيوئي ڏوُن، اتي لوچ لطيف چئي.

سوز بلوچ صاحب لکيو آهي: "ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب پنهنجي مقالي 'جوڳيئڙا جهان ۾' جي ص:275 تي لکيو آهي تہ "ڪاپڙ اصل ۾ 'ڪاپڙيہ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: بدڪار، بي ايمان، دوکي باز، بغض وارو. "ڪاپڙ يا ڪاپڙيہ جون اهي معنائون بہ درست آهن، پر ڀٽائي جهڙي جهان گشت، سُڄيت عالم ۽ دانشور وٽ جوڳي دغاباز ۽ مڪار نہ ٿا ٿي سگهن، جيڪڏهن ان جي معنيٰ ايئن سمجهبي تہ پوءِ سندس 'مردم شناسي' تي حرف اچي سگهي ٿو. منهنجي خيال ۾ ڪاپڙ سنسڪرت ڀاشا جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گودڙي پوش، دلق پوش. ڪاپڙ (سن): ڪرپڙ معنيٰ گودڙي، دلق. حوالو: هندي — اردو لغت، ص:353 سال 1938ع، (ص:263).

سوز صاحب مون واريون معنائون درست سمجهي ٿو، پوءِ وري ڪاپڙ بجاءِ ڪَرپڙ جي معنيٰ ڏني اٿائين. حالانڪ ڀٽائي جي بيت ۾ 'ڪاپڙ' لفظ آيل آهي، ڪاپڙ ۽ ڪرپڙ ۾ وڏو فرق آهي، ڪرپڙ جي معنيٰ هو گودڙي پوش، دلق پوش ڄاڻائي ٿو. حالانڪ، پاڻ ئي ان لفظ جي معنيٰ گودڙي، دلق لکي اٿائين. گودڙي ۽ گودڙي پوش ٻئي ڌار لفظ آهن، ٻنهن جي معنيٰ ۾ فرق آهي مون ڪاپڙ لفظ جون

Scanned with CamScanner

معنائون ڏنيون آهن. سوز صاحب ان جي جاءِ تي هڪ ٻيو لفظ ڪَرِيَٽ آندو آهي. ٻئي ڏار ڏار لفظ آهن. زوري ڪاپٽ ڪي ڪَرِيَٽ سمجهي ۽ ان لفظ جي معنيٰ ڏيئي، پوءِ ڇڪي پنهنجي معنيٰ ڪڍي اٿائين. اها ڳالهه مناسب نه آهي.

ٻي ڳالهه ته سوز صاحب جي خيال ۾ جوڳي دغاباز ۽ مڪار ٿي نه ٿا سگهن، جيڪڏهن ائين سمجهيو وڃي ته پوءِ (ڀٽائي جي) مردم شناسي تي حرف اچي سگهي ٿو. سوز صاحب شايد سُر رامڪلي جو گهرو مطالعو نه ڪيو آهي.

سُر رامڪلي جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ڪي جوڳي، ڪوڙا، بي اعتبار ۽ مڪار هئا. شاهه صاحب جيئن ته وڏو مردم شناس هو، تنهنڪري هن ڪين سچاتو ۽ اهڙن جوڳين جا پرڪار پڌرا ڪيائين، هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

سامي چائين، سُک طلبين، تسا ڏئين نه تَنَ،
مِنهُ ڪِئو ماٺهن ڪان، پني اٺا اَن،
ڪاپڙي توڪَنَ، ڪِين چيراڀَا چسن ڪي.

*

گولا جي گراهه جا، جُوٺاسي جوڳي،
قتل سي ڦوڳي، جني شِڪم سانديئا.

*

سپيريءَ سيدُ چئي، جي ٿا پچن اَنُ،
تن ڪاپڙين نه ڪَنُ، جوڳي چائين جاڙتا.

سر پورب:

’ٻولي ٻجهارت‘ جي ص:259 تي سر پورب جو هيٺيون بيت ڏنل آهي:

لکين ڪيا لسان سين، لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙني گهوڙا، آلا نه جيئندي ان ري.

هن بيت ۾ سوز صاحب کي ’لوڙا‘ لفظ جي معنيٰ تي اعتراض آهي، جيڪا سندس نظر ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري غلط لکي آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ صحيح نٿو چئي سگهجي، هوڏانهن انهيءَ ساڳي لفظ جون 23 معنائون جامع سنڌي لغات مرتب ڊاڪٽر بلوچ منجهان نقل ڪري ٿو. هن بيت جي سمجهاڻي ڏيندي ڊاڪٽر سومري ’لوڙا‘ جي معنيٰ چڱي هدايت واري ڳالهه لکي آهي، سوز

Scanned with CamScanner

صاحب ان جي برخلاف لوڙا جي معنيٰ لُڙ ۽ بڪواس ورتي آهي، اهو سوز صاحب جو فهم آهي.

هاڻي سڄي بيت جي مفهوم تي غور ڪريو ته جيڪڏهن اها جوڳين جي بڪواس ۽ لُڙ هو ته ان ڪان بچڻ ته پاڻ سُڻي ڳالهه ڇئبي. ان ڪري آخر ۾ اهو چوڻ ته آءٌ انهن جي ڳالهين ۽ ڳٽن ڪانسواءِ جيئرو نٿي رهي سگهان، جو ڇا مطلب نڪرندو؟ ان ڪري لوڙا لفظ چڱي معنيٰ ۾ ئي استعمال معلوم ٿئي ٿو.

اچو ته ڏسون ته ٻين شارحن ان لفظ جي ڇا معنيٰ ڪئي آهي.

مرزا قليچ بيگ هن لفظ جي نهايت موزون معنيٰ ڏني آهي جو هو لکي ٿو ته ان جي معنيٰ دانهون، فرياد آهي ۽ لفظ لوڙائو انهيءَ مان نڪتل آهي. (ص:271)

شاهواڻي قليچ بيگ واري بلڪل ساڳي معنيٰ ڏني آهي. (ص:1104)

ليلارام وتڻ مل ان جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ هيئن لکي آهي.

لوڙا = Sounds of Singing

وري لکي ٿو ته ان جي معنيٰ گوڙ يا شور به آهي. (ص - 188)

آخر ۾ ٻانهي خان جي معنيٰ ڏجي ٿي، هو لوڙا لفظ جي معنيٰ هل هنگاما، دانهون، فرياد (آخرت جي عذاب بابت) لکي ٿو. (ص:27، جلد ٽئو)

پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن ته ڪهڙي معنيٰ زياده مناسب ۽ موزون آهي.

سر آسا:

سوز صاحب سُر آسا جو هڪ بيت (ص:270) لکي، ان جي معنيٰ هيءَ ٻڌائي آهي، بيت آهي:

اکين ۾ ٿي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه پسان ڪو ٻيو.

هن بيت ۾ ڀٽائي وحوت الوجود جي نفيس نُڪتي کي انتهائي پُرخلوص انداز ۾ نروار ڪندي چوي ٿو: ”اي محبوب! منهنجي اکين اندر پيهه ته مان ڇپر واري توکي لڪائي ڇڏيان، جيئن توکي ڪو به ڏسي نه سگهي، نه وري مان ’توکان سواءِ‘ ڪنهن ٻئي کي ڏسي سگهان.“ (ص:270)

اها معنيٰ به لڪ لهي. پر ان ۾ ڀٽائي عاشق جي ٻي انتها محبت سان گڏ ٻي انتها غيرت به ڏيکاري آهي. محبت اها ته محبوب کي اکين ۾ ويهاريان، غيرت اها ته ان کي ٻيو ڪير به ڏسي نه سگهي.

Scanned with CamScanner

پريان سنڌي پار جي، مِڙئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.
(شاهه جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي خان بلوچ)

ڊاڪٽر گربخشاڻي، محمد يعقوب آغا، علامه آءِ آءِ قاضي، عثمان علي انصاري، ٻانهي خان شيخ مٿيون بيت سُر ڪلياڻ جي داستان ٽئين (3) ۾ لکيو آهي.

هن بيت کي غور ۽ فڪر سان پڙهڻ کان پوءِ هن جي پڙهڻي ۽ صحت جي سلسلي ۾ مون کي ڪافي مونجهارو نظر آيو، جنهن تي وڏي نيڪا ٽپڻي جي ضرورت آهي. هاڻي اچو ته پهريائين گنج شريف جو مطالعو ڪريون ته ان ۾ هيءُ بيت ڪيئن لکيل آهي.

”پريان سنڌي پار جي، مِري مٺائي... (گنج شريف) اوائلي سنڌيءَ ۾ ر ۽ ڙ توڙي گ ڳ ڱ ڪ ک ۽ گهه ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو آهي.

جيئن ته بيت جي پهرين سٽ ۾ ’مٺائي‘ جو ذڪر آهي ۽ سيني محققن پهرين سٽ ’پريان سنڌي پار جي مڙئي يا مڙيئي مٺائي‘ لکي آهي ۽ وري پوئين سٽ ’ڪانهي ڪڙائي‘ لکي پڙهندڙن کي مونجهارن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ته ’مٺائي ۾ به ڪڙائي هوندي آهي.‘ هاڻي جڏهن پهرين سٽ ۾ ’مٺائي‘ جو ذڪر ڪيل آهي ته ڀٽائيءَ جهڙو داناءُ، مجيل عالم ۽ ٻوليءَ جو شهنشاهه ’مٺائي‘ ۾ ’ڪڙائي‘ جو تصور ڪيئن پيش ڪري سگهي ٿو. اهڙج جهڙي ڳالهه آهي! مٺائي ۾ به ڪڙائي محسوس ڪري سگهجي ٿي ڇا؟

هاڻي آئون پڪ سان چئي سگهان ٿو ته محقق بنا ڪنهن سوچ سمجهه جي اکيون ٻوٽي هڪٻئي جو نقل ڪري ڀٽائيءَ جي بيت جي روح کي مجروح ڪرڻ جا مرتڪب بڻيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته محقق حضرات پرڏيهي ادب سان دلچسپي نه رکندا هجن؟ هاڻي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته بيت جي پڙهڻي ۽ صورتخطي هن ريت صحيح آهي:

پريان سنڌي پار جي، مِري مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

معنيٰ: دوست، پياري پرين پاران موڪليل ’مرچ‘ به مٺائي مثل آهن. جيڪڏهن محبتي من ۽ دل جي حضور سان چکين ته (جيڪر) تو کي ان ۾ ڪا به ڪڙاڻ محسوس نه ٿيندي.“ (ص:273-274)

اچو ته سوز صاحب جي سوچ ويچار ۽ محققن تي لڳايل الزامن جو جائزو وٺون.

1. مذڪوره بيت جي پڙهڻي ۽ معنيٰ ۾ ڪو مونجهارو نه آهي.
2. گنج ۾ صاف طور ’ر‘ نه پر ’ڙ‘ لکيل آهي، پراڻي سنڌي لکت ۾ جڏهن فقط ’ر‘ لکيل هوندي ته اهو صرف ’ر‘ سمجهيو ويندو. پر جڏهن ’ر‘ جي مٿان هڪ

Scanned with CamScanner

مخصوص نشان ڏنو ويندو ته اها ’ڙ‘ سمجهي ويندي. مذڪوره بيت ۾ ’ر‘ مٿان اهو مخصوص نشان ڏنل آهي. ٻي ڳالهه ته اوائلي سنڌي ۾ رکي ر ۽ بيت جي مناسبت سان ڙ به پڙهي سگهجي ٿو. رسالي ۾ هن بيت کان پهرين وارو بيت هيءُ آهي:

مٿايان مٿو گهٽو، ڪڙو ناهه ڪلام،
سُڪوت ئي سلام، پريان سنڌي پار جو.

ان بيت ۾ به ’ر‘ مٿان اهو مخصوص نشان ڏنل آهي. تنهنڪري اهو لفظ ’ڪرو‘ نه پر ’ڪڙو‘ پڙهيو ويندو. (ڏسو گنج، شاهه جو رسالو، قديم صورتخطي، ص:187-188، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز سال 1995ع.)

(3) شاهه جي شارحن ۽ محققن پڙهندڙن کي مونجهاري ۾ مبتلا ڪونه ڪيو آهي. معنيٰ صاف آهي، پر افسوس جو سوز صاحب صاف ۽ چٽي معنيٰ سمجهي نه سگهيو آهي. سيني قلمي نسخن ۾ بيت جي اهائي پڙهٽي آهي، جيڪا سيني ڇاپي رسالن ۾ موجود آهي تنهنڪري اهو الزام غلط آهي ته هنن هڪٻئي جو نقل ڪيو آهي. ڀٽائي ان بيت ۾ واضح ڳالهه ڪئي آهي، پر مينهين خان جو منجهيل ذهن ان کي سمجهي نه سگهيو آهي. ۽ هن شاندار ۽ معياري بيت کي خواهه مخواهه بگاڙي تمام سطحي معنيٰ ڏني آهي. درحقيقت ڀٽائي چئي ٿو ته پياري پرين جي هر شيءِ سُٺي ۽ مِٺي آهي. تون جيڪڏهن چڱيءَ طرح چکي ڏسندين ته اها توکي ڪڙي نه لڳندي. ’مڙيئي‘ جهڙي سهٽي ۽ وسيع معنيٰ واري لفظ کي مينهين خان ’مِري‘ (مرچ) تائين محدود ڪري پاڻ ڀٽائي جي روح کي مجروح ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو آهي. در اصل اها هلڪڙي ۽ ڪل جهڙي معنيٰ پروفيسر غلام رسول اڪرم سومري صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڏني آهي، جتان سوز صاحب ڪنئي آهي، پر ڪو حوالو ڪونه ڏنو اٿائين.

سوز صاحب بيت جي خود ساخته پڙهٽي مقرر ڪري ۽ پنهنجي مرضيءَ جي معنيٰ ڏيڻ کان پوءِ مولانا رومي، شيخ سعدي ۽ ڀڳت ڪبير جا جيڪي بيت پنهنجي دعويٰ جي دليل طور ڏنا آهن، سي سنڌس سوچ جي نفي ڪن ٿا، ۽ سمورن شاهه جي شارحن واري پڙهٽي ۽ معنيٰ جي تائيد ڪن ٿا. وڌيڪ دليل لاءِ فارسي شاعريءَ مان ٻه مصراعون پيش ڪريان ٿو:

(1) هر چه از دوست رسدنيکوست

يعني: دوست وٽان جيڪا به شيءِ ملي سا ڀلي آهي.

(2) بخور هر چه آيدزدستِ حبيب

يعني: دوست ونان جيڪا به شي اچي، سا ڪائي ڇڏ.

انهن مصراعن ۾ ڪا هڪ شيءِ نه پر، جيڪا به شيءِ اچي، ان جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. ايئن محسوس ٿئي ٿو ته ٻنائي انهن بيتن کان متاثر ٿي هيءُ بيت چيو آهي:

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

سوز صاحب ڊاڪٽر بلوچ واري رسالي مان هيءُ بيت (ص — 278) ڏنو آهي:

جو ڪُهندُ سَهندُ سامهون، پرت تنهين سين پار،
نِيه جهين سين نبهي، تنهن سان تون م تنوار،
هڏ مَ وات وسار، ٿيءُ نرالي نبري.

ان کان پوءِ گنج ۽ علامه آءِ آءِ قاضي جي رسالن جي پڙهڻي ڏني آهي: پوءِ لکي ٿو ته اهو بيت عثمان علي انصاريءَ واري رسالي ۾ نه آهي. باقي محمد يعقوب آغا، تارا چند شوقيرام مرزا قليچ بيگ توڙي ٻانهي خان شيخ سيني هڪبئي جو نقل در نقل ڪيو آهي. ڪنهن به مرتب، باريڪ بينيءَ سان لغتن جو سهارو ناهي ورتو، تنهنڪري انهن کان غلطيون ضرور ٿيون آهن.

اڳتي هلي لکي ٿو: ”حقيقت هيءَ آهي ته اهي مانوارا مرتب/محقق سڀ شهري بابو ۽ ملازمت پيشه شخص هئا، تن کي شايد ايتري فرصت ڪا نه هئي. جو هو وقت سيڙائي لغتن جي ورق گرداني ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪن ها. تنهنڪري رڳو هنيانوَ جي سوجهري تي جيڪي من ۾ آين، معنائون ۽ شرح لکي ڇڏيائون ۽ وري پنٽي منهن ورائي به نه ڏٺائون، ته ان تي ٻيهر نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي يا نه! (ص:278-279)

سوز صاحب کي الزام لڳائڻ کان اڳ سوچڻ گهرجي ها ته جن ماڻهن جاکوڙ ڪري هڪ هڪ لفظ پراڻن رسالن سان ڀيٽي سالن جا سال محنت ڪري هزارين بيت لکيا ۽ هزارين لفظن جون معنائون لکيون ۽ اسان توهان جهڙا اديب جيڪڏهن پنجن ستن بيتن جي صورتخطي ۽ پڙهڻي پنهنجي سوچ مطابق ڏيون ٿا (جيڪو سيني کي حق آهي) پر اها، ٻيا به ته صحيح سمجهن، ائين ٻاڻ پڏائڻ صحيح نه آهي. اسان اوهان جو ڪم ٻين شاهه جي شارحن ۽ محققن جي ڀيٽ ۾ رتي جيترو به نه آهي. انهن کي لوئڻ بجاءِ ڪين داد ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هُو وڏو ڪم ڪري ويا آهن: اسان انهن جو ڪنيو پيا ڪائون.

Scanned with CamScanner

بحث هيٺ آيل بيت جي پهرين سٽ جو هڪ لفظ ڊاڪٽر بلوچ 'سَهند' لکيو آهي. سوز صاحب ان کي 'سُهند' سمجهي ٿو. هُن سين تي زبر ڏني آهي ۽ هِن پيش ڏنو آهي. آخري سٽ ۾ ڊاڪٽر بلوچ واري رسالي ۾ نرالو نبري لکيل آهي. پر هن ڪتاب 'ٻولي ٻجهارت' ۾ شايد پروف جي غلطيءَ سبب نرالي نبري لکجي ويو آهي، هتي اهو بيت پيش ڪجي ٿو:

جو ڪَهندُ سَهندُ سامهون، پرت تهين سين پار،
نيهُ جهين سين نِبَهي، تن سين تون مَ توار،
هَڏَ مَ واڻ وِسار، ٿيءُ نرالو نِبَري.

سمجهاڻي: جيڪو سنئون سڌو منهن سامهون چوي ٿو ۽ پڻ پاڻ پنهنجيون سڀ چڱايون مٺايون سهي ٿو، اهڙي دوست (مالڪ) سان پريت جي ريت نڀائي ڏيکار. جنهن دوست سان سڪ ۽ محبت جو رستو پوري ريت هلندو اچي، تون هن کي آڏو ورندي نه ڏي ۽ سامهون نه ٿيءُ. اها واڻ تون هرگز نه وسارجانءِ ۽ انهيءَ تي هلي پاڻ کي نرالو ۽ الڳ ثابت ڪري ڏيکار. (ڏسو شاهه جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (ص:953) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سال 2015ع)

هاڻي ان بيت جي پڙهڻي ۽ معنيٰ جيڪا سوز صاحب لکي آهي، سا پيش ڪجي ٿي:

جو ڪُنهند سُنهند سامهون، پرت تنهين سين پار،
نينهن جنهن سِين نبهي، تنهن سان تون مَ توار،
هڏ مَ واڻ وسار، ٿيءُ نرالو نبري.

معنيٰ: جنهن ڪنهن اڻواقف يا واقفڪار سامهون پريت سان پاڙ (ڊڄ نه) جنهن سان نيڻ جي اميد هجي ان سان ليکو ئي نه ڪر (حساب ئي نه ڪر) (پڪائي چوي ٿو) اها واڻ هرگز نه وسار، نبري نرالو ٿي، پريت پاڙڻ جو عهد ڪر. (ص:280)

سوز صاحب لکيو آهي: "مانواري شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب به پنهنجي طرفان بيت جي پڙهڻي ۽ صحت توڙي معنيٰ متعلق ڪا به چنڊ ڇاڻ يا تحقيق ڪانه ڪئي آهي ۽ سڄو بار ڊاڪٽر بلوچ صاحب تي رکي ڇڏيو اٿس. (ص:279)

سوز صاحب کي معلوم هئڻ گهرجي ته ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ڊاڪٽر بلوچ واري شاهه جي رسالي جي سمجهاڻي لکي آهي. جيڪو مڙني رسالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مُستند آهي.

هينئر پڙهندڙن آڏو بيت جون ٻئي معنائون/سمجهاڻيون پيش ڪيون ويون آهن، اهي پاڻ انصاف ڪن ته ڪهڙي پڙهڻي ۽ معنيٰ وڌيڪ معياري آهي.

Scanned with CamScanner

سر مارئي:

سوز صاحب سُر مارئي جي داستان ڇهين جي هڪ بيت (ص – 287) ۾ لکيو آهي:

ڀاڇاهي نہ ڀاڙيان سرتيون سُئي ساڻُ،
ڍڪي اڳهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين ڀاڻُ،
ڀيهر ڇاپي ڇاڻ، اِبر جي اوصاف کي.

ان بيت جو پس منظر سوز صاحب هيءُ بيان ڪيو آهي تہ: جڏهن عمر پنهنجي ظالماڻن حربن ۾ ناڪام ٿيندي مايوس ٿيو، تڏهن هن ٿر جي عورتن کي ڪنهن بہ صورت ۾ مارئيءَ کي ريجهائي راضي ڪرڻ خاطر موڪليو تہ ڪيس هوڏ تان هٽائي راضي ڪن. عورتن گهڻيون ئي هيٺاهيون مٿاهيون ڪيون ۽ مٺا مونا هنيا، پر مارئي ڪين ڇيو: "اي سکيو! سهيليو! آئون ۽ منهنجا مارو جنهن سُئي سان ڪپڙا سبي انگ ڍڪيون ٿا، آءٌ عمر جي سڄي بادشاهي کي ان سُئيءَ جي مٽ نہ ٿي سمجهان." (ص:287)

اها روايت خبر ناهي تہ سوز صاحب ڪٿان ورتي آهي؟ ڪيس ڪو حوالو ڏيڻ گهرجي ها.

ڀٽائي جي شاعريءَ جي اها خاص خوبي آهي تہ هُو معمولي شين جا مثال ڏيئي اعليٰ فهم ۽ فڪر نروار ڪري ٿو، مثلاً:

ڪڇي ڪاني ڪانهن، ٻڏا ڪيي ٻار مان،
يا لنگهائي لطيف چئي، يا ڏُريان ڪري دانهن،
ڪما حقہ ڪکن جي، آهي ڳالھ اڳانهن،
ڏئي ٻڏن کي ٻانهن، نا تہ ساڻن وڃن سير ۾.

*

ولر ڪئو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٽ گهٽو.

مذڪوره بيت ۾ بہ ڀٽائي سُئي جي ساراھ ڪئي آهي. ڀهرين سٽ ۾ جيڪا دعويٰ ڪئي وئي آهي، ٻي سٽ ۾ ان جو هيءُ دليل ڏنو ويو آهي:

ڍڪي اڳهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين ڀاڻ،

Scanned with CamScanner

سوز صاحب لکيو آهي: ”هي تاثر غلط آهي تہ عمر سومري مارئيءَ تي رحم کائي مائٽن ڏانهن وڃڻ جي موڪل ڏني هئي، بلڪ مارئي پنهنجي همت، صبر، استقلال ۽ خود اعتماديءَ جي هٿيار کي هشياريءَ سان هلائيندي، پنهنجي رٿيل منصوبي تحت عمر جي قيد ۽ بند کان جند آجي ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي. (ص:290) ان لاءِ سوز صاحب آزاد قاضي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ڀيرومل جي ڪتاب ’شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هڪ مطالعو‘ جو حوالو ڏنو آهي. (ڏسو ص:290-291) پر اها هڪ ڏند ڪٿا آهي، اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ بادشاهہ کان ڪو مسڪين پنهنجي ڇوڪري اڪيلي سان ڇڏائي ڪٽي وڃي، مارئيءَ جي مڱيندي ڪيت جو عمر جي محلات جي ويجهو اچڻ ئي ممڪن نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ عمر جي ڏهڪاءَ کان مسڪين ماروئڙا پري هليا ويا هئا تہ متان عمر بادشاهہ سندن ٻي ڪا نياڻي ڪٽي نہ وڃي، ان جي ثابتي سُر مارئي جي هيٺين بيتن مان ملي ٿي:

اوڏا جان هئا، تان نِتُ نياپا آئيا،
ماروئڙا ملير ڏي، واري وڳ وئا،
تني ڏونهہ ڪئا، ڏيئي ڏوراپا ڇائيان.

*

ڪاروڙيان ڪٽي، ويڙيجهپ وئا،
سيڻ منهنجا سيد چئي، هاٽي هت هئا،
پسي پڌ اُن جا، لڙي لُڙڪ پئا،
ڏيهي ڏور وئا، ڏٺان ڏوراپا ڪن ڪي.

*

پُون پُٽڪو نہ سُٽيان، ٻُري نہ ٻڪر دانهہ،
ميان ماروئڙن جا، اوئا پسان آنهہ،
جن سانيڪا سنجئا، سي ڏٽي ڪئڙءِ ڪانهہ،
پکا ڪٽي پرانهہ، جِڪُس لڏيو لوئڙياريين.

*

عمر ٿيم اپار، ورهہَ وٽيان ڪن سين،
ڏوٽيئڙا ڏور ٿئا، تڳان جن توار،
سٽائون سنگهار، ڪُوهن تان ڪٽي وئا.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب جي ص:284-285 تي جيڪا گنگا ٺهيم واري ڳالهه لکي آهي، سا بہ هڪ ڏند ڪٿا آهي، توڙي جو اها سنڌ جي تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي. ٺهيم مسلمان آهن، هُو پاڻ کي بنو تميم قبيلي مان سمجهن ٿا. مسلمان پنهنجي نياڻين تي گنگا يا جمنا نالا نہ رکندا آهن. اهي ندين جا نالا آهن، جن کي هندو پوتر سمجهن ٿا ۽ اهيئي پنهنجي ڇوڪرين تي گنگا جمنا نالا رکندا آهن. اهڙيون ڏند ڪٿائي ڪهاڻيون سنڌ جي تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهن، پر اهي اعتبار جوڳيون نہ آهن.

سوز صاحب ص:288 تي سر مارئي جو هيٺيون بيت آڻي ٿو:

ارمق هڏ نہ اوڍيان، پٽولا پٽ ڇير،
پانڌڻان ٿي پن ڏيان، ارغچ ۽ عنبير.

هتي سوز صاحب جو اعتراض آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ توڙي ڊاڪٽر سومري ٻنهي ارمق ۽ ارغچ مڙني جي معنيٰ ريشمي ڪپڙا لکي آهي، حالانڪ سوز صاحب ارغچ جي معنيٰ مختلف قسم جي خوشبو ٻڌائي ٿو، جنهن لاءِ هو آخر ۾ غياث اللغات جو حوالو ڏئي ٿو.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ ٻين شارحن ڪهڙي معنيٰ ڪئي آهي.

مرزا قليچ بيگ ارغچ جي معنيٰ هڪڙي قسم جو عمدو ڪپڙو ٻڌائي ٿو. (ص:334 لغات لطيفي)

پانهو خان شيخ پڻ ارغچ جي معنيٰ هڪ قسم جا عمدا ڪپڙا ڄاڻائي ٿو. (ص:432)

اسان سوز صاحب جي معنيٰ جو پيرو کڻڻ واسطي غياث اللغات کي ڏٺو تہ اتي اها معنيٰ 'ارگچہ' يعني گ واري حرف سان لکيل لفظ جي معنيٰ خوشبوءِ آهي، پر شاهہ جي سيني رسالن ۾ اهو لفظ غين سان ارغچ لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ غياث اللغات واري ڪونہ ڏني آهي، ان صورت ۾ اسان فارسيءَ جي وڏ ۾ وڏ مستند انسائيڪلوپيڊيا واري لغت يعني 'لغت نامہ دهخدا' جا ورق ورايا، اتي اهو لفظ پنهنجي اصلي صورت ۾ 'ارغمچ' نظر اچي ٿو، جنهن مان ڪپڙي جا ڌاڳا مراد آهي، گويا ڪپڙن ڏانهن اشارو آهي. (ص:1871، جلد – 2)

اهڙيءَ طرح ٻيو لاڳيتو لفظ 'عبير' آهي. انهيءَ لفظ جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ جامع سنڌي لغات جلد – 2 ۾ (ص:1288) ۾ ڪپڙي جو هڪ قسم آسماني رنگ ٻڌائي آهي، ان کان سواءِ گاجرا جي حوالي سان ان جي معنيٰ خوشبودار شيءِ پڻ لکي آهي، هاڻي سوال آهي تہ هن بيت ۾ جتي هر قسم جي اوڇن ڪپڙن جو ذڪر آهي، اتي ڪپڙوئي مراد وٺبي. ڇو تہ اها معنيٰ پوري بيت جي سياق ۽ سباق سان ٺهڪي اچي ٿي.

Scanned with CamScanner

سوز صاحب هوندي به بار بار جامع سنڌي لغات جو حوالو ڏئي ٿو، هتي شايد سندس نظر کان نه پيئي آهي، بهرحال ان لحاظ کان بيت جي معنيٰ صاف ظاهر آهي.

سر سهڻي:

سوز صاحب سُر سهڻي جو هيءُ بيت ڏيئي، ان جي تصوف جي روشني ۾ تمام سهڻي شرح ڪئي آهي: (ص:299-300)

گهڙو پڪو، منڌ مُئي، وسيلا وئا،
تهان پوءِ سُئا، سهڻي سڏ ميهار جا.

ڊاڪٽر بلوچ به ان بيت جي مختصر معنيٰ هيءَ ڏني آهي: هن وجود جي وڃائڻ سان حق سان هڪ ٿيڻ سان، حق جا آواز سهڻيءَ جي ڪنن تي پيا. (ص:9، شاهه جو رسالو — شاهه جو ڪلام، جلد ستون (ڇاپو پهريون) ص:374، علامه قاضي رسالو تحقيق رٿا ۾ اشاعت حيدر آباد، سال1998ع.)

منهنجي ويچار موجب ان بيت جي هيءَ معنيٰ به ٿي سگهي ٿي. انساني فطرت آهي ته هُو جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ اچي ٿو ته ان مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ هُو هر قسم جا حيلا هلائي ٿو. وسيلن کان ڪم وٺي ٿو. پر جڏهن سڀ حيلا وسيلا ڪارگر ثابت نه ٿا ٿين ته پوءِ الله پاڪ پنهنجي ٻانهي تي مهربان ٿئي ٿو ۽ سندس مدد ڪري ٿو. شايد ان بيت کان متاثر ٿي استاد عطا محمد حاميءَ هيءُ شعر چيو:

ويو ڇڏي سيڪو نه هُو حامي ٿيو،
بيڪسي منهنجي ڪرامت ٿي وئي.

'ٻولي ٻجهارت' جي ص:300 تي سر سهڻي جو هي بيت ڏنل آهي:

دهشت دم درياهه ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير ڇو، مپ نه ملاحن،
درندا درياهه ۾، واڪا ڪئو ورن.

هتي وري سوز صاحب کي 'مپ' جي معنيٰ حيلو، تي اعتراض آهي جو ته سندس نظر ۾ اهو لفظ سڌو سنئون ماپ يعني اونهائي آهي.

ان لفظ جي معنيٰ مرزا قليچ بيگ 'وجهه' ۽ ماپ لکي آهي.

ٻانهي خان ان لفظ جي معنيٰ وڏيڪ ڇڻي ڪري حيلو، سُد، ڇاڻ، ڪَل پروڙ لکي آهي، جيڪي سڀ مناسب لڳن ٿيون، شاهواڻي وري ماپ ۽ خبر به لفظ ڄاڻايا

Scanned with CamScanner

آهن، ان صورت ۾ سوال آهي تہ سموري بيت جي لحاظ کان ڪهڙي معنيٰ وڌيڪ مناسب لڳي ٿي، ملاح کي ماپ جو معلوم هجڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، هو تہ تانگهي ۽ تار پاڻيءَ ۾ ٻيڙيون هلائڻ جا ماهر هوندا آهن، هتي بيت ۾ وڌيڪ نزاڪت تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن اهو سمجهبو تہ سڀ ڳالهيون ڄاڻڻ جي باوجود ملاحن کي ڪو حيلو وسيلو نظر نہ ٿي آيو، تنهنڪري آخري سٽ نهايت معنيٰ واري آهي جڏهن ٻڌائي چوي ٿو:

اتي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهائيين.

سوز صاحب سر سهڻي جو هڪ بيت لکيو آهي، جنهن جي شروع واري سٽ هن ريت آهي، (اهو بيت ستن سٽن وارو آهي)

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سُر سهڻيءَ جو هي بيت ڏنو آهي:

تو ڏي ٿُهائين، سي هٿهين ڇڏ حرص،
ساهڙ ڏاران سهڻي، ڪونيون ڪن ڪِرس،
وڏي اِي وِرس، جيئن ڏم وٽ گذارئين.

ان جي معنيٰ هيءَ ڏني آهي:

اي سهڻي (توڏي) هن دنيا جون جيڪي لالچون تو کي پريائن ٿيون، انهن کي هتي ڇڏي ڏي. اي سهڻي! ساهڙ (حقيقي محبوب) کان سواءِ ڪونيون (پليل) ئي ناز نخرا لاڏ ڪوڏ ڪنديون آهن. 'ڏم' وٽ (هڪ) ڏينهن حياتي گذارڻ تو لاءِ بي ٠ زي، بي لطف، بي چس ۽ بي ڪيف آهي. (ص:301-302)

ان بيت جي سمجهاڻي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب هيءَ ڏني آهي.

اي سهڻي جيڪي (دنيا جون ظاهري) شيون تو کي هرڪائين ٿيون، انهن کي اتي ئي ڇڏي ڏي. محبوب کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڳڻ يا سوچ ڪندڙ ڪونيون ۽ ڪوڙيون آهن. ان کان وڌيڪ ٻي غلطي ۽ ڀُل نٿي ٿي سگهي، جيئن تون پنهنجي زندگيءَ جا ڏهاڙا ڏم وٽ (غفلت ۾) پيئي گذارين. (شاهہ جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، (ص:1078) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سال2015).

هينئر پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ ڪهڙي معنيٰ/سمجهاڻي وڌيڪ سهڻي آهي.

سوز صاحب هيءُ بيت لکي، ان جي ڊاڪٽر بلوچ پاران ڏنل لفظي معنيٰ لکي آهي. ان کان پوءِ پنهنجي پاران معنيٰ ڏني آهي.

چُونم جي هيڪار، مَ وَنءُ موني سهڻي،
دونهينءَ پاسي دوست جي، ڳهاريان سڀ ڄمار،
پانڌيڙا پيهار، هوند نہ لڳين لائيان. (ص—302)

Scanned with CamScanner

سوز صاحب لکيو آهي ته:

ٻانديڙا: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب مذڪوره لفظ جي معنيٰ 'درياهه' ۾ لڙهندڙ ڪانڙا لکي آهي. جيڪا بلڪل غلط ۽ نامناسب آهي. ٻانڌ يا ٻانڌي معنيٰ لڙهندڙ ڪاٺ يا ڪانڙا (درياهه ۾).

ٻانڌيئڙا يا ٻانڌيٽا: هڪ قسم جو رڱيل ڪپڙو، جيئن چُنري رڱڻ وقت هرجاءِ تي ڪپڙن کي ڌاڳن سان ٻڌي پوءِ رڱيندا آهن. رڱڻ کان پوءِ اهي کوليندا آهن ته اڇا ننڍڙا ڊبڪ ڪري ڪپڙي ۾ سونهن پيدا ڪندا آهن، جنهن کي عورتون سينگار مهل پائيندڀون آهن.

سوز صاحب ٻانڌيڙا ۽ ٻانڌيٽا ٻنهن لفظن کي هڪ سمجهي ٿو. پر ائين ناهي. ٻانڌيڙا ۽ ٻانڌيٽا ٻئي ڌار ڌار لفظ آهن، تنهنڪري ٻنهن جون معنائون به مختلف آهن.

شاهه جي مذڪوره بيت ۾ ٻانڌيڙا لفظ آيل آهي. جنهن جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري صحيح لکي آهي، پر سوز صاحب ٻن مختلف لفظن کي ساڳيو لفظ سمجهي ٻانڌيڙا يا ٻانڌيٽا لکي، پوءِ ٻنهن جي هڪ ئي معنيٰ ڏني آهي، ڪيس سمجهڻ کپي ته اهي ٻئي هڪ نه پر ٻه لفظ آهن. تنهنڪري ٻنهن جون ڌار ڌار معنائون آهن، ٻنهن ۾ وڏو فرق آهي. بهرحال، سوز صاحب ان بيت جي هيءَ معنيٰ ڏني آهي.

معنيٰ: منهنجو محبوب فقط هڪ دفعو مون کي چوي ته اي سهڻي، موٽي نه وڃ، هت رهي پئو ته مان باقي زندگيءَ جا ڏهاڙا دوست (ميهار) مينهن جي دونهين (وٿاڻ) منجهه گذاري ڇڏيان ۽ ٻانڌيئڙا رڱيل سينگاريل ڪپڙا گهه ڳنا جيڪي گهران رات جو پائي ميهار سان ملڻ لاءِ اچان ٿي ۽ وري گهر اچي لاهيان ٿي (جيئن ڏمر نه ڏسي) اهي پيهر مون کي پائڻا ۽ لاهڻا نه پون. (ص:302-303)

اها معنيٰ تمام سهڻي آهي، پر 'لڱين لائڻ' ۽ پهرڻ/پائڻ ۾ وڏو فرق آهي. ڊاڪٽر بلوچ 'پنهنجي لڱين نه لائيان' جملي جي معنيٰ لکي آهي: پنهنجن لڱن کي نه لايان (= نه تران ۽ نه اهي منهنجي لڱن کي لڳن.) مطلب آهي ته هر رات ترڻ جي تڪليف کان ڇٽي پوان. ڪپڙا پهرڻ ۽ سينگار ڪرڻ عورت جو روز جو معمول آهي. ان ۾ ڪا تڪليف نه ٿي ٿئي. پر رات جو هر روز درياءَ جي هُن پار وڃڻ نه صرف مشڪل آهي پر جان جو جوکو به آهي. سهڻي کي اهو خوف آهي ته متان ڪڏهن درياءَ ۾ ٻڏي مري وڃان ۽ ميهار جي ملاقات کان محروم ٿي وڃان. تنهنڪري هُوءَ ائين چئي ٿي.

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ان بيت جي هيءَ سمجهاڻي ڏني آهي:

جيڪڏهن منهنجا پرين مون کي هڪ ڀيرو چون ته اي سهڻي! پوئتي موٽي نه وڃ، ته جيڪر آءٌ سڄي عمر دوست جي دونهين (ماڳ) وٽ گذاري ڇڏيان. ان ڪري آءٌ نڪو درياهه ۾ گهڙان ۽ نه وري لڙهندڙ ڪانئين جو سهارو وٺڻو پوي.

Scanned with CamScanner

شاهہ جو رسالو، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (ص:1122) سنڌي ادبي بورڊ، سال 2015ع)

هئي معنائون پڙهندڙن آڏو آهن، جنهن کي وڏيڪ سهڻو سمجهن.

سر سارنگ:

سوز صاحب ص:305 تي سر سارنگ جو هيءُ بيت ڏنو آهي:

’سرلي‘ سونهن سي، جن گهر، ڪٽ سڄڻ سهرين،
جي واڻيون ورن ري، تن کي مينهن ميڙيا.

هن ڪان پوءِ سوز صاحب ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سومري تي ٽوڪ ڪندي لکيو آهي ته هنن سرلي جي معنيٰ نه لکي (شايد لفظ سمجهه ۾ نه آيو اٿن) يا ائين ڪٽي ڇڏيجي ته پڙهندڙ پاڻ سمجهي ويندا.

سوز صاحب جي خدمت ۾ عرض آهي ته اهو لفظ سر سارنگ جي ٻن بيتن ۾ آيو آهي، ٻيو بيت آهي:

مون منجهيئي مينهن، ڪوهہ ڪرينديس ڪڪرين،
سرلو سارو ڏينهن، مون پريان جونہ لهي.
(بيت نمبر 3259، ص:1139)

هن لفظ جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ فوٽ نوٽ ۾ لکي آهي، سرلو معنيٰ جهڙ ۽ مينهن (هلندڙ يا جاري مينهن جنهن ۾ وقفي وقفي سان ڪڪرن وچان ڪنهن وقت سج جو شعاع).

ڊاڪٽر بلوچ ان لفظ جي معنيٰ رسالي جي لغت ’روشني‘ ۾ صفحي 269 تي چار دفعا ڏيندي ساڳي معنيٰ ورجائي آهي، سڄو ڏينهن جهڙ ۽ مينهن ۽ ڪٿان سج جي چمڪ ۽ چڻائي.

ٻانهي خان شيخ سرلي لفظ جي معنيٰ جهُڙ ڏني آهي. (ڏسو جلد پهريون، ص:334)

مرزا قليچ بيگ ان لفظ جي معنيٰ جهُڙ ۽ ملار لکي ٿو. (لغات لطيفي، ص:123)

ان لحاظ کان ڊاڪٽر سومري ٻنهي بيتن، نمبر 3263 ۽ 3264 ۾ انهيءَ لفظ جي بلڪل صحيح ترجمانيءَ جو حق ادا ڪيو آهي، اسان کي ڳڻتي آهي ته شاهہ جي رسالي ڊاڪٽر بلوچ ۽ سندس لغت ’روشني‘ جنهن ۾ ’سولي‘ لفظ جي چار دفعا معنيٰ ڏني وئي آهي، اها سوز صاحب کي ڇو نظر نه آئي، خبر ناهي ته سندس اکين تي ڪهڙي عينڪ چڙهيل آهي!

Scanned with CamScanner

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ سوز صاحب 'سرلي' لفظ جي جيڪا معنيٰ 'نسبي' عورتن جي ڪنن ۾ پائڻ وارو زيور ٻڌائي آهي، اها بيت سان ميل ڪائي ٿي يا نہ؟

سر سارنگ ۾ اهو بيت هن ريت آهي:

سڄو صاف نہ ايري، سرلي وڇان سڄ،
منهن چڙهئو ڪي ماڙهئين، ڏئي واڏايون وڄ،
هينئڙا ڪپ مَ ڪڄُ، سگها ملندءِ سپرين.

ڊاڪٽر سومري واري سمجهاڻي: (مينهن جي مند آهي سڄو آسمان بادلن سان ڍڪيل آهي) سج اهڙي جهڙالي موسم ۾ ورلي پوريءَ ريت ظاهر ٿئي ٿو. بلڪ آسمان ۾ ڪِنوڻ ڪلندي مٿان ئي مٿان هيٺ ڌرتيءَ وارن ڪي واڏايون پئي ڏئي. (اهڙي خوشگوار ماحول ۾) اي دل تون اجايو پريشان نہ ٿيءُ. (الڪو ۾ ڳٽتي نہ ڪر) اميد تہ تو ڪي پنهنجا پرين جلدي ملي ويندا.

سوز صاحب واري معنيٰ عورت جي ڪن ۾ نسبي (زيور) جو خيال ڪريو. ان مان سج ڪيئن ظاهر ٿيندو يا ڏسڻ ۾ ايندو. صاف ظاهر آهي تہ هتي سرلي جي معنيٰ جهُڙالي موسم آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن سج ڏيکاري ڏئي ٿو. ڏسو تہ سڄي بيت ۾ مينهن ۽ جهڙالي موسم ۽ ان ۾ ڪنوڻ جي تجلين ڏيڻ جو منظر چٽيل آهي.

سُر سارنگ جو هڪ ٻيو ٻن سٽن وارو بيت آهي:

سرلي سونهن سي، جن گهر ڪٽ سڄڻ سپيرين،
جي وانديون ورن ري، تن ڪي مينهن ميڙيا.

هتي بہ ساڳيو منظر آهي ساڳيو لفظ آهي، جهڙالي موسم جو ذڪر آهي تہ جهڙالي سهڻي موسم ۾ اهي سهاڳڻيون خوش آهن يا ڀهڪن پيون جن جا ور ساڻن گڏ آهن، اهڙيءَ طرح جيڪي ويچاريون اڪيليون هيون، مينهن جي موسم ۾ سندن ور بہ موٽي آيا آهن.

هاڻي هنن ٻنهي بيتن ۾ اهو 'سرلو' لفظ هو. جنهن جي معنيٰ سوز صاحب عورتن جي ڪنن ۾ پائڻ وارو هڪ زيور 'نسبي' ٻڌائي، جيڪا لغوي معنيٰ تي سگهي ٿي، پر ڏسڻو آهي تہ هتي ان لفظ جي ڪهڙي معنيٰ ميل ڪائي ٿي ۽ اهو ڪهڙي مفهوم ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. صرف لغوي معنيٰ تي ڀاڙڻ اڻ ڇاڻائي ۽ شاهہ جي سهڻي بيت سان زيادتي ڪرڻ آهي.

Scanned with CamScanner

مٿي جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، تن مان چٽيءَ ريت معلوم ٿي وڃي ٿو ته سوز صاحب ڪيئن حرفت سان مثنوي معنوي جا اهي ساڳيا شعر پنهنجي ڪتاب ’ٻولي ڀڄهارت‘ ۾ آندا آهن، جيڪي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو اڳ ڏيئي چڪو آهي، جڏهن ڪانئس اڳ هڪ شارح اهي شعر ڏنا آهن، ته پوءِ اهي ساڳيا شعر پنهنجي قابليت جي ڪاتي ۾ آڻڻ ڪهڙو ڪمال آهي؟

اهڙي ريت سوز صاحب پروفيسر غلام رسول اڪرم جون ڏنل معنائون پڻ پنهنجي جاکوڙ، محنت ۽ قابليت ۾ شمار ڪيون آهن، پر ڪو حوالو نه ڏنو آهي. ڪيس ائين نه ڪرڻ کپندو هو، ڇاڪاڻ ته اهو عمل سندس تحقيق کي داغدار بڻائي ٿو. اميد آهي ته سوز صاحب جڏهن ڪو ٻيو ڪتاب لکندو ته اهڙي عمل کان پاسو ڪندو.

***

Scanned with CamScanner

سر ڪيڏاري تي بحث

سوز صاحب سُر ڪيڏارو (جنگ جو ميدان) عنوان ڪان پوءِ لکيو آهي تہ لطيف سائينءَ جي ٻولي ۽ معنوي حيثيت کي پرکڻ لاءِ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هيٺيان اٺ اصول مقرر ڪيا آهن.

1. رسالن جي تعداد جو معيار
2. رسالن جي قدامت جو معيار
3. رسالن جي ٻيٽ جو معيار (سوز صاحب ٻيٽ بجاءِ بيتن لکيو آهي)
4. سنڌي ٻولي ۽ بيان جي سهڻائيءَ جو معيار
5. اعليٰ شاعريءَ جو معيار
6. بيان جو معيار
7. اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار
8. معنيٰ ۽ مفهوم جو معيار (ص:307)

سوز صاحب جي اطلاع لاءِ عرض تہ ڊاڪٽر بلوچ اهي معيار مقرر ڪرڻ ڪان پوءِ لکيو آهي: ”اهي معيار جيئن تہ علمي ۽ ادبي تنقيد جا معيار آهن، انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ جيڪو محقق يا تنقيد نگار انهن معيارن تي ڪلام کي پرکي، سو خود پاڻ ۾ بہ انهن معيارن جي ماهيت کي سمجهڻ جي صلاحيت رکندو هجي. جيڪڏهن سندس علمي ادبي لياقت معيار ڪان گهٽ آهي تہ اهي معيار سندس ڪا خاطر خواه مدد ڪري نہ سگهندا. جيڪڏهن ڪنهن کي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جي صحت جي سڌ ناهي، بيان جي سهڻائي جي پوري پروڙ ناهي. سنڌي بيت ۽ وائي جي شاعرانہ معيار جو شعور ناهي، يا معنيٰ جي خوبي جي خبر ناهي ۽ فهم ۽ فڪر جي بلندي جي جاڻ ناهي، تہ نہ هو معيارن جي تقاضائن کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندو ۽ نہ وري ڪي صحيح نتيجا ئي ڪڍي سگهندو. شاهہ جي ٻولي، بيان، شعر ۽ فڪر کي پرکڻ لاءِ ضروري آهي تہ پرکيندڙ ڀريائين پاڻ ۾ ٻولي ۽ بيان، شعر ۽ معنيٰ، اعليٰ فهم ۽

Scanned with CamScanner

فڪر کي سمجھڻ واري صلاحيت پيدا ڪري، ڇو تہ ڪنهن بہ معيار مطابق پرک جو آخري فيصلو بهرحال پرکيندڙ کي ئي ڪرڻو آهي.

ان ڪان پوءِ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو: ”راقم کي پنهنجي ذاتي تجربي مان معلوم ٿيو تہ شاھ جي پنهنجي ڪلام کي پرکڻ لاءِ وڏي ڄاڻ جي ضرورت آهي. ڄاڪاڻ جو شاھ جو ڪلام ساڳئي وقت سولو بہ آهي تہ ڏکيو بہ! راقم کي اهو احساس شاھ جي رسالي تي گذريل ٽيهن کن سالن جي وڏي عرصي ۾ ڪم ڪندي ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي ادبي ذخيري ۽ رسالن جي مطالعي، عوامي لوڪ ادب جي وسيع ڄاڻ، جامع سنڌي لغات تي سالن جي محنت، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ بابت تحقيقي مطالعي ۽ شاھ جي رسالي بابت وڏن ڄاڻو فقيرن سان سالن جي صحبت بعد، ائين ڀانئجي ٿو تہ شاھ جي ڪلام کي پرکڻ جو ذراکو شعور پيدا ٿيو آهي. جنهن جي آڌار تي شاھ جي بيتن ۽ واين ۽ رسالن ۽ رسالي ۾ شامل ٻئي ڪلام جي وچ ۾ فرق ڪري سگهجي ٿو. (ص:39-40) جلد ڏهون، حوالو ڏنل آهي.

هاڻي پڙهندڙ پاڻ منصف ٿي ٻڌائين تہ ايڏو ڪشالو ڪهڙي عالم، اديب ۽ شاھ جي شارح ڪيو آهي؟ ۽ اهڙا اعليٰ علمي ادبي معيار مقرر ڪري ۽ انهن معيارن جي مڪمل ڄاڻ ۽ شعور حاصل ڪري ڪهڙي عالم شاھ جو رسالو تيار ڪيو آهي؟ ڪهڙي عالم جي آڏو پنجاھ قلمي نسخا رهيا؟ ڪهڙي عالم لڳاتار ٽيهہ ورهيہ شاھ جي رسالي تي عشق ۽ محبت سان تحقيق ڪئي آهي؟ ڪهڙي عالم، محقق ۽ شاھ جي شارح شاھ لطيف جي ڪلام جي ڄاڻو ۽ پارکو فقيرن سان سالن جا سال ڪچهريون ڪري معلومات حاصل ڪئي آهي؟ ڪهڙي عالم سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، لوڪ ادب ۽ لغات تي هيڏو وڏو ڪم ڪيو آهي؟

ڏونگر نہ ڏوري، سڪڻ جون سڏون ڪري،
ويٺي گهر گهوري، چنڊڙو ڄام پنهونءَ تان.

ايڏي مطالعي ۽ محنت جي باوجود ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي: ”ائين ڀانئجي ٿو تہ شاھ جي ڪلام کي پرکڻ جو ذراکو شعور پيدا ٿيو آهي.“ يعني مٿن مان ماسو مس ملپيو آهي، پوءِ بہ ههڙي عالم تي اسان جا اديب سدائين ڪاوڙيل رهن ٿا، تہ هيءَ پڙهڻي غلط آهي، هيءَ معنيٰ غلط آهي، اسان هيءُ بيت رسالن ۾ هيئن پڙهيو آهي، وغيره وغيره. پر ڪاوڙ واري عينڪ لاهي، بغض جو بُوسو پري ڪري فراخ دل تي ڪنهن جي ڪشالي، پورهيي ۽ محنت جو کلي دل سان داد تہ ڏيو. پوءِ ڀلي علمي انداز سان تنقيد ڪيو.

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر صاحب پنجاهه قلمي نسخن جو مواد ڏيئي ويو آهي. اها ڪا معمولي ڳالهه آهي؟ هُو اشراف اهو بہ چئي ويو آهي: ”هت اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ: تحقيق ۽ تنقيد جي اعليٰ معيارن جي پرک سان وڏي سوچ ويچار بعد ’شاهه جي ڪلام‘ ۽ ’رسالي جي ڪلام‘ کي جدا ڪيو ويو آهي. موجوده ڄاڻ ۽ مسلسل تحقيق مطابق شاهه جي رسالي جي جامع مستند متن جون اهي بہ جدا پر مڪمل ۽ صاف صحيح صورتون آهن. يعني ’شاهه جو ڪلام‘ ۽ ’رسالي جو ڪلام‘. جيڪڏهن آئنده ڪي ٻيا وڌيڪ معتبر قلمي رسالا دستياب ٿيا تہ انهن جي روشني ۾ انهن ٻن صورتن کي اڃا بہ وڌيڪ پرکي ضروري ترميم ڪئي ويندي، پر جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ پنهنجي ذوق ۽ ذهن مطابق، ’رسالي جو ڪلام‘ ۾ شامل ڪنهن سُر، داستان، بيت يا وائي کي شاهه جو ڪلام ڪري سمجهي، يا ’شاهه جو ڪلام‘ ۾ شامل ڪنهن سُر، داستان، بيت يا وائي کي ’رسالي جو ڪلام‘ ڪري سمجهي تہ هو اختيار وارو آهي. (جلد ڏهون، ص:111)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجو وارو وڄائي ويو. تحقيق ۽ تنقيد جا دروازا سدائين کليل رهندا آهن، اهي ڪڏهن بند نہ ٿيندا آهن. هاڻي ڪو جاکوڙي جاڳي ۽ ڊاڪٽر بلوچ واري شاهه جي رسالي ۽ ان جي لغت ’روشني‘ کان وڌيڪ انهن موضوعن تي بهترين ڪم ڪري ڏيکاري، تہ تمام گهڻي خوشي ٿيندي. پر افسوس جو ان انداز سان اهڙو معياري ڪم اڃا تائين ڪو بہ ڪري نہ سگهيو آهي.

هيءَ حقيقت آهي تہ شاهه جي ڪلام جي قلمي توڙي ڇاپي نسخن/رسالن ۾ ڪافي ٻين شاعرن جو ڪلام موجود آهي. جنهن جو اعتراف وڏن عالمن، شاهه جي شارحن مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، ليلا رام وتڻ مل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولوي دين محمد وفائي ۽ ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي پڻ ڪيو آهي. اهو ڌاريو ڪلام ڌار ڪري گربخشاڻي شاهه جو رسالو تيار ڪيو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي رسالي ۾ آيل ٻين شاعرن جو ڪلام هڪ هنڌ محفوظ ڪري ’رسالي جو ڪلام‘ عنوان سان ڏهون جلد تيار ڪيو ۽ شاهه جي ڪلام جو مستند نسخو تيار ڪيو.

سوز صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي: ”ڀٽائي جي بيت کي سمجهڻ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪي ماڻ ماپا يا اصول قائم ڪيا آهن، ڪٿي ڪٿي انهن اصولن کان پاڻ رو گرداني ڪري ويو آهي. انهن قائم ڪيل معيارن جي ابتڙ هلندڙ ڳالهيون ڪجهہ اڻ وڻندڙ ۽ شڪ شبها پيدا ڪندڙ محسوس ٿين ٿيون، جيڪي ڀٽائي جي بيتن سان ڪنهن حد تائين هٿ چراند، هٿ ٺوڪيا يا خود ساخت خيالات پيش ڪرڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.“ (ص:307)

Scanned with CamScanner

اها سوز صاحب جي سطحي سوچ آهي، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي ڪلام کي پرکڻ جا جيڪي معيار مقرر ڪيا آهن، سوز صاحب انهن معيارن جي ماهيت کي سمجهي نه سگهيو آهي، تنهنڪري هن اهڙي اچاتري راءِ ڏني آهي.

سوز صاحب 'ڪيڏارو' جي حوالي سان ڪاوڙ مان ڊاڪٽر بلوچ تي ٻيا به اعتراض ڪيا آهن، جيڪي هتي نمبر وار پيش ڪري، انهن جو جواب ڏنو ويندو.

جڏهن ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاڻ قبول ڪندي لکي ٿو: ''سُر ڪيڏارو' ٻين سُرن وانگر رسالي جي سيني آڳاٽن نسخن ۾ موجود آهي ۽ وري فرمائين ٿا ته، ٿي سگهي ٿو ته ان جا ڪي بيت پٽ ڏٺي پنهنجن فقيرن آڏو پڙهيا هجن پر شروع کان اها ڳالهه شڪ گاڏئين رهي آهي.'' (ص:307)

سوز صاحب هيءُ اقتباس محمد حسين ڪاشف جي ڪتاب 'شاهه جو ڪلام' مقدار يا معيار' جي ص:62 تان ورتو آهي. اهو ڪتاب ثقافت کاتي سنه 2013ع ۾ ڇپرايو هو.

هينئر سوز صاحب جا اٺاريل اعتراض پيش ڪجن ٿا:

1. ''جڏهن مانُوارو محقق ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاڻ قبولدار آهي ته ڪيڏارو ٻين سُرن وانگر سيني آڳاٽن نسخن ۾ موجود آهي ته پوءِ اهي ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا جو 'ڪيڏاري' کي ڏيهه نيڪالي ڏيئي، شاهه جي رسالي مان ڌڪي ڌار ڪيو ڇڏجي! جيڪا ڳالهه وسهڻ جوڳي ڪانهي، جيڪا صاحب موصوف جي خود خيالي ۽ من گهڙت تصور ڪري سگهجي ٿي.''

2. ''ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مختلف سُرن جي بيتن کي خارج ڪرڻ لاءِ هيءُ انوکو دليل پيش ڪيو آهي ته هي بيت ڪنهن سگهڙ جا چيل آهن.'' يا انهن بيتن ۾ ڪا سلوڪ واري معنيٰ ڪانه آهي. اهڙن دليلن کي مستند درجو نه ٿو ڏيئي سگهجي.''

3. پڇاڙيءَ جا پارکو ڊاڪٽر صاحب کان اهو سوال پڇڻ لاءِ حق بجانب آهن ته ڇا ڀٽائي پنهنجي صوفياڻي زندگيءَ جي مختلف ادوار ۾ هر لمحي هر گهڙي وجد 'سُڪر' يا 'استغراق' واري ڪيفيت ۾ رهندو هو؟ يا وري ڪنهن 'محو' جي حالت ۾ رهيو هوندو؟ اهي اهم سوال آهن، جن جي جواب ڏيڻ کان ڊاڪٽر صاحب قاصر رهيو آهي.'' (ص:307-308)

هينئر سوز صاحب جي اٺاريل اعتراضن ۽ اجاين الزامن جو نمبر وار جواب ڏنو وڃي ٿو.

1. شاهه جي رسالي جي آڳاٽن نسخن ۾ برابر ڪيڏارو موجود آهي. پر انهن آڳاٽن نسخن ۾ سُر شينهن ڪيڏارو، سُر بيراڳ، سُر مانجهه، سُر ڍول مارو، سُر

Scanned with CamScanner

جاڄڪاٽي، سُر ڏناسري، ٽيهه اڪريون ۽ ٻيو ڪيتروئي هندي ۽ فارسي ڪلام موجود آهي، ته ڇا اهو به ٻڌائي جو سمجهڻ گهرجي؟

2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مختلف بيتن ۽ واين کي شاهه جي مستند رسالي ۾ ان ڪري شامل نه ڪيو آهي، جو اهو ڪلام مقرر ڪيل علمي ۽ تحقيقي معيارن تي پورو نه ٿو بيهي. پر افسوس جو مينهون خان انهن معيارن جي ماهيت کي سمجهڻ کان قاصر آهي، نه ته اها ڳالهه هرگز نه ڪري ها.

3. ڊاڪٽر صاحب جڏهن جيئرو هو ته کو ڪانئس اهي سوال پڇي ها، پر اهي سوال پڇڻ جي ضرورت ئي نه آهي، ڇاڪاڻ ته بلوچ صاحب شاهه جي رسالي جي ٻهرين جلد ۾ شاهه صاحب جي سوانح عمري تفصيل سان لکي آهي. ان ۾ انهن سيني سوالن جا جواب موجود آهن. افسوس جو اسان جا عالم اديب ۽ محقق شاهه صاحب واري اها مفصل سوانح پڙهن ئي ڪو نه ٿا تنهنڪري اجايا اعتراض ڪن ٿا ۽ الزام ڏرن ٿا.

سوز صاحب ڪيڏاري بابت پنهنجي طرفان ڪي دليل ڏنا آهن ۽ محمد حسين ڪاشف جي ڪتاب 'شاهه جو ڪلام' مقدار ۽ معيار ' تان جيڪي حوالا ورتا آهن. سي پڙهندڙ سوز صاحب جي ڪتاب جي ص:309 ۽ 310 تي ڏسي سگهن ٿا ۽ سمجهي سگهن ٿا ته انهن ۾ ڪيترو وزن آهي؟ علمي ۽ تحقيقي اصولن موجب حوالو هميشه اصل ماخذ تان وٺڻ گهرجي. پر سوز صاحب ثانوي ماخذ تان حوالو ورتو آهي.

افسوس جو مون کي وري وري اها ڳالهه مجبوراً چوڻي پوي ٿي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪيڏاري بابت ڪيل تحقيق جيڪا 'شاهه جو رسالو، جلد ڏهون' رسالي جو ڪلام' ۾ موجود آهي، سا پڙهڻ ۽ ويچارڻ کان سواءِ نام نهاد نقاد سطحي مطالعي جي آڌار تي پنهنجي راءِ هرويرو مڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ظاهر آهي ته جڏهن مطالعو سطحي هوندو ته راءِ به سطحي هوندي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'شاهه جو رسالو – رسالي جو ڪلام' جلد ڏهون ۾ ڪيڏاري بابت تفصيلي بحث ڪري، مثالن ۽ دليلن سان ڪي نتيجا نروار ڪيا آهن، اهو بحث ص:19 کان ص:37 تائين ڏنل آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ٻهريائين سُر ڪيڏاري بابت مختلف روايتون ۽ رايا ڏنا آهن، جن ۾ مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، ليلا رام وٺڻ مل لالواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولوي دين محمد وفائي، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي، علامه آءِ. آءِ قاضي جا رايا شامل آهن. انهن عالمن جي راين جي روشنيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب 'سُر ڪيڏاري' جي صحيح حقيقت تفصيل سان بيان ڪئي آهي. اهو سمورو احوال محققن کي جلد ڏهين ۾ ڏسڻ گهرجي. هتي انهن مان مختصر طور ڪيڏاري بابت ڪي ڳالهيون پڙهندڙن آڏو پيش ڪجن ٿيون:

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي تہ: ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کان پوءِ جنهن عالم ڪيڏاري بابت لکيو ۽ پڻ وڏيڪ تفصيل سان بحث ڪيو، سو هو مولوي دين محمد وفائي، جنهن سنہ 1950ع ۾ پنهنجو ڪتاب 'لطف اللطيف' شايع ڪيو، جنهن ۾ 'ڪيڏاري جي سُر تي هڪ نظر' جي عنوان هيٺ هيٺينءَ ريت بحث ڪيل آهي.

مرزا قليچ بيگ صاحب 'احوال عبداللطيف' ۾ جو سال 1887ع ۾ لکيو آهي، تنهن ۾ ڪيڏارو شاهہ صاحب جو چيل لکيو اٿس. ان کان پوءِ 1920ع ۾ مرزا صاحب ان بابت ڪجهہ مونجهاري ۾ پئجي ويو آهي. تہ اهو سُر شاهہ صاحب جو چيل آهي يا شاهہ صاحب جي همعصر احسان فقير هالائي جو، بلڪ مرزا صاحب جي هڪ خط مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ آخر ۾ هن صاحب انهيءَ سُر جي گهڻن بيتن بابت انڪار ڪيو آهي تہ اهي شاهہ صاحب جا چيل نہ آهن. حقيقت هن ريت آهي تہ ميان محمد صالح پٽي بزرگ هالائي 20 مارچ 1920ع[1] سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان مرزا صاحب کي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ لکيو اٿس:

"فيبروري 1918ع ۽ 1919ع ڪاليج مخزن ۾ احسان فقير بابت ڪجهہ لکيو ويو هو... سنڌي ساهتيہ وارن جي تقاضا کان مجبور ٿي (احسان فقير جا) سپيئي بيت ڪتابي صورت ۾ لکي ڏيڻ جو ڪين انجام ڪيو اٿم، پر ان ڪتاب کان اڳ اوهان جي تصحيح لاءِ موڪليان ٿو.... هي بيت ذوالحج جي عيد نماز بعد ڪيترا فقير احسان فقير جي پڙ تي (هالن پراڻن ۾) ڳائيندا آهن. اهو رواج ورهن کان هلندو اچي. ڳائيندڙ اڪثر بي علم آهن، تنهنڪري غلطي ناممڪن نہ آهي. مون جيئن ٻڌا آهن تيئن ويهي لکيا آهن.... نوازش فرمائي درستيون ڪري ڪتاب بيرنگ پارسل طور موڪليندا."

مرزا صاحب جواب ۾ لکڻ فرمايو آهي:

"صاحب! جواب ۾ سلامن بعد لکجي ٿو تہ:

1. اوهان جي لکڻ موجب ڪتاب پڙهيو ويو ۽ اصلاح ڪئي وئي، احسان فقير جو ڪيڏارو مون وٽ بہ هو. انهيءَ سان مقابلو ڪري سڌار ڪئي وئي. جيڪي بيت اوهان نہ لکيا هوا ۽ هن (مون واري رسالہ ۾ هوا) سي بہ صاف صفحن تي نمبر وار لکيا ويا آهن"
2. جيڪي بيت شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل آهن، تن تي ڳاڙهي پينسل جو نقطو ڏنو ويو آهي.
3. جدا جدا پڙهٽيون جي رسالہ ۽ مون واري ڪتاب ۾ هيون. سي بہ هيٺان ڏنيون ويون آهن.

---

[1]. ڪتاب لطف اللطيف ۾ ويهين (20) مارچ ڇپيل آهي، پر صحيح تاريخ 2 يا 12 مارچ هوندي ڇاڪاڻ جو مرزا صاحب هن خط جو جواب 18 مارچ تي ڏنو آهي.

Scanned with CamScanner

4. ڏسڻ ۾ ايندو تہ احسان فقير جي بيتن ۾ اسماعيل[1] ۽ جيندل ۽ ڪن ٻين جا بيت بہ آهن. يا انهن جون اهي مصراعون ڏنل آهن جيئن شاهہ جي رسالي ۾ ٻين جا بيت يا انهن جون اهي مصراعون ڏنل آهن.

اوهان جي ڪتاب ڏسڻ ۽ درستي ڪرڻ ۾ البت تڪليف ورتي وئي آهي اميد تہ اها سجائي ٿيندي.

زياده سلام

قليچ، مارچ 1918ع

احسان فقير جو رسالو، جنهن کي مرزا صاحب درست ڪيو آهي، سو منهنجي سامهون آهي، مرزا صاحب احسان فقير جي رسالي جي جن بيتن تي ڳاڙهي پينسل سان نشان ڪيا آهن تہ اهي احسان فقير جا آهن ۽ پوءِ شاهہ صاحب جي رسالي ۾ درج ٿي ويا آهن. سي سمورا 43 بيت آهن. هوڏانهن شاهہ جي رسالي واري سُر ڪيڏاري ۾ ڪُل 70 بيت آهن، جنهن مان 43 بيت ڪڍيا وڃن، جي مرزا صاحب جي تحقيق موجب احسان فقير هالائي جا چيل آهن، تہ باقي 27 بيت بچن ٿا. انهن 27 بيتن بابت وري هيٺ ٻي تحقيق پڙهو. مير عبدالحسين سانگيءَ لکيو آهي تہ سُر ڪيڏارو جو ڇهون فصل فتح فقير جو چيل آهي. فرمائي ٿو[2] "سُر ڪيڏارو شاهہ عبداللطيف جو چيل آهي، پر ان جو ڇهون داستان (يا فصل) فتح فقير جو جوڙيل آهي، جو سنڌي زبان جو هڪ شاعر هو ۽ سندس چوڻ تي فقيرن ياد ڪيو ۽ آخر ۾ رسالي ۾ داخل ٿي ويو! انهيءَ فتح فقير واري داستان جو شروعاتي بيت آهي:

ڪؤنر ڪلي جا ڪوڏيا جان ڪيائين جيءُ،
مٿان اُڙن اُسري رڪ پيالو پيءُ،
ڳاهہ ڳجهين جو ٿيءُ، ويئي جن ورهہ ٿيا.

---

[1]. اسماعيل فقير احسان فقير جو فرزند هو، ۽ اسماعيل جو پٽ گدا علي فقير، ان ڪان پوءِ انهن فقيرن جي پيڙهي ختم ٿي وئي. اسماعيل بہ سنڌيءَ جو شاعر هو.

[2]. ڊاڪٽر بلوچ صاحب مير سانگي جي فارسي ۾ لکيل ڪتاب جي فارسي عبارت بہ ڏني آهي، پر مون ان جو فقط ترجمو ڏنو آهي. (ن. ش)

Scanned with CamScanner

هن شعر جو نمونو ۽ بيهڪ خود شاهد آهي (ته شاهه صاحب جو ڪلام نه آهي) اهي بيت سال 1250 هجري ۾ رسالي شريف ۾ درج ڪيا ويا جو مصنف پاڻ جئرو هو ۽ مير صاحبن جي اسلامي حڪومت هئي." [1] (لطائف لطيفي)

انهيءَ فصل يا داستان ۾ جيڪو فتح فقير جو چيل آهي، ڪُل 19 بيت آهن. هاڻي انهن ڪي به باقي رهيل 27 مان ڪانيو ويندو ته فقط اڻ بيت وڃي رهندا جن بابت يقيني طرح سان چئي ئي نه سگهبو ته ڪو (ڪيڏارو) شاهه صاحب جو چيل آهي، پر جيڪڏهن هيئن چيو وڃي ته شاهه صاحب جو چيل ئي نه آهي ته ڪنهن حد تائين درست ٿي سگهي ٿو.

(شاهه جو رسالو (جلد ڏهون) رسالي جو ڪلام، شارح ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (ص: 22 کان 25 تائين) علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد، سنڌ 1996ع.)

مٿي مير عبدالحسين سانگي ۽ مرزا قليچ بيت جي ڪتابن جا حوالا ۽ مرزا قليچ جو هڪ خط ڏنو ويو آهي، اهي صاحب نه صرف وڏا عالم اديب، شاعر، محقق ۽ شاهه جا عاشق هئا، پر اهل تشيع به هئا. محمد حسين ڪاشف مرحوم جلد ڏهون ضرور پڙهيو هوندو، پر هن ڇاڻي واڻي اهي حوالا نه ڏنا آهن. جيڪا چالاڪي نه پر علمي بدديانتي چئي سگهجي ٿي. سنڌس فرض هو ته اهي حوالا ڏيئي، پوءِ سگهارن دليلن سان انهن ڳالهين جو رد ڏيئي پنهنجو مؤقف صحيح ثابت ڪري ها.

سوز صاحب به رڳو ڪاشف جو ڪتاب پڙهي، اها ساڳي ڪاشف واري واٽ ورتي آهي، پر پنهنجي پاران ڪا تحقيق نه ڪئي آهي.

انهن حوالن ۽ ٻين عالمن جي حوالن کان پوءِ ثابت ٿي ويو ته شاهه صاحب جي سُر ڪيڏاري وارا بيت گهڻي ڀاڱي احسان فقير جا آهن ۽ هڪ داستان فتح فقير جو چيل آهي، پر ڪنهن به محقق احسان فقير بابت تفصيلي معلومات نه ڏني آهي. ڊاڪٽر بلوچ احسان فقير جو پيرو ڪٺي مفيد معلومات ڏني آهي. ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي ته، "احسان فقير جو مرشد سيد عبداللطيف قادريؒ هو، جنهن جي ترغيب ۽ تلقين سان ذڪر ۽ سماع جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن ۾ ڪيڏارو ڳايو ويو، ان مان اها ڳالهه سمجهه آئي ته هالن پراڻن جو بزرگ سيد عبداللطيف جيڪو قادري طريقي جو شيخ ۽ مرشد هو، تنهن جي ذڪر ۽ سماع جي سلسلي مان ڪيڏارو شروع ٿيو، جنهن ڪي پوءِ

---

1. فتح فقير ڪلهوڙن تالپرن جي پوئين زماني ۾ حيدرآباد ۾ اوتارو وجهي اچي ويٺو هو. پڪو سُني هو ۽ مير صاحب اگرچه شيعت ڏانهن مائل هوا، پر فتح فقير جي اوتاري جي لنگر جو خرچ ڏيندا هوا ۽ سندس گهڻو سهندا هوا. سال 1259 هجري ۾ وفات ڪيائين.

Scanned with CamScanner

سيد عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪيڏارو سمجهي، فقيرن شاهه جي رسالي ۾ داخل ڪيو ۽ پوءِ راڳ ۾ ڳايو.

ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي ته سيد عبداللطيف قادري جي ذڪر ۽ سماع تي وڌيڪ تحقيق ڪندي سندس سجاده نشين وٽ سانديل شجري کي ڏسڻ جو موقعو مليو، ان ڪان سواءِ اتي جي عمر رسيدن بزرگن ۽ سلسلي جي فقيرن جي بيانن توڙي خانقاه ۽ حضرت شيخ جي مقام ۽ مزار جي معائني مان جيڪي معلومات مليا، تن جي روشنيءَ ۾ مختصر طور تي سُر ڪيڏاري جي تاريخي حقيقت بابت هيٺ وضاحت ڪجي ٿي. سيد عبداللطيف قادريءَ جي ذڪر ۽ سماع بابت ڪافي معلومات هن ڪان اڳ راقم جي تصنيف ڪيل ڪتاب 'سنڌي موسيقي جي تاريخ' ۾ اچي چڪا آهن ۽ اتي ڏسڻ گهرجن.

تصوف جي قادري طريقي جي باني مباني، جناب پير دستگير حضرت عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هڪ بزرگ شهاب الدين قاسم نالي ڏهين صدي هجريءَ ۾ بغداد مان سنڌ ۾ آيو ۽ هت خاص طرح ڀيان ۽ هالا قبيلن وارا سندس مريدي خادمي ۾ داخل ٿيا. هو صاحب وقت بوقت سنڌ ۾ پئي آيو ۽ وري واپس بغداد تي ويو. سندس فرزند عبداللطيف غالباً سنڌ ۾ ڄائو ۽ ٻال جتيءَ ڪان وٺي سنڌ ۾ رهيو. تان جو ڀيان ۽ هالا قبيلن مان سندس شاديون ٿيون ۽ هن هالن کي پنهنجي قادري طريقي جي تلقين ۽ تبليغ جو مرڪز بڻايو. هو پنهنجي وقت جو وڏو ولي ٿيو ۽ پڻ وڏي اولاد وارو ٿيو. مير علي شير قانع ٺٽوي 'تحفة الڪرام' ۾ هالا ڪنڊيءَ جي هن مشهور بزرگ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"سيد عبداللطيف اتي جي آڳاٽن بزرگن مان آهي. سندس مقام ۽ مزار جداگانه آهي، جتي ڪئين عقيدت مند ڀيروڪن ٿا. پويان گهڻو اولاد ڇڏيائين، جن مان هن وقت (ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾) سيد فتح محمد دستاربند پير آهي. ٻيو اولاد ٻين جاين تي پکڙيل آهي ۽ ڳوٺ گجڻ ۾ رهي ٿو."'تحفة الڪرام' ص:283، سنڌي ادبي بورڊ سنه 1989ع) سيد عبداللطيف جو مقام ۽ مزار جنهن جو قانع ذڪر ڪيو آهي. سو پراڻن هالن ۾ الهندي طرف ويندڙ رستي جي اترين طرف آهن. سيد عبداللطيف جي مزار هڪ ٿلهي تي آهي، جنهن تي ڪاشيءَ جي سرن جو جيڪو ڪتبو سن 1985ع ۾ موجود هو ۽ راقم پڙهيو، تنهن جي عبارت هيٺين طرح هئي:

وسال مرحوم مغفور ميان
غوث الثقلين حُجه الحق علي
الخلق قطب الڪونين ڪريم
الطرفين حضرت سيد عبداللطيف شاهه حسني حسيني قادري قدس سره (بن)

Scanned with CamScanner

حضرت شهنشاهہ شهاب الدين (قاسم)

قدس سره بتاريخ 5 — رجب — 1075 ھ

ڪتبي جي هن عبارت ۾ سيد صاحب جي نالي بابت جنهن احترام جو اظهار ڪيل آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سيد عبداللطيف شاهہ قادري پنهنجي وقت ۾ وڏي مانَ مرتبي وارو ولي هو. اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ سيد عبداللطيف قادري، شاهہ عبداللطيف جي ولادت (1102ھ) کان ستاويهہ سال ڪن اڳ 1075ھ ۾ وفات ڪئي. سندس وڏي خليفي احسان فقير لانگاهہ جي قبر سيد عبداللطيف واري مزار کان ڏيڍ سئو فوٽ ڪن ڏکڻ — اولهہ جدا ٿلهي تي آهي.

سيد عبداللطيف جي ذڪر ۽ سماع ۾ ڪيڏاري ڳائڻ واري روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن بزرگ پنهنجي قادري طريقي ۾ امامن سڳورن جي عزت عظمت ۽ سندن غم کي خاص اهميت ڏني. سنڌ ۾ صدين کان وٺي اها روايت هلندي آئي آهي جو سڀ امامن سڳورن ۽ اصحابن سڳورن جي عزت ڪندا هئا. سيد عبداللطيف پنهنجي قادري طريقي جي تلقين ۾ ذڪر سان گڏ سماع ۾ ڪيڏاري ڳائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. سندس پنهنجي چيل بيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شروع ۾ غالباً ڪيڏارو ۽ سُر ڌناسري سماع طور ڳايو ويو.

سيد عبداللطيف قادري طريقي جو وڏو شيخ يا مرشد هو. انهيءَ ڪري حضرت شيخ جي لقب سان مشهور ٿيو. ان سان گڏ هو عالم ۽ پڻ سنڌي بيتن جو شاعر هو. هيٺيان بيت جيڪي پنهنجي جد امجد ۽ قادري طريقي جي باني جناب حضرت عبدالقادر جيلاني جي ثنا ۽ تعريف ۾ چيائين، جيڪي سندس ذڪر ۽ سماع ۾ پڻ ڳايا ويا، سي شاهہ جي رسالي جي سُر ڌناسري ۾ موجود آهن.

ميران شاهہ مدد تي، دانَهہ سُٺي دادي،
آهين عبداللطيف جو، حسني تون هادي،
بادشاهہ بغدادي، ڪر ڪا ماڙ مريد تي.

*

ميران شاهہ مدد تي، محي الدين مَلهي،
آهين عبداللطيف جو، وسيلو ولي،
حسني پير هلي، ڪر ڪا ماڙ مريد تي.

*

ميران شاهہ مدد تي، تون جيلاني جاڳ،
غوث خطائون گم ڪر پير اسان ڏي ياڳ،
سگهو وا سياڳ سائينءَ لڳ سيد چئي.

*

Scanned with CamScanner

میران شاهہ مدد ڪر، اچي اوکيءَ ویر،
اچي عبداللطيف چئي، پر پازيءَ ڏي پير،
اولاد عليءَ شير، ڪج ڪا ماڙ مريد تي.

سيد عبداللطيف سندس خانقاهہ جي ذڪر ۽ سماع ۾ سُر ڪيڏاري ڳائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪرايو ان جو اڳواڻ احسان فقير لانگاهہ هو. جيڪو پاڻ شاعر هو ۽ جنهن گهڻا بيت چيا[1] جن مان سُر ڪيڏاري وارا بيت سماع ذريعي مشهور ٿيا. انهيءَ ڪري وقت گذرڻ سان احسان فقير جو چيل ڪيڏارو وڏيڪ مشهوور ٿيو.[2] پر اسماعيل فقير، جاڙي فقير، جئندل فقير ۽ پوءِ گدا علي فقير پڻ ڪيڏاري جا بيت چيا، جيڪي يارهين جي موقعي تي پڙهيا ويا. ان هلندڙ اڳاٽي سلسلي بابت سڀ کان اڳاٽي خبر راقم کي 14 آگسٽ 1994 تي هالن پراڻن جي بزرگ آخوند ولي محمد بن آخوند عبداللطيف (عمر چورانوي سال) کان ملي، جيڪو وڏي يارهين تي حضرت سيد عبداللطيف جي مقام ۽ مزار تي دعا گهرندو آهي. چيائين تہ اسماعيل فقير جي ڪن بيتن ۾ ’امتي اسماعيل چئي‘ نالو ايندو هو ۽ گدا علي فقير جي بيتن ۾ ’گدا چئي‘ نالو ايندو هو. انهيءَ اهڃاڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ احسان فقير وانگر انهن فقيرن جا چيل سڀ بيت محفوظ نہ رهيا آهن.

شاهہ جي رسالي ۾ ’سُر ڪيڏاري‘ جي بيتن بابت فقط ايترو تصديق سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪي بيت سيد عبداللطيف پاڻ چيا هجن ۽ ڪي ڪن ٻين فقيرن چيا هجن: پر گهڻي ۾ گهڻا بيت احسان فقير جا چيل آهن.

مخدوم محمد صالح ڀٽي ۽ مرزا قليچ بيگ ڪوشش ڪئي تہ شاهہ جي رسالي واري سُر ڪيڏاري ۾ شامل احسان فقير جي بيتن جي سڃاڻپ ٿي سگهي. ان سلسلي ۾ مولوي دين محمد وفائي مرزا قليچ بيگ جي ان خط جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو هن مخدوم محمد صالح ڀٽي جي جواب ۾ 18 مارچ 1920ع ۾ لکيو. مرزا صاحب ان خط ۾ احسان فقير جي ڪيڏاري جي انهن بيتن جي سڃاڻپ ڪئي، جيڪي شاهہ جي رسالي جي سُر ڪيڏاري ۾ بہ موجود آهن. انهن خطن کان پوءِ مخدوم محمد

---

[1]. ويندي 1920ع تائين احسان فقير جو چيل ڪيڏارو مخدوم محمد صالح ڀٽي توڙي مرزا قليچ بيگ وٽ جدا لکت ۾ موجود هو. مرزا قليچ بيگ پنهنجي خط ۾ ڄاڻايو تہ: احسان فقير جو ڪيڏارو مون وٽ موجود آهي.

[2]. راقم کي ذڪر ۽ سماع جي اڳواڻ فقير مرحوم محمد يعقوب کان احسان فقير جا ڪي اهڙا بيت بہ مليا جيڪي مرحوم محمد صـ[illegible] ڀٽي جي ڪڏ ڪيل بيتن ۾ شامل ناهن. شاهہ جي رسالي ۾ سُر ڪيڏاري کان ٻاهر ڪي اهڙا بيت آهن جيڪي غور ڪرڻ سان احسان فقير جا پيا لڳن. بمبئي ڇاپي ۾ سُر بلاول هيٺ احسان فقير جي هڪ وائي پڻ ڏنل آهي.

Scanned with CamScanner

صالح پائنجي ٿو تہ وري هڪ ٻيو خط لکيو، جنهن جي جواب ۾ مرزا صاحب 2 اپريل 1920ع تي هيٺيون خط لکيو، جنهن ۾ پڻ رسالي جي سُر ڪيڏاري ۾ شامل احسان فقير جي بيتن جي سڃاڻپ بابت لکيائين.[1]

مهربان ذي شان ميان محمد صالح صاحب دام لطفه

سلامن بعد لکجي ٿو تہ اوهان جو ڪارڊ پهتو. آئون هتي سيوهڻ ۾ ٽن چئن ڏينهن لاءِ گهمڻ آيو آهيان، انشاء الله موٽي ويندس. اهي جيڪي بيت مون خالي صفحن تي لکيا آهن، سي سڀ مون وٽ احسان فقير جي بيتن ۾ لکيل هئا. جن مان ڳاڙهن لفظن وارا رسالي ۾ بہ احسان فقير جا ئي داخل ٿيل آهن. ائين ٿو پائنجي جيئن ٻين سُرن ۾ ڪن ٻين جا بہ داخل ٿيل آهن. جيئندل شاهہ جا بہ احسان فقير جي بيتن منجهہ داخل ٿيل آهن، سي تہ ضرور لکڻ گهرجن. اهڙي ڳالهہ ديباچي ۾ ڏيکاري ڇڏجي تہ بس آهي. آئينده اختيار اوهانجي.

زياده سلام

قليچ بيگ (سيوهڻ)

2 - اپريل 1920ع

خود مخدوم محمد صالح پنهنجي پاڻ رسالي جي سُر ڪيڏاري ۽ احسان فقير جي ڪيڏاري جي بيتن جي ڀيٽ ڪندي ڪي نتيجا پيش ڪيا. 'حضرت شاهہ صاحب جي رسالي وارو سُر ڪيڏارو اڪثر احسان فقير جو چيل آهي. شاهہ صاحب جي رسالي واري سُر ڪيڏاري جي ڇهن فصلن ۾ جملي ٻاهتر بيت ڏنل آهن، جن مان ڀيٽ ڪندي ايڪيتاليهہ بيت احسان فقير جي ڪيڏاري ۾ لين ٿا. باقي شاهہ جي ڪيڏاري وارن ايڪٽيهن بيتن لاءِ خاطري سان ڪجهہ بہ چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪنهن جا چيل آهن. احسان فقير جي ڪيڏاري جا جملي ٻيانوي يا ٽيانوي بيت ٿيا، جن مان ايڪيتاليهہ بيت شاهہ صاحب جي رسالي ۾ سُر ڪيڏاري ۾ لين ٿا ۽ باقي ايڪونجاهہ بيت اهڙا آهن جو هن کان اڳ اشاعت هيٺ نہ آيل آهن. ا.هہ

مخدوم محمد صالح پنهنجي جو مرتب ڪيل 'احسان فقير جو ڪيڏارو' سندس وفات بعد سندس فرزندن محمد امين ۽ محمد اشرف شايع ڪرايو جنهن ۾ هيٺيون مواد شامل آهي.

---

[1]. مرزا صاحب جو لکيل هي ٻيو خط، مخدوم محمد صالح جي فرزندن محمد امين ۽ محمد اشرف جي مرتب ڪيل ڪتابڙي 'ڪيڏارو: الجامع ۽ محقق' (ڇپايل محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد، ۾ شامل آهي.

احسان فقير جو پنهنجو ڪلام 92 بيت، 6 زاريون (وايون)
جيئندل فقير جو ڪلام 11 بيت، 2 زاريون
اسماعيل فقير جو ڪلام 5 بيت
جاڙي فقير جو ڪلام 1 بيت

احسان فقير جي ڪيڏاري بابت هيءَ پهرين تحقيق هئي، جنهن مان اهو معلوم ٿيو ته شاهه جي رسالي جي سُر ڪيڏاري جا ڪم از ڪم ايڪيتاليهه بيت احسان فقير جي ڪيڏاري جا آهن. راقم 1975ع کان وٺي پراڻن هالن ۾ وڃي، حضرت شيخ جي خانقاهه جي جانشين ۽ فقيرن سان مليو، ذڪر ۽ سماع جي سلسلي ۾ خاص طرح فقيرن جي چيل بيتن بابت پڇا ڪئي. فقيرن جيڪي بيت پڙهيا تن مان معلوم ٿيو ته احسان فقير ڪو گهڻو ڪلام چيو هو، ڇاڪاڻ جو جيڪي بيت مون قلمبند ڪيا، سي پ مخدوم صالح واري مرتب ڪيل احسان فقير جي ڪيڏاري ۾ شامل ڪين آهن.

(شاهه جو رسالو – جلد ڏهون) رسالي جو ڪلام، شارح ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (ص:22 کان 34 تائين) علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ سنه 1996ع).

'سُر ڪيڏارو' شاهه لطيف جو چيل آهي' ان راءِ جي دعويٰ ڪرڻ وارن ڪي گذارش آهي ته اها ڳالهه تحريري ثبوتن سان ثابت ڪن، باقي انومان ۽ دل جا دليل علمي تحقيق ۾ ڪا حيثيت نه ٿا رکن؛ ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر بلوچ تحريري ثبوت ڏنا آهن، تنهنڪري ان دعويٰ کي تحريري ثبوتن سان رد ڪري ثابت ڪيو وڃي ته 'ڪيڏارو' شاهه لطيف جو چيل آهي. باقي صرف ايترو چوڻ ته ڪيڏارو آڳاٽن نسخن ۾ وجود آهي، تنهنڪري شاهه صاحب جو چيل آهي ته پوءِ ان دليل جي روشنيءَ ۾ آڳاٽن نسخن ۾ جيڪي سُر موجود آهن (جن جو مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي) ته پوءِ اهي ٻه سمورا سُر شاهه صاحب جا چيل سمجهڻ گهرجن.

ٻي ڳالهه ته وڏن عالمن ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي ۽ مولانا دين محمد وفائيءَ جي راءِ آهي ته ڪيڏارو شاهه صاحب جو چيل نه آهي. علامه آءِ. آءِ قاضي جهڙي عالم، مفڪر ۽ شاهه جي شارح پنهنجي تيار ڪيل شاهه جي رسالي ۾ سُر ڪيڏارو شامل نه ڪيو آهي ته پوءِ انهن تي ڪاوڙ ڇو نه ٿي ڪئي وڃي؟

ٻيلا فرض ڪيو ته اسان چئون ته شاهه صاحب سُر ڪيڏارو نه چيو آهي ته شاهه جي شخصيت ۽ عظمت تي ڪهڙو فرق پوندو؟ شاهه، شاهه آهي ڪيڏارو چوڻ يا نه چوڻ سان ڪو فرق نه ٿو پوي.

ڊاڪٽر بلوچ وارو شاهه جو رسالو ڪنهن کي نه ٿو وڻي، هُو سمجهي ٿو ته اهو ناقص آهي ته ڪيس ڪنهن روڪيو آهي؟ بسم الله الرحمٰن الرحيم ان کان وڌيڪ مستند

Scanned with CamScanner

۾ معياري رسالو تيار ڪري ڏيڪاري ته هر ڪو واهه واهه ڪندو. باقي ٺلهي ڪاوڙ مان ڪجهه نه ورندو.

سوز صاحب جو هيءَ ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ ائين معلوم ٿئي ٿو ته هو بلوچ صاحب تي ڏاڍو ڪاوڙيل آهي. اها ڪاوڙ واري عينڪ هن ڪلياڻ ڪان جو پاتي ته ڪيڏاري تائين نه لاٿي، ڪٿي ڪٿي وچ ۾ اها عينڪ لاهي، هن ڪن ٻين تي به ٿوري گهڻي ڪاوڙ ڪئي آهي. ظاهر آهي ته جوش ۽ ڪاوڙ واري ڪم ۾ نقص پيدا ٿيندا آهن. مينهين خان جي ڪتاب ۾ به ڪيترائي نقص موجود آهن، جن جي مون نشاندهي ڪئي آهي. مون صرف انهن بيتن تي تنقيد ڪئي آهي، جن جون سوز صاحب پنهنجي طرفان پنهنجي خيال موجب نيون پڙهٽيون ۽ نيون معنائون ڏنيون آهن. باقي ٻين بيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ٻين عالمن به ڏني آهي، تنهنڪري مون انهن بيتن جو ذڪر نه ڪيو آهي.

سوز صاحب جي ڪتاب ۾ جيڪا ڳالهه مون کي سهڻي لڳي آهي، مون ان جو دل سان داد ڏنو آهي، پر مون کي مينهين خان مان جيڪا توقع هئي ته جيئن ته هو ڀٽائيءَ جو پارکو آهي ۽ ڀٽائي جي گهڻن ئي عاشقن ۽ پارکن سان سندس ڪچهريون ٿيون آهن، تنهنڪري هو اهڙو معياري ڪتاب تيار ڪندو جو وهه واهه ٿي ويندي؛ پر افسوس جو سندس هيءَ ڪتاب 'ٻولي ٻجهارت' منهنجي توقع بلڪ ٻين گهڻن دوستن جي توقع مطابق نه آهي. هيءُ سندس پهريون ڪتاب آهي، پنهنجي پر ۾ چڱي محنت ڪئي اٿائين، تنهنڪري بس ايترو ئي چئي سگهجي ٿو.

Some thing is better than nothing

***

Scanned with CamScanner